# انوار العارفين

حصو ٽيون

حق موجود

پيچ مشوري شريف وارا سائين

# انوار العارفين

## ملفوظات شريف

## حصو ٽيون

امامر العارفين ، شمس المعرفين

قيومر زمان ، صوفي باصفا

حضرت مرشد نامربي سائين ميان سائين علي محمد

مشوري قدس الله تعاليٰ سره العزمز المعروف " شفقت ذٽي "

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**سجاده نشين**

**درگاهه عاليه حضرت مشوري شريف**

جامع و ترتيب

**فقير غلامر رسول خاصخيلي " ضلع ٺٽو "**

اهتمامر اشاعت

حضرت قبلا سائين منير احمد مشوري دامت برڪاته عاليه

المعروف" قرب ذٽي"

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

حق موجود　　　　　　　　سدا موجود

" پيبج مشوري شريف وارا سائين "

بسم الله الرحمن الرحيم

الحمدلله رب العالمين والصلاة والسلام علي رسوله الكريم والعاقبة للمتقين والسلام علي هادي المهدين وعلي واقف اسرار الربا نين ؟

حمد بيحد رب قدوس احد صمد جا جنهن انسان کي مظهر اسم اعظم جو بڻائي تاج خلافت سندس سر تي رکايو. ولقد کرمنا جي عزت ۾ " نفخت فيہ من روحي " جي رازن سان کيس ممتاز فرمايو. سڀ تعريف انهيءَ خالق اکبر کي جڳائي جنهن " کنت کنز مخفيا " کي ظاهر کري " خلق آدم علي صورته " جو خطاب ڏئي انسان کي پنهنجي ذات مقدس جو مظهر بڻايو. ارڙهن هزار کائنات جي ذري ذري ۾ پنهنجو جلوو نہ ڏسي. پاڻيءَ ۾ مٽيءَ مان نهندڙ انسان کي پنهنجي تجليءَ جو مرکز بنائيءَ بيائيءَ کي وڃان کڏي فرمايائين تہ " الا نسان سري وانا سره " انسان منهنجو راز آهي ۾ آئون ان جو راز آهيان. انهيءَ

ذاتي محبت جي جوش ۾ " اني اعلم مالا تعلمون " جو ازلي ارادو سمايل آهي. ان مٿيءَ ۽ پاڻيءَ مان ٺهندڙ انسان جي عزت ۽ مرتبي کي ڏسي عرش تي رهڻ وارا نوري ملائڪ حيران آهن. واه انسان تنهنجا نصيب جو ڪائنات جي عظيم خالق تنهنجي قلب ۾ ئي قرار ورتو. انهيءِ مالڪ بيشمار وسعتن جي باوجود پاڻ کي لڪائي توکي ظاهر ڪيائين، توتي حق آهي تہ تون پنهنجي وجود کي نفي ڪري " اني انا الله " جو مظهر بنائي .........؟

درود لامحدود انهيءَ نور پاڪ صاحب لولاڪ باعث ايجاد ارض افلاڪ محبوب مدنيءَ تي هجن،جنهن کي الله سبحانہ و تعاليٰ عالمين جي واسطي رحمت ڪري موڪليو، جنهن جي ئي ذريعي هيءَ ڪائنات وجود ۾ آئي. ۽ جنهن جي ئي وجود مسعود جي نور ڪان ساري تخليق منور آهي. جنهن کي ارض سماءَ جي مالڪ پنهنجي نور مان خلقي پنهنجو ئي محبوب بنايو. سوين سوين ثنائون انهيءَ واحد صمد کي جنهن احديت جي سمنڊ بي ڪنار مان مظهريت جي موج اڀاري وجود مسعود محمدي صلي الله عليہ وسلم کي ملڪ ۽ ملڪوت جو مجمع البحرين بنايو ۽ سندن وجود مسعود جي نور سان عدم جي اونداهہ کي ڪون ومڪان جي صحن تان ٽڙائي نور جي ظهور سان چمڪايو. صلوات و سلام بيشمار وجود مسعود محمود حضرت نبي

ڪريم صاحب خلق عظيم امي عربي صلي الله عليہ وسلم تي نثار هجن. جنهن محبوب مربي جي نبوت کي پروردگار عزاسمہ سيني انبيائن ڪرامن مٿان محيط فرمايو. ۽ انهيءَ رهبر منور جي نبوت کي سڀ کان سابق بڻايو ۽ پڻ خاتميت جي رتبي کي رسايو.

هزارين رحمتون سندس آل اهلبيت سڳورن ۽ اصحابن ڪرامن ۽ پڻ اوليائن اخيارن امت مرحومہ جي پيشوائن رهبرن تي وسن، جن ڪمال اتباع نبوي سان " يحببڪم الله " جي منزل تي مشرف ٿي فيوضات رباني جي روشن سج مان نور سان برپور ٿي لعل بي بها بڻجي پيا ۽ پارس جي پيوستگي سان ناقصائي جي عيب کان نجات حاصل ڪري تخلقوبا خلاق الله تعالي " جي ڪماليت واري سون سان مبدل ٿيا......

امابعد : اولياءَ الله ڪامل مرشد جي زبان فيض ترجمان مان ظاهر ٿيندڙ نڪتا اسرار الاهي ۽ الهام جو ثمر هوندا آهن ؟ طالب موليٰ جي واسطي آب حيات ۽ انهن جي صحبت تامي کي اڪسير سون بنائي ڇڏي ؟..........

يــڪ زمـــانہ صحبت با اولياءَ

بهتر از صد سال طاعت بي ريا !

هڪ گهڙي پنهنجي مرشد ڪريم جي حضور ۾ ويهڻ سؤ سالن جي بي ريا عبادت کان زور ڀلي آهي. اهي شخص خوش نصيب

آهن ۽ انهن جو بخت بلند آهي. جن کي ڪامل مرشد مليو ۽ ان جي صحبت نصيب ٿي. هيءَ اها مهرباني آهي جنهن سان نہ نمازون پهچن نہ روزا، نہ وري ڪا ٻي عبادت. مرشد ڪامل جو هڪ ديدار لکن ڪروڙن حجن کان وڌيڪ افضل آهي اي جان من! توکي گهرجي تہ پنهنجي هادي جي حضور کان هڪ گهڙي بہ پري نہ ٿي اهوئي اٿئي ڪامل معراج

آنها خاک را بنظر کيميا کنند !

سگ را ولي کنند مگس را هما ءَ کنند

مرشد ڪريم جي شفقت جي نظر مبارڪ جيڪڏهن مٽيءَ تي پوي تہ اڪسير سون بنائي ڇڏي. جيڪڏهن ڪتي تي پوي تہ ولي الله ڪري ڇڏي. ۽ جيڪڏهن مک تي پوي تہ هماءَ ڪري اڏاري ڇڏي ؟

اي عزيز: پاڻ حضرت مرشد ڪريم فرمائيندا هئا تہ اسان جو طريقو اويسي آهي حياتي ۾ هيڪوڻ تي ۽ وصال کان پوءِ ڏهوڻ تي فيض ڏيندا آهيون. تون مشڪل ۾ سڏ ڪري ڏس جيڪڏهن مشڪل آسان نہ ٿئي تہ ميار ڏج ؟؟

پر جيڪڏهن قسمت جي ڪوتاهيءَ پاران مرشد ڪريم جي صحبت ميسر نہ ٿئي يا پاڻ وصال ڪري وڃن تہ پوءِ مرشد ڪامل جي ملفوظات شريف مان ڪم ازڪم اڍائي ايمين جو

قدر روزانو پڙهندو تہ دل نہ مرندس ۽ ساڳي فيض مرشد جي حضور وارو حاصل ٿيندس؟؟

بيت

چونکہ گل رفت وگلستان شد خراب

بوئہ گل ازکہ جوئيم ؟ از گلاب !!!

جڏهن بهار جي مند ختم ٿيڻ بعد گل اڪري وڃن ۽ باغ ويران پيو هجي، تہ پوءِ گلن جي خوشبوءِ ڪاٿي ڳولهجي ؟؟ عرق گلاب جي پاڻي مان .........!

يعني گلاب مان عرق ڪڍي رک ان مان خوشبوءِ حاصل ڪندو رهہ ؟

اهڙي طرح اي طالب الله جا تون پنهنجي مرشد ڪريم جي زبان فيض ترجمان مان نڪتل الفاظ مبارڪ موتي بي بها سمجهي سيني ۾ محفوظ ڪري قلم بند ڪري ڇڏ . ۽ ان جو مطالعو ڪندو رهہ، اها تنهنجي باطن جي هر درد جي دوا بيمار ۽ گناهن ۾ آلوده ٿيل تنهنجي قلب جي شفا آهي.........!

ڇو تہ انهن جي زبان خد الله جل شانہ جي زبان مبارڪ آهي مولانا روم فرمايو آهي

گـفـت او گـفـت الله بود

گرچہ از حلقوم عـبـدالله بود

# ملفوظات شريف شفقت ڏٺي بادشاهہ

## حصو ٽيون

**نقل** (1) هڪ دفعي پاڻ فرمايائون تہ مولانارومر فرمايو آهي تہ

چـون گـرفـتي پير هن تسليم شو

هم چون موسيٰ زير حكم خضررو؟

**ترجمہ:** جڏهن مرشد ڪامل ورتو اٿئي تہ هاڻي اهو جيئن ارشاد ڪري اهو حڪم مڃ، جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام، حضرت خضر عليہ السلام جي حڪم هيٺ هليو، ۽ جيڪڏهن مرشد جو حڪم نہ تسليم ڪندين ۽ اعتراض شبها آڻيندين تہ "هذا فراق بيني وبينک" وارو قول تنهنجي ۽ تنهنجي مرشد جي وچ ۾ اچي ويندو. جيئن حضرت خضر عليہ السلام حضرت موسيٰ عليہ السلام کي ڌار ڪري ڇڏيو هو، تيئن تون بہ پنهنجي مرشد کان ڌار ٿي ويندين مرشد توکي ڌار ڪري ڇڏيندو، ۽ سعادت دارين کان محروم رهجي ويندين ياد رک.

بہ مئي سجاده رنگين كن گرت پير مغان گويد

كہ سـالـک بـي خـبـر نبـود زراه ورسم منزلها.

**ترجمون:** جيڪڏهن توکي مرشد ڪامل نماز جي مصلي کي شراب سان تر ڪرڻ لاءِ ارشاد ڏئي، تہ اکيون بوٽي ايئن ڪر ڇاڪاڻ تہ مرشد کي طريقت جي رستي جون راهون ۽ منزلون معلوم آهن.

**نقل** (2) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ: مرشد ڪريمن جو فرمان آهي تہ قادري طريقو اصل الاصول آهي ٻيا سڀ طريقا نقشبندي، چشتي،

سهروردي سندس تاريون آهن ۽ نقشبندي حضراتن جي انتها نفي اثبات تائين آهي. ڪنهن کي ڪٽي اڳتي شغل هوندو قادري طريقي جي ابتدا شروع ٿي نفي اثبات کان آهي

سگ دربار جيلان شو ، اگر خواهي قرب رباني

ڪہ بر شيران شرف دارد، سگ دربار جيلاني

**ترجمو:** جيڪڏهن الله جل شانہٗ جو قرب چاهين ٿو تہ حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنہ جي دروازي مبارڪ جو ڪتو سڏائي، ڇو تہ جيڪو درگاه مبارڪ جو ڪتو آهي تنهن جي شينهن تي بہ بادشاهي آهي..

**نقل** (3) فقير عبدالمجيد جت وينل لڳ نل جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي آئون بيمار ٿي پيس بچڻ جي اميد تمام گهٽ هئي، پوءِ مون کي نل شهر جي اسپتال ۾ داخل ڪيائون پوءِ آئون اسپتال ۾ ستل هوس. فجر نماز جو ٽائم ٿيو. ڏٺم تہ هڪ شخص اسپتال جي ڇت تان هيٺ لهي آيو . جنهن کي خاڪي رنگ جو لباس پيل هو ۽ ڪلهي ۾ ٿيلهو هيس اهو منهنجي بستري تي رکيائين . پوءِ ان ٿيلهي مان هڪ شيشي ڪڍي مون کي سنگهائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. تہ ڏٺم تہ حضرت قبلا مرشد ڪريم سائين ميان سائين جي صورت مبارڪ ان شخص جي اڳيان اچي وئي. پوءِ هو پوئتي هٽي ويو. پوءِ وري ڏٺم تہ ان شخص ٿيلهي مان هڪ صوف ڪڍيو جيڪو تمام سهڻون هو. ان کي رنگ رنگ جا پتا لڳل هئا. اهو صوف ڪٽي مون ڏي وڌيو. ان وقت ڏٺم تہ سائين جن جلال ۾ اچي فرمايائونس تہ " هن جو نالو عبدالمجيد آهي" پوءِ اهو شخص منهنجي پاسي ۾ هڪ بي ڪٽ رکيل هئي. ان وٽ وڃي ويهي رهيو اجان ٿوري دير مس

گذري تہ ڏنم تہ هڪ بيمار شخص کي ان کٽ تي اچي سمهاريائون ، ان وقت ان شخص تڪڙو تڪڙو تيلي مان اوزار ڪڍيا جيڪي لوهہ جا هئا. ٿوري ديرم اهو شخص غائب ٿي ويو. ۽ بيمار ان وقت وفات ڪري ويو .

**نقل** (4) مستانو فقير نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي هي ٻانهون درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ حاضر هو. رمضان شريف جو مهينو هو. هڪ عورت وفات ڪري وئي جيڪا سائين جن جي فقيراڻي هئي، ان کي درگاهہ شريف جي قبرستان ۾ دفن ڪري ويا. مون دل ۾ خيال ڪيو تہ سائين جن ظاهري هتي وينا آهن. ۽ باطن ۾ فقيراڻي وٽ مهرباني ڪئي هوندائون. مون اجان دل ۾ اهو خيال ڪيو تہ پاڻ فرمايائون تہ " هينئر رمضان شريف جو مهينو آهي . پڇاڻون معاف آهي مائي ائينءَ جو ائينءَ ستي پئي آهي."

**نقل** (5) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ حضرت مرشد نامجدد الف ثاني سرهندي رحمت الله عليہ فرمايو آهي تہ اولياءَ الله جي درجي ، ۽ درگاهہ مرشدن ڪريمن جي دروازي مبارڪ ۽ آستاني جي ٻهاري ڏيڻ بادشاهيءَ ۽ وزرائپ . صدر هجڻ کان صد هابار ڀلي آهي...

بيت

دلم با حضوري شكم پر طعام

كہ اين است معراج واصل تمام .

**ترجمو** : مرشد ڪامل جي حضور ۾ رهيو پيو هج ۽ پيٽ ڀري ننگر مبارڪ کاءُ اهوئي اتئي ڪامل معراج .

**نقل** (6) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ سڀ کان پهرين حضور صلي الله عليہ وسلم تي الله تبارڪ وتعاليٰ جل شان ڪلمون پڙهيو ان کان پوءِ

حضرت سيدنا ابابڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ جي روح مبارڪ پڙهيو. پوءِ حضرت سيدنا مولا علي ڪرم الله وجهہ پنهنجي امان سائڻ جي شڪم مبارڪ ۾ پڙهيو. ان ڪان پوءِ حضرت امير عمر رضي الله عنہ ۽ حضرت امير عثمان رضي الله عنہ بہ بنا معجزي ڏسڻ جي ايمان آندو. باقي اصحاب سڀورا حضور صلي الله عليہ وسلم جا معجزا ڏسي ايمان آڻيندا ويا.

**اي عزيز :** ڪامل مرشد ۾ ڪامل اعتقاد رک ۽ پنهنجي پير ڪامل ڪان معجزن ۽ ڪرامتن جي طلب نہ ڪر، ڇو تہ اهو ايمان جو ٻيو درجو آهي، تون حضرت ابابڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ ۽ حضرت مولا علي شير خدا ڪرم الله وجهہ. وارو سوز ۽ درد دل ۾ پيدا ڪر تہ توکي پنهنجي ڪامل مرشد جي حقيقت معلوم ٿئي ۽ پنهنجي حقيقي يار جو وصال حال نصيب ٿئي.

**نقل** (7) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ ، اگر ڪوئي شخص ساري عمر رياضتن ۾ صرف ڪري ٿو ۽ هڪ پير تي بيهي ٽيهہ سال مجاهدا ٿو ڪري تہ بہ باطني طريقي ۽ لقاءِ الاهي ڪان نا واقف آهي جيستائين ڪہ ڪامل مرشد جو توجهہ ۽ توفيق حاصل ڪري ،جڏهن ان جي توجهہ ۽ نسبت ٿيندي پوءِ سڀ ڪجهہ حاصل ڪري سگهندو. ڇو تہ مرشد ڪامل جو هڪ توجهہ سالہ سال جي عبادتن ڪان وڌيڪ آهي

بيت فارسي

مـــرشـــد تـــورا مـــراتب رهنما
طـلـب كـن از مـرشـد رويــت لـقــاءَ
حــافـظ شـدي عــالـم شدي زنده زبان

بي خبر از تصديق و حدت بي عيان .

**يعني** : تنهنجي مرتبن جو مرشد رهنما آهي اها شيءِ توکي حاصل نہ ٿي سگهندي ، اها شيءِ پنهنجي مرشد کان طلب ڪر تہ رويت الاهيءِ کان مشرف ٿيئن ، اگر تون حافظ قرآن ٿيئن يا عالم ٿي تقريرون واعظ ڪري زنده زبان ٿي خلق کي تقريرون ٻڌائين پر اگر تون واٽ وحدت کان بي خبر آهين تہ ظاهر ظهور تون ڌاڙي آهي .

**نقل** (8) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ طالب کي فنافي الشيخ هئڻ کپي ۽ مرشد جي هر هڪ رسم ادا ڪري ، حتيٰ ڪ صورت پنهنجي کي صورت مبارڪ مرشد ۾ فنا ڪارائي . اينءَ تصور ڪري تہ منهنجي صورت ناهي . بلڪ اها منهنجي مرشد جي صورت مبارڪ آهي . يعني تون نہ هج تنهنجو مرشد هجي پوءِ فرمايائون تہ منهنجا هادي رهبر سائين مشورن وارا سائين فرمائيندا هئا تہ " اوهان پنهنجي سڄي صورت کي مرشد جي صورت وانگربڻايو.

اگر هڪ وار بہ پنهنجي مرشد جي وار جهڙو سمجهي تہ بہ نجات پائي ويندو. صورت مرشد جي پچائڻ ۾ اينءِ ٿيندو تہ ٻئي صورتون هڪ ٿي وينديون . مرشد ڪامل جي توجهہ سان طالب کي " يدالله فوق ايديهم" جو مرتبو حاصل ٿيندو.

بيت فارسي

بسيار ديده ايم کہ يکہ را دو کرد تيغ

وين تيغ عشق بين کہ دورا يکہ کند ..

يعني گهڻو ڏٺو اٿئون جو ترار هڪ مان ڪبي بہ ڪندي آهي پر هيءَ عشق جي ترار تہ ڏس جو ٻن کي هڪ ڪري ڇڏي...

**نقل (10) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ**

**رود چهار هزار گناهہ چون گوئي**

**بصدق مد کشان لاالاالاالله.**

**هڪڙو دفعو لاالاالاالله مدشد سان چوڻ سان چار هزار ڪبيرا گناهہ ڍهي پون ٿا. چو تہ حديث قدسي ۾ آهي تہ " لڪل شيءِ مصقلۃ ومصلۃ القلب لاالاالاالله " يعني سڀ ڪنهن شيءِ لاءِ ڌوپ ۽ صفائي آهي دل روح ۽ ايمان جو ڌوپ ۽ صفائي ذڪر پاڪ لاالاالاالله آهي**

**اي عزيز: حديث شريف ۾ آيو آهي تہ**

وعن ابي هريرة رضي الله تعاليٰ عنہ قال قال

رسول الله صلي الله عليہ وسلم جد دوا ايمانكم

قالو بم يارسول الله صلي الله عليہ وسلم قال

اكثر و امن قول لاالاالاالله...

**يعني حضرت ابوهره رضي الله تعاليٰ عنہ سهڻي حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم کان روايت ڪري ٿو تہ پاڻ فرمايائون تہ پنهنجي ايمان ڪي ذڪر پاڪ لاالاالاالله سان نئون ڪريو ۽ ذڪر جي حلقي ۾ ويهندا ڪريو ذڪر ڪرڻ وارا ، قلب روشن وارا محبوب جي صورت پڇاڻڻ وارا. جڏهن پل صراط تان لنگهندا. تڏهن هينئون دوزخ دانهن ڪندو تہ .**

"روح روح يامومن نورك ليطفئو ناري"

**اي ذڪر ڪرڻ وارا، محبوب جي اسم ڪي اچارڻ وارا مرشد جي صورت ڪرڻ وارا، تون تڪڙو تڪڙو لنگهي وڃ . اهو تنهنجو نور منهنجا سنئي جهنم وسائي ٿو .**

**نقل** (11) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ مالڪ اسان جا فرمائيندا هوا تہ. اسان جي طريقي ۾ ذڪر پاس انفاس آهي. جيڪو تڙ جي حالت ۾ بہ پڙهبو آهي، زال سان حق شرع جي ادائيگي وقت بہ پڙهبو آهي. وضو هجي نہ هجي تہ بہ پڙهہ ليٽرين ۾ اندر وينو هج تہ بہ اهو پڙهہ جينءَ پڙهندين تينءَ اندر تنهنجا ڇهين لطيفا چمڪندا ۽ ٻاهر هينءَ روشن ٿيندين پوءِ فرمايائون تہ اهو ذڪر اسان جي پيرن جي طريقي ۾ آهي جن پڙهيو آهي انهن کي خبر آهي،

جن نہ پڙهيو آهي انهن کي اها خبر هجي،اها شيءِ ڪڏهن بہ وساربي ڪانهي....

حضرت شير خدا فرمائيندو هو تہ هڪڙي گهڙي جيڪڏهن اسان جو دم اسم ذات کان ٻاهر وڃي تہ انهيءَ وقت اسان پاڻ کي ڪافر سمجهندا آهيون ...ائن پهرن ۾ ٽيهن تاريخن ۾ اهو اسم نہ وسري، ۽ صورت پاڪ مرشد ڪريم جي گڏ هجي، جينءَ هوائي جهاز سارو پلاسٽڪ جو نهيل آهي.۽ مشين هن کي لوهہ جي آهي ،هن ۾ اهڙو پاور رکيو اٿن جو هينءَ اها ڪل چري تہ عرشن تي اڏري وڃي. اهڙي طرح مرشد جي صورت اٿو هوائي جهاز جي مشين وانگر، جن شخص کي اها صورت مبارڪ سيني ۾ نہ آهي. اهو ياندو ڪلر اٿو ۽ جنهن جي سيني ۾ مرشد ڪامل جي صورت مبارڪ آهي خدا جو قسم اها صورت هينءَ روشن آهي، .

**اي عزيز:** ذڪر پاس انفاس جي پڪي ٿيڻ جي اها نشاني آهي تہ جيڪڏهن ٽن ڏينهن جي بک هجي تہ بہ اهو ذڪر نہ وسري ۽ جيڪڏهن پنهنجي گهرواري سان صحبت ڪري تہ بہ اهو ذڪر نہ وسري، عارف بالله خليفي محمود رحمت الله عليہ پنهنجي هڪ فقيراڻي کي ان ذڪر پسا هن واري جي اجازت ڏني هئي، جنهن جي تڪرار سان اهڙي ڪماليت ظاهر

" صلوات سونهاري ڏونگر ڏاري "

اهو ڇٺو شوڪارو هٽندا هٽا تہ ماٺهو خوش چڱا ڀلا ٿيندا وڃن، هيءَ صلوات شريف اها مهرباني آ جو الله سائين جل شانہ پاڻ پنهنجي زبان مبارڪ سان ، حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم تي ملائڪن سان گڏ پڙهندو آهي اها صلوات شريف قدسي آهي.

" صلي الله علي محمد والہ وسلم "

**نقل** (13) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ منهنجي قادري طريقي جون چار تسبيحون جيڪو بہ مرد عورت پڙهندو. ان جي ايمان جا اسان ظامن آهيون، ان جي قبر ۾ اسان گڏ آهيون ، چئن تسبيحن پڙهڻ وارو قيامت جو خوف نہ ڪري اسان وينا آهيون ، ان جي ايمان جا ذميدار اسان وينا آهيون ڪوئي پئو نہ ڪري الله کي عذاب ڪرڻ تہ ڇڏينداسين منڪر نڪير کي عذاب ڪرڻ تہ ڇڏينداسين حشر جي ميدان ۾ سج جي تپش ۽ گرمي ڪرڻ تہ ڇڏينداسين. توهان کي عرش عظيم جي پاڇي ۾ سمهارينداسين . پوءِ پاڻ فرمايائون تہ چار تسبيحون ذڪر جون ۽ پنج وقت نماز پڙهو اسان وينا آهيون. ڪجهہ بہ توهان کي نہ ٿيندو، توهان هينءَ سمجهندئو تہ پنهنجي گهر بنگلي وڏي باغ ۾ وينا آهيون .

**نقل** (14) هڪ دفعي سائين جن درگاهہ شريف تي جمع نماز بعد حاضرين جماعت کي تلقين ڪندي فرمايو تہ دنيا تہ چار چند ڏيهاڙا آهي. توهان اسان مهمان آهيون پوءِ پاڻ هي فارسيءَ جا بيت پڙهيائون.

چہ دل بندي درين دنيا

کہ روزہ چند مهماني

چنان گہ مرگ پہ شايد

خوريــــن آن دم پشيمــــانــي.

**يعني :** هن دنيا سان دل نہ ٻڌ جو ٻہ ٽي ڏيهاڙا مهمان آهي . دنيا سان جو دل ٻڌي اٿئي اها بي فائدي اٿئي ، اها' فنا آهي . دنيا سان دل نہ ٻڌ مهمان آهيون، اوچتو موت ايندي پوءِ پشيمان ٿيندين تہ هي هٿ خالي ڪري آيس ڪجهہ نہ ٿيو..

**اي عزيز:** مولانا جامي رحہ هن دنيا جي فاني جنسار تي ٻارن وانگر موهجي وڃڻ کان منع ڪندي يوسف ذليخان جي منڍ ۾ فرمائي ٿو .

دلا تــا کـــه دريــن کاخ مجـازي
کـــنــي مــانــند طـفـلان خـاکبازي
توئي آن دســت پـرور مـرغ گستـاخ
کـہ بـودت آشيــان بـيـرون ازيـن کاخ
چـران زان آشـيـان بـيـگانہ گـشـتي
چـون دونـان چـغـد ايـن ويرانہ گشتي
بـيـفـشـال بـال وپـرز آمـيـزش خـاک
بــپـرتا کـنـگـر ايـوان ا فـــلاک

**يعني :** اي روح تون هن مجازي محلات ۾ ڪيترو وقت ٻارن وانگي مٽيءَ سان پيو راند ڪندين، تون اهو دادلو ڪوڏسان نپايل پکي آهين، جنهن جو اصلو ڪو آکيرو هن فاني محلات کان ٻاهر هو، ڇو انهيءَ آکيري کي ڇڏي ويڳاڻو ٿيو ڇٻري وانگر هن دنيا جي ويراني ۾ پيو ڀٽڪين، هن دنيا جي دز پنهنجي پرن تان ڇندي پرواز ڪري وڃين عرش جي ڪنگرين مٿان ويهہ

**نقل** (15) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ حديث شريف ۾ آهي تہ نطفو جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ ٻچي داني ۾ پوندو آهي . تڏهن چاليهہ ڏيهاڙا اينءَ پيو هوندو آهي . پوءِ قدرت انسان بنائيندي آهي ، وري پيو چاليهو ٿيندو تہ رت جو دڳ ٿيندو آهي ، وري ٽيو چاليهو ٿيندو آهي تہ عضوا،مٿو،اکيون،نڪ،پير،هي قلب ۽ سيئي عضوا نهي راس ٿيندا آهن،پوءِ الله سائين جل شانہ قلم کي حڪم ڏيندو آهي ، تہ قلم ڪڻ اهو ٻار آ جيڪو نياٽي آ توڙي پٽ آ انهيءَ جو لک تہ ڪهڙي هنڌ مرندو، نيڪ بخت ٿيندو ڪ نہ نياڳو ٿيندو، نمازي ٿيندو ڪ نہ بي نمازي ٿيندو

**نقل** (16) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي تہ ، هڪڙي ماڻهو جا ٽي دوست هئا، جڏهن مرڻ جي مهل آئي ، تڏهن ٽنهي دوستن کي سڏي پڇيائين تہ توهان هن موت جي وقت مون سان ڪهڙي مدد ڪندئو، پوءِ هڪ دوست چوندس تہ مان سڄي عمر تنهنجي خذمت ڪيم پرهاڻي مان بي وس آهيان، موت کي روڪي نہ ٿو سگهان، وري ٻي دوست کي سڏي پڇيائين تہ تون مون سان ڪيتري مدد ڪندين، هن چيو تہ مان هيتري مدد ڪندس جو مرڻ وقت مان تون کي وهنجاريان ، تنهنجي قبر تي ڦل هار وجهان، تنهنجي قبر تي قبو اڏيان ۽ چانو ڪريان ، تو کي خمتون بخشيان ۽ وري واپس گهر اچان، وري ٽي دوست کي سڏي پڇيائين تہ، تون منهنجي ڪهڙي مدد ڪندين،ٽيون دوست چوي ٿو تہ فڪر نہ ڪر غم نڪر ڳڻتي نہ ڪر ، تو سان قبر ۾ بہ گڏ هلندس ، قيامت تائين قبر ۾ هوندس، منڪر نڪير جي سوالن جوابن ۾ پاس ڪندس ۽ عذاب ڪرڻ نہ ڏيندس ، حشر جي ڏينهن جڏهن قبر مان اٿندين تہ ان ڏينهن بہ مان تون سان گڏ هوندس، سج جي گرمي ٿيڻ نہ

ڏيندس، عرش عظيم جي پاڇي ۾ سمهاريندس، صالحن ٻانهن جي ڪچهريءَ ۾ ويهاريندس ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جي ڪچهريءَ ۾ ويهاريندس،

پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اهو ڪهڙو دوست آ. اهو آهي نماز روزا حج ذڪواتون. قرآن شريف جو دور، خيرخيراتون، جيڪي ڪيو تا. اڳيئون، اهي انساني صورتو بڻبا.

**نقل** (17) هڪ دفعي سائين جن درگاهہ شريف تي جمع نماز بعد حاضرين جماعت کي تلقين ڪندي فرمايو تہ. پنهنجي مرشد ڪريمن جي صورت مبارڪ کي پنهنجي اندر ۾ جاءِ ڏي، اها صورت مبارڪ اندر سيني ۾ هجي، پر جيڪڏهن سيني کان بہ پنهنجي صورت تي هاوي محيط ۽ احاطو ڪرائيندين، ائينءَ سمجهہ تہ هيءَ منهنجي صورت ناهي، هي صورت منهنجي سائين جي آهي، پوءِ تہ لڙئي لهي وجن، انشاءِالله تعاليٰ ... انهي صورت مبارڪ ۾ الله جي صورت بہ اتي آ. تہ محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي صورت بہ اتي آ. تہ حضرت بغداد شريف واري جي صورت بہ اتي آ. سيني ولين جي صورت مبارڪ بہ اتي آ. هڪڙي ڪامل مرشد جي صورت ۾ ساري محويت الله کان وٺي ويندي قيامت تائين سيئي صورتون اتي گڏ آهن.

**اي عزيز،** طالب کي کپي تہ پنهنجي هادي مرشد جي صورت مبارڪ ۾ فنا ٿي وڃي، جينءَ عارفن جي بادشاهہ حضرت بايزيد بسطامي رحمت الله عليہ. فرمايو تہ مون کي چاليهہ سال ٿيا آهن، تہ آئون بايزيد کي ڳوليهان پيو پر بايزيد ڏسڻ ۾ ئي نہ ٿو اچي، ڇو تہ بايزيد پاڻ پنهنجي مرشد جي صورت ۾ فنا هو، جو پنهنجو وجود ڏسڻ ۾ ئي نٿي آيس، جينءِ برسات جو هڪ قطرو جڏهن سمنڊ ۾ پيو تہ خد سمنڊ بنجي ويو، اهڙي طرح

مرشد ڪامل جيڪو وحدت الوجود جو بيڪار سمنڊ آهي، ان ۾ جڏهن طالب فنا ڪائي ٿو، ۽ ڪثرت جي قيد مان نڪري فنا ۽ بقا کان اڳتي قدم رکي، جڏهن پنهنجي وجود تي نظر ڪري ٿو،جيڪو جامع جهان آهي،ان وقت بي اختيار " اني انالله " "ماعظم شاني" ۽ منصور وانگر" انالحق،انالحق " جا نعرا هڻي ٿو .

**نقل** (18) هڪ دفعي سائين جن فرمايو ته حضرت پير سائين روضي ڌڻي بادشاهه جيڪي اسان جا مرشد آهن، انهن جي فقيرن اهڙي ته صورت ڪمائي هئي، جو فقير هينءَ اٿهي بيهندا هئا ته پير سائين جن اچي ويا، ايڏو صورت کي ڪمايو هئائون، توهان ۽ اسان ڪاٿي ڪمايو آ، پوءِ فرمايائون ته خليفو حضرت محمود ڪڙيي گهنور وارا اهي مرد هئا، جڏهن پير سائين وصال پيا فرمائين تڏهن پير سائين جن سان ڏندو ڪٽي ويهي رهيو، ته عزرائيل اسان جي سائين جي سامهون اچي ته هي ڏندو عزرائيل جي ڪنڌ تي هڻندس، پوءِ پير سائين فرمايو ته هن کي ٻاهر ڪڍي وڃو، عزرائيل تيسن ايندو ئي ڪونه هن کان ڏڪي ٿو، جيستائين هي اتي ويٺو هوندو، تيستائين عزرائيل مان وٽ پهچندو ئي ڪونه اسان کي شوق آ پنهنجي رب جي ديدار جو، ۽ انهيءَ ملڪ جي ڏسڻ جو، ان ڪري هن کي وٺي وڃو  خليفو جڏهن ٻاهر نڪتو ته پير سائين جن خير سان برقعو مٽايو، پوءِ سائين جن فرمايو ته اها ڪهڙي طاقت آهي، اها مرشد ڪريم جي محويت جي طاقت آهي، ۽ باطني طاقت آهي، ملائڪن جي طاقت کان به انهيءِ فقير جي طاقت،جنهن ڪامل مرشد جي ذات کي ڪمايو آ ان جي طاقت مٿي آ

بيت

عاشق ويا اوڏهين جت جاءِ نہ جبرائيل
موچ حيدر سندي ميدان ۾ ماڳ نہ ميڪائل
آڏو تيا اڳي ويا ڇڏي اڏ ۾ عزرائيل
غلام حيدر گو دڙيا نيا سڪ سبيل
انئي پيهر عليل عاشق گم الله ۾

**نقل** (19) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ مرشد ڪامل جي صورت ڪان جي ابتي تقدير هوندي تہ بہ سبتي تقدير ٿيندي، مهر منڊي هوندي آهي ان ۾ اکر ابتا اکريل هوندا آهن، پوءِ اهي ابتا اکر مس ۾ ٻوڙي منهن ابتو ڪري وجين ٻني تي الله کي سجدو ڪندي آهي، تہ هن جا ابتا اکر بہ سبتا ٿي پوندا آهن، اهڙي طرح مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ ابتي تقدير کي سبتو ڪري وجهندي آهي، منهنجي سائين مشوري شريف واري جي صورت مبارڪ ڪريو ۽ پوءِ مزا ڏس،پنهنجي اڳئين حياتي بہ ياد ڪر هاٺي هيءَ حياتي بہ ڏس، بهشت جي وچ ۾ وينو آهين، ڪاٿي وينو آهين، مدني سرڪار سان گڏ وينو آهين،اها سائين مشورن واري جي صورت مبارڪ الله سان ملائي تہ نبيءَ سان بہ ملائي، توهان ۽ اسان جي ابتي تقدير پاڙهي سبتي ڪندي..

بيت.

ويهہ وجين تن وٽ قلم جن جي هٿ ۾
ميتي انگ اڳيان واري ٻيو لکن
اڳيان محبوبن ڪڇڻ جاءِ نہ ڪنهن جي.

**نقل** (20) هڪ دفعي پاڻ فرمايائون تہ عبادت جو منڊ اٿو پنهنجي مرشد پير جي صورت انهيءَ صورت کي نماز ۾ گڏ ڪر، اتحيات ۾ گڏ ڪر،رڪوع ۾ گڏ ڪر، سجدي ۾ گڏ ڪر گهمڻ ۾ گڏ ڪر،نوڪرين ۾

گڏ ڪر، ٽيبلن تي وينو هج گڏ ڪر پردڪان تي وينو هج گڏ ڪر، موٽر ڪار هلائي موٽر سائيڪل هلائي، ڇا ٻـ ڪرين اها صورت گڏ هجئي پوءِ مزا ڏس دنيا تنهنجي ڪاڻ آهي الائي ناهي،اهو جي يار هوندو تـ پوءِ دنيا ڪاٽي هوندي، بس جان ڇٽي .

**نقل** (21) مستانو فقير نقل ٿو ڪري تـ هڪ دفعي منهنجي مامي هڪ بزرگ شاهہ صاحب جيڪو وصال ڪري ويو هو، ان جون ڪرامتون تمام گهڻيون ٻڌايون، آئون اڃا سائين جن جو نئون فقير ٿيو هئس مون ڪي دل تي بار ٿي پيو تـ اسان جا مرشد ڪريم هيڏي وڏي هستي آهن، سائين جن اسان کي اهڙي ڪرامت ڇو نٿا ڏيکارين، پوءِ رات جو خواب ۾ سائين جن ديدار جي مهرباني ڪئي ۽ فرمايائون تـ " توهان ٿورڙي ڳالهہ تي ڦاسي ٿا پئو، اهو شاهہ صاحب اسان جي اڳيان ڪاشيءَ ڪانهي، توهان کي اها خبر آهي اهو شاهہ صاحب ڪهڙي طريقي جو هو، مون عرض ڪيو تـ نـ قبلا سائين، پاڻ فرمايائون تـ اهو شاهہ صاحب شيعي طريقي جو هيو." پوءِ منهنجي دل تان بار لهي پيو. .

**نقل** (22) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تـ اسان جي هن محبوب جي جماعت ۾ ڪي اهڙا آهن، اهي ڏناسين جن جي صورت سائين مشورن واري جي پوري پوري ٿي وئي، جي هينءَ اوچتو ايندا هئا تـ اٿي بيهندا هئاسين تـ سائين مشورن وارا اچي ويا. انهن ۾ هڪڙو فقير غلام رسول ماڇي هو، هو تـ ون ٿين حرامي توهان کي خبر آ، ڌاڙيل هو، چور هو، خوني هو، پر جڏهن يار جو رنگ لڳو، تڏهن ٿامي کي ٿئو ڪيميا جو لڳو تـ سون ٿي پيو، ڪاڏي ويون اهي ڳالهيون خد پاڻ غلام رسول سائين مشورن وارو بڻجي ويو.

بيت

من تو شدم تو من شدي من تن شد م تو جان شدي

تاکس نہ گويد بعد ازين من ديگرم تو ديگري

اي منهنجا محبوب، مان تون ۽ تون مان ٿيس، تون ساھ ۽ مان جسم بنجي ويس، هن کان بعد ٻيو ڪوبہ ائين نہ چوي تہ مان ٻيو آهيان ۽ تون ٻيو آهين .

**نقل** (23) هڪ دفعي سائين جي تقرير مبارڪ ۾ فرمايو تہ حديث شريف ۾ آهي تہ، الله سائين بهشت ۾ هڪ وڻ پيدا ڪيو آهي، جنهن جو نالو شجرت اليقين آهي، پوءِ حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ذاتي نور مبارڪ کي موتي وانگر مورجي شڪل ۾ ان وڻ تي وهاريو، پوءِ انهيءَ سفيد موتيءِ مور جي صورت ستر هزار ورهہ ان وڻ تي تسبيع پڙهي، پوءِ ان کان بعد الله جل شانہ حياءَ جو آئينو پيدا ڪيو، پوءَ اهو حياءَ جو آئينو انهيءَ مور جي سهڻي صورت آڏو رکيو ويو، پوءَ مور جڏهن پنهنجي حسين جميل صورت ڏٺي تہ الله کان حياءَ ڪيائين، ۽ پنج وقت الله سائين جل شانہ کي سجدوڪيائين، اهي پنج وقت نماز جا ٿيا، پوءَ الله سائين جل شانہ ان نور جي طرف نظر ڪئي، پوءَ نور الله سائين جي نظر کان سارو پگهر جي ويو، پوءَ ان پگهر مان ملائڪ فرشتہ پيدا ڪيائين، ان جي منهن مبارڪ جي پگهر مان عرش ڪرسي لوح قلم سج چنڊ تارا ۽ جو بہ آسمانن ۾ آهي پيدا ڪيائين، ۽ سيني مبارڪ جي پگهر مان نبيءَ مرسل ۽ عالم سڳورا ۽ شهداءَ ڪرام ۽ صالع ٻانهارب جا پيدا ڪيائين، پرن مبارڪ جي پگهر مان اهل ايمان جا پيدا ٿيا، ڪنن مبارڪ جي پگهر مان يهودي نصارا ۽ مشرڪ مجوسي پيدا ٿي ويا، پنيءَ مبارڪ جي پگهر مان زمين ساري پورب پڇم پيدا ٿي ويا، دنيا

جي ساري خلقت منهنجي محبوب جي وجود مان پئي ٺئي، پوءِ الله سائين جل شانہ فرمايو تہ، اي منهنجا حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم، اڳيان بہ ڏس پويان بہ ڏس ساڄي پاسي بہ ڏس کابي پاسي بہ نظر ڪر، پوءِ نور محمدي صلي الله عليہ وسلم جا ڏي ڪا ڏي نظر ڪئي، ۽ چئن طرفن ڏي ڏنائين انهيءَ منجهان چار يار پيدا ٿيا، حضرت ابابڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ ، حضرت فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنہ، حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ ۽ حضرت مرشد مولا علي حيدر ڪرار رضي الله تعاليٰ عنہ، پوءِ ان نور ستر هزار ورهہ وري بي تسبيع پڙهي، تڏهن الله سائين جل شانہ نبين جي روحن کي پيدا ڪيو ۽ انهن کان لاالہ الاالله محمد رسول الله صلي الله عليہ وسلم پڙهايائين، هڪ لک چوويهہ هزار نبين جي روحن منهنجي حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم تي ڪلمون شريف پڙهيو، پوءِ الله سائين جل شانہ عقيق ڳاڙهي جي شفاف قنديل پيدا فرمائي، پوءِ حضور صلي الله عليہ وسلم جي صورت مبارڪ جيڪا دنيا ۾ هئي، ان کي عقيق ڳاڙهي جي قنديل ۾ وهاريائين، ۽ تمام روح جيڪي بہ آهن، نبين جا شهدائن جا ولين جا، ۽ سيني انسانن جا، سيني کي چيائين تہ منهنجي محبوب کي طواف ڪريو، جيئن بيت الله کي طواف ڪبو آ، ۽ ستر هزار ورهہ انهن کان تسبيع ۽ تهليل پڙهايائين، پوءِ سائين جن فرمايو تہ تسبيع سبحان الله کي چئبو آهي، ۽ تهليل چئبو آهي لاالــہ الاالله کي ۽ پوءِ الله سائين جل شانہ حڪم ڏنو تہ، هاڻي سيئي منهنجي محبوب جي نور جي طرف ڏسو، پوءِ سيني روحن محبوب جي نور جي طرف ڏنو، پوءِ جنهن سر مبارڪ ڏنو سو خليفو بادشاهہ ٿيو، ۽ جنهن پيشاني مبارڪ ڏٺي سي امير ۽ عادل ٿيا، جنهن

پرون مبارڪ ڏنا سي نقاش ٿيا. جن ڪنن مبارڪن کي ڏنو سي صاحب اقبال ۽ نفعي مرتبي جا ٿيا. جنهن اکين مبارڪ کي ڏنو سي حافظ القرآن ٿيا. جن ڳل مبارڪ ڏنو سي، سخي ۽ عادل ٿيا. جن نڪ مبارڪ ڏنو سي عطار ۽ طبيب ٿيا. جن چپ مبارڪ يا ڏند مبارڪ ڏنا سي سهڻان ۽ خوبرو ٿيا. جن زبان مبارڪ ڏني سي بادشاهن جا قاصد ٿيا. ۽ واعظ تقريرون ڪندڙ ٿيا. جن منهن مبارڪ ڏنو سي روزيدار ٿيا. جن سونهاري مبارڪ ڏني سي شهيد ٿيا. جن منهنجي محبوب جي ڳچي مبارڪ تي نظر ڪئي سي تاجر ٿيا. جن جي ٻنهي ٻانهن مبارڪ تي نظر پئي سي تلوار ۽ نيزي هڻندڙ ٿيا. جن سڄي طرف واري ٻانهن کي ڏنو سي حجم ٿيا. جن کٻي ٻانهن کي ڏنو سي جلاد ٿيا.جن سڄي هٿ جي تري مبارڪ کي ڏنو سي صراف ٿيا. جن کٻي هٿ جي تري کي ڏنو سي ماپڻ وارا ٿيا.جن ٻنهين ترين کي ڏنو سي سخي ۽ صاحب ڪسب جا ٿيا. جن آڱرين کي ڏنو سي درزي ٿيا. جن هٿن جي پٺيءَ کي ڏنو سي بخيل ٿيا. جن سڄي هٿ جي آڱرين کي ڏنو سي ڪاتب ۽ لکندڙ ٿيا. جن سينو مبارڪ ڏنو سي عالم ۽ مجتهد ٿيا.جن پشت مبارڪ ڏني سي نوڙت ڪندڙ متوازع ۽ شريعت پاڪ جا مطيع ۽ تعبدار ٿيا. جن پاسا مبارڪ ڏنا سي نمازي ٿيا. جن بطن مبارڪ کي ڏنو سي قناعت وارا ۽ زاهد ٿيا. جن گوڏا مبارڪ ڏنا سي رڪوع ڪندڙ ۽ سجدي ڪندڙ ٿيا. ۽ جن پير مبارڪ ڏنا سي شڪاري ٿيا.جن قدم مبارڪ جي هيٺان ڏنو سي بري هلڻ وارا چور زاني ذاڙيل بدمعاش ٿيا. جن پاڇو مبارڪ ڏنو سي سرودي ٿيا. جن ڪجهہ بہ نہ ڏنو سي ڪافر مشرڪ يهودي نصارا ٿيا.

**نقل** (24) هڪ دفعي سائين جن درگاهہ شريف تي جمع نماز کان بعد حاضرين جماعت کي تلقين ڪندي فرمايو تہ هي سينو اهو گهر آ. جو الله

سائين ٿو فرمائي تہ مان ستئي زمينن ۽ ستئي آسمانن ۾ ڪونہ ٿو ماپان، مگر اي انسان تهنجي اندر سيني ۾ مان الله سمائجي ٿو وڃان. پاڻ فرمايائون تہ ست سمنڊ ۽ ست درياءَ هينءِ ڇوليو هڻندا وهندا اچن ٿا. هن سيني ۽ قلب ۾ خبر ڪانہ ٿي پوي تہ الائي ڪهڙي ڪنڊ ۾ ويا. اهي سيئي لهرون هڻندا هتي سيني ۾ اچن ٿا. اندر الائي ڪهڙي شيءِ آهي جو اتي گم ٿي ٿا وڃن. پوءِ فرمايائون تہ هي سمنڊ ۽ هي درياءَ انهن سيني کان هي سينو برتر آهي، پر جي سيني جي اندر مالڪ جو اسم ناهي. ۽ جنهن سيني جي اندر پنهنجي مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ ناهي تہ اهو ڪُڏڙي وانگر آهي. ڪا شيءَ اتي ڪانهي بٺ آهي. مستاني جي ڪافي ٻڌئي هيءَ صورت مبارڪ مرشد ڪريم واري اها آهي جنهن ۾ حضرت محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم واري صورت مبارڪ بہ آهي، تہ الله جي صورت مبارڪ بہ اتي آهي.

**اي عزيز:** سلطان العارفين بايزيد بسطامي جڏهن قرآن شريف جي هيءَ آيت " اعوذ بالله من الشيطان الرجيم الرحمٰن علي العرش استوي " ٻڌي تڏهن عشق ۽ محبت جي جولانن مان افلاڪن کان لنگهي وڃين عرش تي پهتو. ۽ عرش کان پڇا ڪيائين تہ الله جو ڏس ٽوتي آهي. تون مون کي الله ڏيکار عرش عظيم جواب ٿو ڏي تہ. مون بہ ٻڌو آهي تہ " قلب المومن حرم الله " مومن جي دل الله جو حرم آهي، سبحان الله........

فرش وارا عرش تي ۽ عرش وارا فرش تي الله کي ڳولهين ٿا ......

مگر مالڪ قدوس فرمائي ٿو تہ. " لايسعني الارض ولاسماءِ الا يسعني القلب عبدالمومن "

الله سائين فرمائي ٿو تہ زمين ۽ آسمانن مونکي نہ سمايو مگر مومن ٻانهي جي قلب ۾ مان الله سمائجي ٿو وڃان.

**نقل** (25) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ عبادتون ڪٿي لک ڪر، جي اها شيءَ نہ آهي تہ ڪجهہ بہ ناهي، شيطان لک عبادتون ڪيون، پر محبوب جي صورت ڪانہ ڪمائين، محبوب جي نور تي نظر نہ ڪيائين، ظاهري آدم ڏٺئين غير ڏٺئين محبوب جو نور نہ ڏٺئين، جي ڏسي ها تہ جهڪي پوي ها لعنت ئي نہ پويس ها، جيئن ملائڪ هيٺ جهڪي پيا، هن غير سمجهيو پر ان غير ۾ اندر توحيد هئي، انڌو اها نظر ڪري ليٿي پئي ها تہ ملڪ تان ڏچو ئي لهي پوي ها.

**اي عزيز:** حضرت جلال الدين رومي فرمايو آهي تہ،

بيت فارسي

گرنبودے ذات حق اندر وجود

آب گل را کہ کند ملکہ سجود

نہ مسجود ملائک بود آدم

کہ نور پاک دروي بود مدغم

اگر این نکتہ دانسي عزازيل

هزاران سجده آورد در آن دم .

**يعني** ۔ جيڪڏهن الله جل شانہ جي ذات حضرت آدم عليہ السلام جي وجود ۾ نہ هجي ها تہ پاڻي ۽ مٽيءَ کي ملائڪ ڪينءَ سجدو ڪن ها. حضرت آدم عليہ السلام فرشتن جو مسجود نہ هو، بلڪ ان ۾ نور پاڪ رکيل هو، جيڪڏهن عزازيل هن نڪتي کي سمجهي ها، تہ ان وقت هزار ها سجدا ڪري ها.

**نقل** (26) هڪ دفعي سائين جن درگاهہ شريف تي جمع نماز بعد حاضرين جماعت کي تلقين ڪندي فرمايو تہ. سبق پچاڙيءَ جو توهان کي اهو وصيت ڪندس، تہ الله سائين جل شانہ اسان کي محويت جو سبق عطا ڪري، مستاني جي ڪافي اسان کي ڏاڍي وڻندي آ. تہ " مرشد جو اچڻ آ خدا جو اچڻ " وهابي ان مام کي نہ سمجهندو، ڇڻ ماٺهو انهيءَ مام کي نہ سمجهندو، جيستائين ڪو سمجهائڻ وارو نہ سمجهائي، سمجهائڻ وارو بہ اهو جنهن کي پاڻ سمجهہ هوندي، تہ اهو سمجهائي سگهندو، پوءَ فرمايائون تہ پير سائين جون ڪافيون اهڙيون تہ آهن، جو انهن الله لڌو ڪينءَ ۽ انهن الله کي ڳولهيو ڪينءَ، پير سائين فرمائين ٿا تہ.. علم عقل کي اونت نہ انهن جو

چار ڪتاب جي چوين چوين

چار ڪتان جيڪي آهن توريت، انجيل، زبور، ۽ فرقان، جن ساري دنيا کي هدايت ڪئي

ڪافي

ٿلهہ :- سوز سڻايون سوين سوين

ڳالهيون پرينءَ جي تہ پسڻ جون

1: علم عقل کي اونت نہ انهن جو

بره پڙهايون پوين پوين

2: سيني صحيفن ۾ سڌ نہ انهن جي

چار ڪتاب جي چوين چوين

3: هر دوجهان ۾ اهو حاڪم آهي

نيهن اڳيان جو نوي نوي

4: رشيدالدين چوي محبت پاڄهون

راهہ نہ ٻي ڪذا روين روين .

**نقل** (27) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ چاڻ گهرجي تہ ذڪر بالجهر قادري طريقي جو، الله پاڪ جي ڪلام مقدس ۾ فرض چاتايل آهي، جينءَ ارشاد آهي تہ.

" الم ترڪيف ضرب الله مثل ڪلمة طيبة ڪشجرة اصلها ثابت وفرعها في السماء توتي اڪلها ڪل حين باذن ربها " يعني ذڪر لاالٰہ الاالله ڪلمي طيب جو مثال هڪڙي وڻ درخت سان آهي، جنهن جي پاڙ جرتي آهي، ۽ سندس ٽاريون عرش عظيم تي آهن. اهو وڻ الله پاڪ جي اذن سان سدائين ڦر ڏيندو آهي، ٻيا وڻ وقت تي ڦر ڏيندا آهن. هي هميشہ پيو ڦر ڏي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ حضرت سيد عبدالقادر جيلاني بادشاهہ جو مولا علي **مشڪل ڪشا جوجيڪو قادري طريقو هليو آ. اهو قيامت تائين هلندو.** جيڪو سڀني ساري ملڪ جي طريقن جو سردار آ. بادشاهہ طريقن جو قادري طريقو آ. جينءَ قرآن سڀني ڪتابن جو سردار آ. رمضان شريف ٻارهن مهينن جو سردار آ. مديني وارو سائين هڪ لک چوويهہ هزار نبين جو سردار آ تينءَ هي ڪلمون پاڪ قادري سڀني طريقن جو سردار آ. ....

عمر ضايع نہ ڪريومان توهان کي نصيحت ٿو ڪريان تہ اها منهنجي نصيحت وٺو ڪلمي طيب کي مرشد جي اجازت سان. ۽ آگر سان تلقين سيني ۾ رکي پڙهو. محويت هجي گهند گهند ارو هجي، اهو سائين سيني ۾ هجي. اسان ڏسئون وينا هو اسان کي ڏسي وينو. تون ڪري تہ ڏس، جو گهر زالون ٻار نہ وسرن تہ پوءِ مان کي حيف آ. گهر ياد نہ ايندئي.

پٽ ياد نه ايندئي، زالون ياد نه ايندئي، دوست ياد نه ايندئي، بازارون ياد نه ايندئي، دڪان ياد نه ايندئي، پنهنجو سر به ياد نه ايندئي، انشاءَ الله تعالي ..... اها شيءِ اهڙي آ پچائي انهيءِ کي .

**نقل** (28) هڪ دفعي سائين جن فرمايو ته هي قلب الله جو گهر آهي، ۽ الله جو بيت آهي، " حسبي ربي جل الله معافي قلبي غير الله " جنهن بيت الله کي 360 بتن کان محبوبن اچي پاڪ ڪيو، تينءِ هن بيت الله تنهنجي قلب کي وري تنهنجو مرشد پاڪ ڪندو، ظاهر ۾ مرشد اتئي باطن ۾ رسول الله اتئي، گهر ساڳيو الله جو، هتي بت ظاهر هئا، هتي اندر ۾ تنهنجي اسان جي بت ساڳيان، پريشان خيال سودائن گناهن جا بت اندر ۾ گهر ڪيو وينا آهن، .... لاالاالله جو جڏهن مرشد سبق پڙهايو، تڏهن بتن جي پاڙ پٽجي وئي، هاڻي قلب الله جو گهر خالي ٿي ويو

**اي عزيز:** هي جيڪو مومن جو قلب آهي، تنهن کي قلب المومن العرش الله سڏيو ويو آهي..

هرچه خواهي کن
مگر دل آزاري مکن

يعني جو ڪجهه کپئي ڪر مگر ڪنهن جي به دل آزاري نه ڪر .........
چو ته

دل بدست آورکه حج اکبر است
از کعبه هزاران يک دل بهتر است
کعبه بنگاه خليل آذر است

## دل گذر گاهہ جليل اکبر است

**نقل** (29) هڪ دفعي سائين جن فرمايون تہ عرش عظيم جڏهن خدا پيدا ڪيو، هو پاڻي جي مٿان، پوءِ پاڻي جي فوٽي وانگر هينءِ هينءِ ڏڪي پيو، لرزش پئي اچيس، پوءِ الله سائين جل شانہ قلم کي حڪم ڪيو تہ هن جي مٿان لک، قلم عرض ڪيو تہ منهنجا مولي ڇا لکان، پاڻ فرمايائون تہ لاالہ الاالله عرش جي مٿان لک تہ چپ ڪري، پوءِ قلم لاالہ الاالله لکيوس تہ بہ ڏڪي پيو، پوءِ جڏهن لکيائينس محمد رسول الله، پوءِ چپ ٿي ويو. .سبحان الله لاالہ الاالله بيت الله مڪي ۾ آ. محمد رسول الله مديني ۾ آ. پوءِ فرمايائون تہ هي زمين آسمان وارن کي ايئنءِ نظر ايندي آهي جينءِ چلو پٽ تي نظر اچي، وري بئي آسمان تي بيهي نظر ڪبي تہ هي آسمان ۽ ست زمينون ايئن نظر ايندين جينءِ چلو پٽ تي آ. ايئنءِ ڪندو ڪندو تان تہ عرش عظيم تي بيهي عرش عظيم کان ڪرسي هيٺ آ. عرش عظيم مٿي آ. الله جو تخت عرش عظيم تي آ. الله سائين جاتي ڪاتي موجود آ. پر هيڊ ڪوائر الله سائين جو عرش عظيم تي آ. عرش عظيم تي بيهي ڏس تہ ست آسمان ۽ ست زمينون ايئنءِ نظر ايندين جينءِ چلو پٽ تي آ. وري لوح محفوظ ۽ لامڪان وري انهيءِ ڏي عقل قيرائي تہ وري عرش عظيم چلو پٽ تي آ... پوءِ فرمايائون تہ جيڪو لاالہ الاالله محمد رسول الله، هيڏي عرش عظيم کي چپ ڪرائي ڇڏيائين، پوءِ اهو جيڪو مرشد توهان ۽ اسان ڪنهن مرد ۽ عورت جي سيني تي لکي تہ انهيءِ کي قرار ايندو يا نہ. الله سائين تو فرمائي تہ .......... الابذکرالله تطمئن القلوب (القرآن).

الله سائين تو فرمائي تہ توکي رات ڏينهن پريشانيون آهن. دل ڏکئي ٿي سوداءِ اٿئي ڳٽيون اٿئي، بيماريون اٿئي، ڇا ﮨ ڪٽي هجئي لاالاالاالله پڙهہ تہ سکون آرام ۾ هجي.

**اي عزيز:** عالم بالائي زمين ۽ تحت الثريٰ انهن ٽنهين جاين تي سڪون ۽ آرام ناهي، جيڪڏهن آهي تہ الله جل شانہ جي ذڪر يا فقيرن جي صحبت ۾ آهي، ڇو تہ جڏهن الله جل شانہ جي ذڪر جو دل ۾ ظهور ٿيندو آهي، تہ دل تان ڪل بار هٽي ويندا آهن. ۽ مالڪ سائين فرمائي ٿو تہ مان ذڪر ڪندڙ سان همنشين هوندو آهيان .

**نقل** (30) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ زمين ۾ جڏهن هر هلائبو آهي، ۽ جاٿ ڏبي آهي تڏهن آباد ٿيندي، هيءَ جيڪا قلب جي زمين آهي ان جي جاٿ آهي مرشد جي صورت کي حاضر ڪرڻ، اها صورت مبارڪ توهان ۽ اسان جي سيني ۾ قلب ۾ پيهي رهي، تہ پوءِ ذڪر جي ﮨ جاءِ ناهي، رڳو پنهنجي مالڪ جي صورت مبارڪ کي اندر هيءِ صورت مٿائي، پوءِ فرمايائون تہ جينءِ اسان جي مرشدن پير سائين بيعت ڏٺي قدس الله تعاليٰ سره فرمايو آهي تہ " بي پروڙڻ ڪل نہ ڪائي " باقي جيڪي سيپارا ۽ فقط ظاهري علم پڙهن ٿا،اهي آهن ڏاند ڏم انهن کي خدا جي ولين ڏاند سڏيو آهي، يعني ڍڳو رڳو ڪائن ۽ ڇيڻان لاهن، عاشق هي آهن جنهن جو سچو قلب عرش عظيم جي نور سان ڳنڍ جي الله جي نور سان ڳنڍ جي، اها مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ آهي جيڪا اوڏهين مٿي ڳنڍيندي، انهي کان سواءِ ٻيو ڪو ﮨ رستو ڪونهي،هي اها شيءِ آهي جيڪا پنهنجو وچڙيل مولا هڪڙي سيڪنڊ ۾ ملائي منٽ ﮨ پري آهي،

## ڪافي

صورت پير مغان رک طالباتون روبروءِ
روبرو جي رمز مان ٿيو حال حاصل هو بهوءِ
ثم وجه الله سچاڻي سو جهرو ڏس سو بہ سو ءِ
ذات هڪ واجب رهي ويو ميم ممڪن مو بہ مو ءِ
احمد اينءَ فرمائيو فاذڪرني اشارو اذکر
ايئنءَ شاد ٿي رک هوش شيرل
گوش ۾ ٿئي گفتگو ءِ

**نقل** (31) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ اسان ۽ توهان جيڪا بہ جماعت پير سائين جي، سائين مشورن واري جي آهيون انهن کي ساري عمر بہ مرشد ونڃ جي ضرورت ڪانهي، بين وٽ اهي ٽپڙ اسان وارا آهن ئي ڪونہ. اسان وٽ جيڪي ٽپڙ آهن انهن جي هنن کي ڏپ ئي ڪونهي، باقي توهان حلوا ۽ بريانيون ڇڏي ساڳ ۽ دال جي ڪيويندئو تہ رلي مرندئو. هن لنگهي جي ڪتيءِ وانگر جنهن پنهنجو مالڪ نہ سڃاتو وڃ درياءِ ۾ ٻڏي مرئي وئي، پوءِ فرمايائون تہ هاڻي بہ ماڻهون اينءَ ڪندا آهن، فلاڻي درگاهہ تي وڃ فلاڻي تي وڃ، تون مريد هڪڙي جو وڃين وري ٽئين وٽ. انهيءِ رلڻ جو مقصد ڪهڙو آهي، تون هڪڙي پنهنجي يار جي صورت کي وٺي پڇائي سڀ ڪجهہ اتي اٿئي ..

روشيوهءَ بندگي ز شيطان آموز
يک قبلہ گزين وسجده برغير مکن.

**اي عزيز:** بندگي جو حق سکڻ چاهين ٿو تہ شيطان کان سک. جڏهن مالڪ سائين جي اڳيان جهڪيو تہ غير ڏي نگاهہ کڻي بہ نہ ڏنائين،

جڏهن مالڪ سائين جي طرفان " لعنتي الايوم الدين " جو خطاب مليس تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو.

**نقل** (32) هڪ دفعي سائين جن فرمايو ته جيڪي اسان پير سائين روضي ڌڻي جا مريد آهيو سائين مشورن واري جا مريد آهيون، اتي جيڪو فيض آهي ساري جهان ۾ ڪونهي نقشبندي طريقو سهروردي طريقو ۽ چشتي طريقو، اهي قادري طريقي جا غلام آهن، قادري طريقو اهو آهي، جيڪي ذڪر پاڪ لاالاالاالله جون چار تسبيحون سانجهي نماز کان بعد ڪندا آهيون، دنيا جي پيرن جا ذڪر ان سان نه پهچن، مرڻ مهل به پاڻ اچي مالڪي ڪن ۽ ڪلمون پرهائين

دنيا ۾ مالڪي ڪن پر مرڻ مهل به مالڪي ڪن، قبر ۾ هلئون ته اڳ ۾ اسان جو مرشد وينو هجي، اجا منڪر نڪير پهتائي ناهن ته يار اسان جا اڳيم وينا آهن،اسان ڪي قبر جو پٺو ڪهڙو آڪاشيءَ ڪانهي شال هي نسبت قائم هجي" آمين "

**اي عزيز:** قادري طريقو مثل سج جي آهي، ۽ بيا طريقا مثل ڏيئي جي آهن، ڏيئي ڪي ڪهڙي مجال جو سج جي روبرو دم هٽي، اگر هٽندو ته پاڻ وسامي ويندو، جنهن به طريقي ڪي هيءَ نعمت نصيب ٿي آهي، اسان انهن ڪي غوث اعظم سيد عبدالقادر جيلاني قدس الله سره جي وسيلي ٿي آهي،

بيت

هـــر طريقہ خانوا ده شد غلام

با مريدي جان فدايش هر دوام

نقـشبندي راچہ قدرت دم زند

واز طـــريـقـہ قادري طالب شود

اهل چشتي خواجـگان خاڪپائي

سهروردي از غــلامــان بـاوفـا

هر ڪہ از بنده خدا امتي نبي صہ

خاڪ بوسي ميڪـنـد بـا قـادري

هر طريقي وارا قادري طريقي مٿان قربان ٿيندا آهن. نقشبندي طريقي وارن ڪي ڪهڙي مجال جو اتي دم هڻن. انهن ڪي گهرجي تہ قادري طريقي جا طالب ٿين. چشتي طريقن وارا قادري طريقي وارن جي پيرن جي خاڪ هوندا آهن. سهروردي طريقي وارو بہ وفادار غلام وانگر آهي. خدا پاڪ جو هر ٻانهون ۽ حضور صلي الله عليہ وسلم جو هر امتي قادري طريقي جي خاڪ بوسي ڪندا آهن .... معلوم هجي تہ جهڙي طرح پير دستگير بادشاهہ سيني ولين جو سردار آهي. اهڙي طرح سندس جماعت قادري بہ سيني جماعتن جي سردار آهي. .

نقل (33) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ جو بہ شخص مرد هجي عورت هجي اندر ۾ ذڪر جاري نہ اٿس. پوءِ توڙي اهو جيئرو آهي تہ بہ الله وٽ مثل لڪيل آهي پلي ڪائيندو پٺندو ٻاهر گهمندو وتي. پر جيڪڏهن ذڪر پاڪ اسم ذات پنهنجي مرشد ڪامل جو اندر سيني ۾ اٿس هو مري ويو آهي تہ بہ الله سائين ٿو فرمائي تہ تون مئل ناهين تون قيامت تائين زنده جاويد آهين. .

نقل (34) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ پير سائين بعت ڏٺي بادشاهہ پنهنجي ڪافيءَ ۾ ڏس ڏنو آهي تہ ڪيڏا بہ ڪٽي سيپارا پڙهين ۽ علم ڪتابن وارو پڙهين پر جيڪڏهن هيءِ ستي اندر ۾ ڪانہ پئي تہ پوءِ ڏاند

آهين ڊگو آهين، ڪابہ خبر جهان جي ڪانہ اٿئي، علم علم اهو اٿئي هي علم ٺيڪ ڏيندڙ آهي، شريعت جو رستو آهي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ سوز وارن وٽ وڃ تہ سمجهين، هن جهان جي اک کولائي ڇڏينئي .

ڪافي مبارڪ

تلهہ: دوستي وارو دم وو يـــــار
سوز وارن وٽ وڃ تہ سمجهين

1 : اوتو العلم جو جا ڏي اشـــارو
نيهن اتي آٽي کوڙيو نـــظـارو
قرب ٿين ســـدا ڪـم وو يـار
سوز وارن وٽ وڃ .....

2 : يخشي الله جو جاڏي آهي خطاب
آعـــلم انـهـــن وٽ اڪبر حجاب
غـــازيـــن ڪنـــيو ســو غم وو يار
سوز وارن وٽ وڃ .....

3 : لکي پڙهي جن ڪيا ڪاغذ ڪارا
بـــار آهـن تـن تي ســيئي سيپارا
ڏانـــــد آهـــن رڳـو ڏم وو يـــار
سوز وارن وٽ وڃ .....

4 : وٽ مـــرشـــد راهـــ اهــائـي
پـــڙهـــڻ پـروڙڻ ٻـيـٺـي ٻـيائي

نــيـهــن اڳـيــان پــيــو نمر وو يار

سوز وارن وٽ وڃ .....

**نقل** (35) هڪ دفعي سائين جن درگاهه شريف تي حاضرين جماعت کي تلقين ڪندي فرمايو ته، الله اسان ۽ توهان ڪونه ڏٺو آهي نبي ڪونه ڏٺو آهي .... مگر پنهنجو پير ڏٺو اٿئون روضي وارو، اهو تڪ ڪر سدائين رات ڏينهن اهو نه وسار ايئن سمجهه ته اهو يار اندر ۾ ويٺو آ،اتي الله به آ ته رسول به آ، بس جان ڇٽي پنهنجي سر تان هٿ کڻ ته هي آهي ٿي ڪونه مرڻ کان بعد به نه هونداسين تنهنڪري هاڻي " موتو قبل انتموتو " جو سبق پڙهه، سائين فرمايو آهي ته مرڻ کان اڳي مري وڃ، مرڻ کان اڳي ڪيئن مر، يعني پنهنجي مرشد پاڪ جي صورت ۾ فنا ٿي مري وڃ اهو سبق اهو آهي، .

**اي عزيز:** شاهه صاحب فرمائي ٿو ته..

جي تون ڪالهه مئي ته ڪالهه ٿي گڏينءَ پرين کي

مــئــن جــي مــقــام ۾ اهــا ڳـالــهـه هـــئـي

ڪڏهن ڪانه سئي ته ڪا سگهي گڏي سڄڻين .

**نقل** (36) هڪ دفعي سائين جن جماعت کي تلقين ڪندي فرمايو ته، خدارا سڀ ڪجهه ڪيو يا نه ڪيو، مگر هڪڙو عمل پڪو ڪريو پوءِ مزا ڏسو، اهو عمل ڪهڙو آ، اهو آهو آ ته جهنگ ۾ هجين بر ۾ هجين بحر ۾ هجين شهرن ۾ هجين بس ۾ هجين، موٽر سائڪل تي هجين دڪان تي هجين ..... محبوب جي صورت کي پاڻ تي پڇائي ته اهو آ، پوءِ ڏسو ته توهان ۽ اسان جا عمل ڪيئن ٿا سڌرن، انهي صورت کي نه

وساريو بس، انهيءَ جھڙو عمل دنيا ۾ ڪونهي نمازون هجن روزا هجن ذڪر هجي، پنهنجو پاڻ کي ڪٽي وڃائي، تون ۽ اسان رهي ڇا ڪنداسين، شل اهو هڪڙو صورت وارو هجي، انهي صورت سان رڳو دنيا محدود ناهي مگر قيامت حشر هي جهان هو جهان پئي اها صورت مبارڪ ڪٽي وئي، بس آسرو اهو آ بيو اسان جا عمل ڪهڙا آهن، لاباروڪرين ته به اهو ڪري موٽر هلائي ته به اهو هلائي، ڳاهه ڳاهي ته به اهو ڳاهي، جيڪو ڪم ڪري ته به اهو ڪري پوءِ اهو هوندو ته وحدت ٿي پئي پوءِ بيائي آهي ئي ڪانه، پير سائين جا لفظ آهن ته " بيائي ڪي ڏي ٻن وو يار " بيائي اها آهي ته تون به هجين ۽ هو به هجي، بيائي هن جماعت مان نڪري وڃي وحدت ٿي پوي پوءِ يار سان هيڪا ندا ٿي پئون .

**اي عزيز:** مولانا روم قدس الله تعاليٰ سره الا قدس فرمايو آهي ته.

چون زهستي همه حق گشتئه
رفت ظلمت نور مطلق گشتئه
در مقام وهم باشد او وتو
چون نه باشي تونه باشي غير

جڏهن هستيءَ کي ڇڏيندين تڏهن تنهنجو سمورو وجود نور ٿيندو، ڇو جو مرتبي همه جي ۾ آئون ۽ تون آهيون، جڏهن هستيءَ کي ڇڏينداسين تڏهن الله جل شانه کان سواءِ بيو ڪجهه به نظر نه ايندو.

**نقل** (37) هڪ دفعي سائين جن فقير حاجي گلشير چانديو جي دعوت تي تشريف فرما ٿيا، پوءِ اتي حاضرين جماعت کي تلقين ڪندي فرمايائون

تہ کو شخص ساري رات عبادت کري ۽ ساري رات روئي رڙي، مگر اسان جو فقير قادري طريقي جون چار تسبيحون، ذکر کري فرض پڙهي سمهي رهي، انشاالله تعاليٰ انهيءَ ساري رات روئيندڙ کان هي ڪسر کٽي ويندو، هي لاالٰہ الااللہ جو اهو سبق آهي، جنهن عرش عظيم جي ڏکڻ واري صورت کي چپ ڪرايو. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جڏهن الله سائين عرش عظيم کي پاڻي تي پيدا ڪيو، پوءِ پاڻي جي فوتي وانگر هينءِ لڏي پيو پوءِ هن جي مٿان الله سائين لکيو لاالٰہ الااللہ محمدرسول الله. پوءِ چپ ٿي ويو ان مان معلوم ٿيو تہ ڪوبہ مرد يا عورت لاالٰہ الااللہ پنهنجي مرشد جي ڏس موجب پنهنجي سيني تي لکندو تہ انشاءالله تعاليٰ اهو دنيا ۽ آخرت ۾ ثابت ۽ مستقيم آهي.پر ملائڪ منڪر نڪير بہ ان سان نہ ڪندا جن کي اهو سبق پڪو آ منڪر نڪير ويجهو ڪڏهن بہ نہ ايندا. قبر ڪشادي ٿيندي، پاڻ مالڪن فرمايو آهي تہ اسان قبر ۾ بہ تو سان گڏ آهيون، پاڻ فرمايائون تہ چار تسبيحون ذکر جون ڪريو پنج وقت نماز پڙهو ٽيهہ روزا رکو توهان سان قبر ۾ بہ گڏ آهيون منڪر نڪير کي بہ اسان پاڻ جواب ڏينداسين.

**نقل** (38) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ انسان کي انسان پنهنجو پير ڪامل مرشد بنائيندو آهي، بيو دنيا جي اندر ڪامل هستي کان سواءِ انسان بنائڻ مشڪل آهي، جيڪڏهن الله جي محبت اٿئي ۽ ان جي ملڻ جو شوق آهي زمين آسمان جي مالڪ جي ملڻ جو شوق آهي تہ الله وارن جي دامن پڪڙ. الله اتي هوندئي بي هند ڪونہ ملندئي، پوءِ فرمايائون تہ انسان جي ڪري تہ ڪتن بلن کان بہ بدتر آهي پر جي چڙهي تہ ملائڪن جي درجي کان بہ مٿي چڙهي وڃي، جڏهن الله وارن جي دامن وٺندين،

تڏهن ملائڪ بہ تنهنجا غلام ٿي پوندا. جيئن پاڻ سون آهن تيئن توکي بہ سون ڪري ڇڏيندا .

**اي عزيز:** حضرت جلال الدين رومي فرمائي ٿو تہ ...

دست مرد گيرتا مرد شوي

جزيمردان نيست راه رهبري

يعني : جوان مرد جو هٿ پڪڙ تان جو تون بہ جوان مرد ٿي وڃين، ڇو تہ جوان مردن کان سواءِ تنهنجي رهبري ناممڪن آهي.

**نقل** (39) فقير عزيز الله مشوري رهنڊڙ منياٽي جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن مستاني فقير جي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا. هي مسڪين بہ حضور ۾ حاضر هو، جڏهن ڳوٺ جي ٻاهران پهتا ۽ ڪار مان لٿا اتي هڪ وڏو واٽر پاٽي سان وهي پيو، پاڻ فرمايائون تہ اهو واٽر ٽپي هلئون پوءِ ڀهرين مون واٽر پار ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ واٽر وڏو آهي، هٿ ڏي تہ ٽپي اچان جنهن تي مون هٿ ڏگهو ڪري سائين جن کي ڏنو، سائين جن هٿ هٿ ۾ ڏئي فرمايائون واٽر وڏو آهي، مون عرض ڪيو تہ جي سائين، ان وقت پاڻ فرمايائون تہ قيامت ڏينهن بہ فقير انشاءالله تعاليٰ ائين هٿ هٿ ۾ هوندو، ائين چئي سائين جن ٿورو منهنجي هٿ کي سٽ ڏني تہ آئون واٽر جي هن ڪپ تي اچي بيٺس ۽ مون کان ڇرڪ نڪري ويو، مون کي ڏسي مسڪرايائون ۽ فرمايائون تہ قيامت ڏينهن بہ سائين فقيرن کي ائين پار ڪندو، انشاءِ الله تعاليٰ

**نقل** (41) فقير در محمد ڪمال سولنگي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاه شريف تي جمع نماز جو خطبو سائين جن پڙهيو، ان وقت سائين بادشاه روضي وارا سائين بہ موجود هئا. جڏهن فرض نماز پڙهي ختم

ڪيائون تہ ان وقت سائين جن اسم ذات الله جي ذڪر جي ضرب هڻئين تہ سڄي مسجد ۾ غوغاءَ پئجي ويو. ۽ ان وقت مٿن وجداني ڪيفيت جو ظهور ٿيو ۽ پاڻ هڪدم زمين کان (8) فوٽ مٿي هليا ويا. ۽ جڏهن وري واپس هيٺ زمين تي آيا تہ ساڳي حالت ۾ ويٺا رهيا. ڪين دستار مبارڪ ڍِلي ٿي ۽ چادر مبارڪ پيل هئي ان کي ذري جيترو بہ ڦير ڦار نہ ٿيو ۽ انهيءِ حالت ۾ دوزانو ويٺا رهيا .

**نقل** (42) هڪ دفعي سائين جن هڪ مثال بيان فرمايو تہ هي لوهہ هيٺن ٽڪو بہ ڪونہ لهي پر جڏهن باهہ ۾ وجهينس تہ پوءِ لوهہ جٺي هٿ نہ وجهجانس ڇو تہ لوهہ تپي اها صورت مٿي ويو هاڻي باهہ جي صورت اٿس، هاڻي باهہ کي ونندين تہ جهڳو ساڙيندئي خدا جا ٻانها ايئن اٿئي "ان الله مع الصادقين" الله سائين سچن سان گڏ هوندو آهي. جيڪو انهن کي تپائيندو سو ان الله کي تپايو جنهن الله کي تپايو ضرور پاڙ پٽيس دنيا ۾ خوار خراب ڪريس.

بيت

حب در ويشان ڪليد جنت است

دشمن ايشان سزائي لعنت است

الله جل شانہ جي دوستن سان محبت رکڻ وارو جنت جو حقدار آهي ۽ انهن سان دشمني رکڻ وارو لعنت جو حقدار آهي.

**نقل** (43) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ ياد رک جڏهن قبر ۾ هلندين. جڏهن ملائڪ سڳورا ٽي سوال پڇي چوٿين سوال ۾ ايندا فرمائيندا تہ "ماتقول في حق هذا رجل" هن مرد جي حق ۾ ڇا ٿو چوين هن کي سڃاڻين ٿو هي ڪير آ. اتي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي صورت

مبارڪ ملائڪ حاضر ڪندا، پوءِ فرمايائون تہ جنھن بہ مرد عورت ھتي پنھنجي مرشد جي صورت جو تصور پچايو ھوندو. ۽ صورت پاڪ پچائي ۽ ذڪر پاڪ پچايائين تہ قبر ۾ بہ پنھنجي يار کي پاڻھين سڃاڻندو. پر جيڪڏھن مرشد نہ ورتو اٿئي ۽ پنھنجي مرشد جي صورت نہ پچائي اٿئي، تہ پوءِ اتي محبوب کي نہ سڃاڻي سگھندين. انھيءَ جو سڃاڻڻ ھتي سڃاڻڻ آھي، جنھن ھتي معرفت حاصل ڪئي. انشاءالله تعاليٰ اتي معرفت جا دروازا کلي ويندا. من عرف نفسہ فقد عرف ربہ

جنھن پنھنجي نفس کي ھتي سڃاتو انھيءَ پنھنجي رب کي سڃاتو.

**اي عزيز:** شاھہ صاحب فرمائي ٿو:

جي ھــت نہ پســن ھــوت کي

سي ڪنھن پر پسنديون ڪيچ ۾.

جن شخصن ھن دنيا ۾ پنھنجي الله کي نہ سڃاتو ۽ معرفت حاصل نہ ڪئي سي قبر ۽ قيامت ۾ بہ نہ سڃاڻي سگھندا ۽ ابوجھل وانگر افسوس ڪندا ۽ چوندا تہ ھاءِ ارمان اندا ٿياسين، محبوب کي نہ سڃاتو سين.

**نقل** (44) ھڪ دفعي سائين جن درگاھہ شريف تي جمع ڏينھن حاضرين جماعت کي ارشاد فرمايو تہ الله تبارڪ وَ تعاليٰ قدسي حديث ۾ فرمائي ٿو تہ(لايسعني الارض ولاسمآءِ ولاڪن يسعني القلب العبدالمومن) الله سائين جل شانہ فرمائي ٿو تہ ستن آسمانن ۾ ستن زمينن ۾ مان الِلہ نٿو ماپان مگر انسان جي قلب جي اندر مان الله ماپي ٿو وجان پوءِ فرمايائون تہ چٽبو تہ اھا قلب شيءِ ھتئون جي ناھي، اھا امانت منھنجي پروردگار عرش عظيم جي امانت آھي جيڪو خزانو ھن انسان ۾ حضرت آدم عليہ

السلام ڪان وٺي، حضرت بيبي حوا رضي الله تعاليٰ عنه ڪان وٺي انسان جي قلب ۾ الله جل شانه رکايو آهي.

**نقل** (45) هڪ دفعي سائين جن فرمايو ته اسان جا مرشد ڪريم سهڻان روضي وارا سائين فرمائيندا هئا ته تهجد کان بعد (11) سؤ صلوات قدسي جا پڙهندا ڪريو، ڪڏهن به قضا نه ڪيو. اهو ساري طريقت قادري نقشبندي چشتي سهروردي جو روح آهي، جنهن جي به دل ۾ اها صلوات شريف آهي ۽ پڙهندو، ساري طريقت کي اها روشني ڏيندي، اها صلوات شريف هيءَ آهي، .

اعوذ بالله من الشيطان الرجيم

بسم الله الرحمٰن الرحيم

صلي الله علي محمد وآلهٖ وسلم

انهيءَ جا يارهن سؤ پڙهو، هوڏانهن لک ذڪرن جا ڪاهه هيڏئون رکو يارهن تسبيحون پڙهه انشاءِ الله تعاليٰ انهي ۾ روشني زياده آهي.

**نقل** (46) فقير عزيز الله مشوري رهندڙ منياٽي جو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي درگاهه شريف تي سائين جن جي حضور ۾ حاضر هوس، اوچتو بجلي هلي وئي تڏهن عرض ڪيم ته سائين گرمي تمام سخت آهي، پر سائين قبر ۾ ته تمام گهڻي گرمي هوندي، پاڻ مرڪي فرمايائون ته فقير سائين جي فقيرن لاءِ ڪجهه به ڪونهي، پوءِ پاڻ مثال ڏنائون ته جيئن سياري ۾ نلڪي مان گرم پاڻي نڪرندو آهي، ۽ گرميءَ ۾ ٿڌو پاڻي نڪرندو آهي، اهڙي طرح فقيرن سان به ايئن ٿيندو .

**نقل** (47) هڪ دفعي سائين جن فرمايو ته حضرت جامي رحمته الله عليه. حضرت خواجه عبيدالله حرار رحمت الله عليه وٽ مريد ٿيڻ لاءِ آيو، هيو ته

ملان نرڙ ٺاڪ، ڇٽي سائين مان کي پنهنجي جماعت ۾ داخل ڪر. مان کي الله جي واٽ ڏس مان پنهنجي الله کي ڳولهيان رب راضي ڪيان، پاڻ فرمايائون تہ جامي سڳورو اهو عاشق آهي، جڏهن مديني شريف وجي پيو تہ حضور صلي الله عليہ وسلم حضرت ابابڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ کي روضي شريف ۾ اندر فرمايو تہ " باهر نڪر جامي ٿو اچي استقبال ڪيئونس " اهڙو عاشق ٻنهنجي محبوب جو هيو، اها پلاٽي ڪاٽئون ٿيس اها پنهنجي ڪامل پير ڪان، انهيءِ قرب ڪري تاڪيون ڦيرائي ڇڏيائينس پر دا حجاب جا انهن عاشقن ٽوڙي ڇڏيس ۽ واصل بالله ڪري ڇڏيائونس، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جيستائين صورت اندر دل ۾ نہ پيچائي اتئي، تيستائين متي منزل تي پهچڻ محال اتئي، فقيري جو دستور بہ اهو اتئي تہ پنهنجي مرشد جي صورت اندر ۾ هجي، اسان مريد آهيون هن روضي واري جا اهو اندر ۾ وينو هجي، اهو رات ڏينهن سفر حضر ۾ ننڊ سجاڳي ۾ قيامت ۾ قبر ۾ ڇا بہ ڪٿي هجي اهو دل ڪٿون نہ نڪري اهو اندر دل ۾ وينو هجي، واعظ ٻڌين تقريرون ٻڌين مولود شريف ٻڌين تہ بہ ڌيان انهيءِ يار ۾ هجي، تہ ڪل اهو اتئي، جن جي اندر ۾ آهي تہ پيچ انهن ڪان تہ مزو ڪيڏو آ پنهنجو پاڻ وڃائي .

پير سائين چيو آهي .........

درس دوئيءَ جي درياءَ ۾ الا ..

پاڻ وڃائي تان پهچين وو يار .

پنهنجو پاڻ موتو قبل انت موتو ۾ پاڻ کي اتي مار پنهنجي مرشد جي ذات ۾ فنا ڪر. جيئري ئي پاڻ کي انهيءِ ۾ مارتہ موت تنهنجو غلام ٿئي، شل محبوب سان وحدت نصيب ٿئي، ڪل جيڪي يار سان مليا

آهن، اهو انهيءَ صورت سان مليا آهن اها منزل طئي ڪري پنهنجي ڏٽي وٽ وڃين پهتا .

**نقل** (48) هڪ دفعي سائين جن فرمايو ته الله سائين جل شانہ فرمايو آهي " ومن كان اعمىٰ فهوفى لاآخرت اعمىٰ واضل سبيلا " جن هتي منهنجي يار کي نه سڃاتو قيامت ۾ به نه سڃاڻي سگهندا. شاهہ صاحبؒ فرمايو آهي،

جــي هــت نــہ پــسن هوت کي

سي ڪنهن پر پسنديون ڪيچ ۾

محبوب جي سڃاڻڻ جي هتي ڪوشش ڪندين ته قبر ۾ به سڃاڻندين پوءِ فرمايائون ته محبوب جي سڃاڻڻ جي خبر اتئي ڇا سان ٿيندي آهي، منهنجي پرين جي سڃاڻپ مرشد ڪامل جي وساطت سان ٿيندي آهي، هتي پنهنجي پير ڪامل جي دامن وٽ انشاءِ الله تعاليٰ محبوب تنهنجي هنج ۾ آ، .

**نقل** (49) هڪ دفعي سائين جن فرمايو ته حديث شريف ۾ آهي ته

" لن يومن احدكم حتىٰ اكون احب اليہ من ووالدہ ولناس اجمعين "

جيڪڏهن مان محبوب توهان کي توهان جي سر کان. توهان جي اولاد کان، توهان جي پيءِ ماءَ کان ۽ دوستن کان ۽ دنيا جي هر چيز کان توهان کي محبت وارو ناهيان، پيارو ناهيان تيستائين توهان جو ايمان ڪامل ناهي،

**اي عزيز:** جهڙي طرح هن حديث شريف ۾ ايمان ڪامل هجڻ جو شرط حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي محبت ۽ نسبت ڪامل هجڻ سان منسلڪ ڪيو ويو، اهڙي طرح اهو مولا جو طالب جنهن کي طلب آهي ته آئون پنهنجي رب ڪريم سان ملان ۽ پنهنجي حقيقي يار جو

وصال حال نصيب ٿئي ان کي لازم آهي تہ پنهنجي ڪامل مرشد کي بيمثال ذات سمجهي ان جي قدمن ۾ فنا ٿي وڃي .

**نقل** (50) هڪ دفعي سائين جن فقير حاجي گلشير چانڊيو جي ڳوٺ حاضرين جماعت کي فرمايو تہ قدسي حديث شريف ۾ آهي، " لايسعني الارض ولاالسماء ولكن يسعني القلب العبدالمومن " مون کي پنهي جهانن ۾ نہ زمين ماپرايو نہ آسمان ماپرايو، مگر مومن ٻانهي جي قلب ۾ اندر مان الله سارو سمائجي ويس، پوءِ سائين جن فرمايو تہ ڇئبو تہ هيءُ اها مهرباني آهي جيڪو لوچيندو سو لهندو، مالڪ سائين فرمائي ٿو جنهن قلب ۾ منهنجي محبوب جي محبت آهي، انهن سان منهنجي مهرباني آهي، ۽ جنهن قلب ۾ منهنجي محبوب جي محبت ناهي، انهن سان منهنجي مهرباني ناهي، توڙي سيد هجن تہ بہ انهن سان مهرباني ڪانهي

**نقل** (51) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ پنهنجي مرشد ڪريمن جي صورت کي دل ۾ پچايو، اها شيءِ نہ وسري اها شيءِ اسان کي هٿ ۾ راهداري آ، جيئن راهداري ياڳئي کي هٿ ۾ هوندي تہ ڪوئي حاڪم يا پوليس وارو سپاهي هن جو نالو نہ وٺي سگهندو، تيئن هي اسان ۽ توهان سائي تاج وارن کي راهداري آ، انشاءِ الله تعاليٰ هن جهان ۾ ڪوئي بہ ملائڪ اسان ۽ توهان جو نالو نہ وٺندو، واعدو آهي اسان سان اهو ذڪر پاڪ سيني ۾ هجي، اها صورت پاڪ سيني ۾ هجي، پنج وقت نماز پڙهو، ٽيهہ روزا رکو چار تسبيحون ذڪر جون ڪريو، پنهنجي محبوب کي سيني کان ٻاهر نہ ڪڍو، جهنگ ۾ هجو ٻر ۾ هجو اهو سيني ۾ وينو هجي، هيءَ تاج مبارڪ سنت مبارڪ ذڪر مبارڪ اسان کي اهو پتو آ تہ اسان ڏٽڪا آهيون .

بيت

ڪوڪٽي ڪنهن جي در جو ڪتو ڪوٺائي
وڙهي توٽي نہ وڙهي تڏهن بہ انهن جو آهي
ڇڏين نہ ڇوڙائي لائق پنهنجي لوڏ مان (شاهہ)

**نقل (52)** هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ الله جل شانہ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي، " من كان هذه اعمى فهو في الآخرت اعمى واضل سبيلا " جيڪو شخص هن دنيا ۾ انڌو تي گذاريندو، اهو آخرت ۾ بہ انڌو تي اٿندو، پوءِ فرمايائون تہ انڌو ڇا کي چئبو آهي، ظاهري هن اکين جي انڌي کي الله سائين جل شانہ چيو آهي تہ ظاهري جيڪڏهن اکيون مان کسيون ۽ هن صبر ڪيو، " وجبتہ الہ الجنتہ " هن جي مٿان بهشت واجب آهي، الله سائين پنهنجي ڪلام ۾ ان کي انڌو چيو آهي، جيڪو قلب جو انڌو آهي، پنهنجي محبوب کي هت نہ سڃاتائين تہ قبر ۽ قيامت ۾ نہ سڃاڻندو، ۽ صراط مستقيم جي واٽ هن کي هٿ نہ ايندي، گمراهي ٿيءِ گمراهي جي واٽ هوندس، صراط مستقيم جي واٽ اها آهي جو الله سائين جي واٽ سان گڏ حضور صلي الله عليہ وسلم جي سڃاڻپ جي توفيق الله سائين نصيب ڪري، صراط مستقيم انهيءِ کي چئبو آهي، جو نمازون هجن روزا هجن بانگون هجن، نفل هجن کهڙا بہ عمل هجن، حضرت محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي نسبت ڪامل هجي ۽ انهيءِ جي محبت ڪامل هجي، .

**نقل (53)** هڪ دفعي سائين جن درگاهہ شريف تي جمع نماز ڪان بعد حاضرين جماعت کي تلقين ڪندي فرمايو تہ، " من عادالي ولين فقدآذنتہ بالحرب "

جنهن بہ الله واري سان جنگ جوٽي، ۽ جنهن بہ الله واري سان جنگ جي طلب ڪئي، الله سائين جل شانہ ٿو چوي تہ انهي ولي جي جنگ ڪرڻ کان اڳير منهنجو تو سان جنگ جو اعلان آهي، .

**نقل** (54) هڪ دفعي سائين جن فقير محمد حسن مشوري جي ڳوٺ ۾ جماعت کي ارشاد فرمايو تہ پنهنجي مرشد ڪامل پير سان نسبت سو ڪامل هجي، باقي لوڏو لهر نہ دنيا جو نہ آخرت جو نہ قبر جو نہ حشر جو نہ ترميزان جو نہ پل صراط جو ڪائي شيءِ ڪانهي بهاري ٿي بهاري آهي، .

**نقل** (55) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ الله سائين فرمائي ٿو تہ " اي ايمان وارو سچن سان صحبت ڪريو " پوءِ پاڻ فرماياٿون تہ جنهن جي قلب ۾ رات ڏينهن الله الله پيو ٿو ٿئي، فقير هجن، طريقت وارا هجن محبوب جي محبت عشق وارا هجن، انهن سان صحبت ڪريو انهن سان صحبت ڪندئو تہ توهان جي دل نہ مرندي ۽ پنهنجي مرشد ڪريم جي ملفوظات شريف هڪ ايمي جيترو دور ڪندا ڪريو، جن بہ اهو ڪيو آ الله سائين جل شانہ انهن کي وڏو فائدو ڏنو آ. ۽ رات جو تهجد جي وقت اٿندا ڪريو، جو بہ شخص تهجد پڙهندو ان جي دل نہ مرندي انهي جو قلب روشن ٿيندو، ۽ صبح جو اٿندو تہ هشاش بشاش طبيعت ۾ فرحت ڪشادگي ايمان جي روشني تهجد ۾ ايڏو اثر آ. تهجد پڙهندڙ جو منهن سانورو هوندو تہ بہ نور وانگر پيو برندو تهجد جا(6) ڇهہ نفل آهن پر هڪڙو پڙهندئو تہ بہ توهان جو تهجد ٿي ويندو.

**اي عزيز:** شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ ......

صحبت سپرين جي هيءَ ٿئي مڙئي هاج

قضا ڪج نماز وقت وارائڻ سهنجو ....

نماز جي قضا آهي مگر جيڪي صحبت جون گهڙيون آهن ۽ پنهنجي يار جي پچار ۾ وڃنا آهيو، اهو غنيمت سمجهه اهي گهڙيون طالب لاءِ اڪسير آهن اهي وري هٿ نہ ايندي يون ،

حضرت جلال الدين رومي ٿو فرمائي :

يڪ زمانہ صحبت بااولياءَ

بهتر ازصد سال طاعت بي ريا

هڪ گهڙي پنهنجي ڪامل مرشد جي حضور ۾ ويهڻ سؤ سال بي ريا عبادت کان زور ڀلي آهي، .

جيڪڏهن توکي طلب آهي اي طالب الله جا.... تہ آئون پنهنجي الله جي حضور ۾ ويهان تہ عارف رومي ڏس ٿو ڏي ....

هر ڪہ خواهد همنشيني باخدا

او نشيند در حضور اولياءَ

هر ڪہ دور شد از حضور اولياءَ

در حقيقت اوگذشت ازخدا .....

جيڪو شخص چاهي ٿو تہ آئون الله جل شانہ جي حضور ۾ ويهان تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجي ڪامل مرشد اولياءَ الله جي حضور ۾ ويهي، جو تہ جيڪو اولياءَ الله جي حضور کان پري ٿيو، حقيقت ۾ اهو پنهنجي الله جي حضور کان پري آهي، .

**نقل** (56) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ ذڪر پاڪ اها شيءَ آهي، جو هن دنيا ۾ جيئري پنهنجي الله پاڪ سان ڳنڍيندي آهي، ذڪر پاڪ لاالہ الاالله اها شيءَ آهي جو هن قلب کي صاف ڪندي آهي، جيئن لٽن کي

جي چوڻ سان بہ الله سان نہ ملندين. جڏهن محمد رسول الله پڙهيئي تہ پوءِ اها شيءِ تون کي الله وٽ پهچائيندي، .

اي عزيز: الله سائين جل شانہ حديث قدسي ۾ فرمائي ٿو " اوحيٰ الله تعاليٰ اليٰ موسيٰ عليہ السلام يا موسيٰ اتحب ان اسکن معک في بيتک فخر الله تعاليٰ ، ساجد اثم قال يارب کيف تسکن معي في بيتي فقال يا موسيٰ اما علمت اني جليس من ذکرني "

الله سبحانہ و تعاليٰ جل شانہ حضرت موسيٰ عليہ السلام ڏي وحي کيو تہ اي موسيٰ اها ڳالهہ وڻئي ٿي، تہ مان توسان گڏ تنهنجي گهر ۾ ٽکان، حضرت موسيٰ عليہ السلام سجدي ۾ ڪري پيو، عرض ڪيائين تہ اي منهنجا ڪريم رب تون مون سان منهنجي گهر ڪيئن ٽکندين، الله سائين جل شانہ ٿو فرمائي تہ اي موسيٰ عليہ السلام ڇا تو کي خبر نہ آهي تہ جيڪو منهنجو ذڪر ڪري ٿو مان انهيءَ سان همنشين هوندو آهيان

بيت

مـــون گـــهـر مـــيـــنـڌرو جـــي اچـــي ٿـــي مهمان
آٿي جهوڪيان آڳ ۾ چـــاڻـــــي مـــنجـــهان چـــاڻ
پيڪن سوڌو پاڻ، گهر تڙ گهوريان گهوٽ تان (شاهہ)

نقل (57) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ حضرت عبدالله احرار رحمتہ الله عليہ نقشبندي طريقي جو بزرگ آهي، سندن فرزند اجازت طلبي تہ منهنجا سائين موڪل ڏي تہ مديني شريف وڃان، پاڻ فرمايائونس تہ مديني شريف گهٽيون وچين ڏسندين ڇا، انهي مديني واري سائين جي تو کي هتي زيارت ڪرايان، عرض ڪيائين تہ سائين مون تي مهرباني

**نقل** (57) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ حضرت عبدالله احرار رحمۃ الله عليہ نقشبندي طريقي جو بزرگ آهي، سندن فرزند اجازت طلبي تہ منهنجا سائين موڪل ڏي تہ مديني شريف وڃان، پاڻ فرمايائونس تہ مديني شريف گهڻيون وڃين ڏسندين ڇا. انهي مديني واري سائين جي تو کي هتي زيارت ڪرايان، عرض ڪيائين تہ سائين مون تي مهرباني ڪريو، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ صبح جو باغ ۾ خوشبوءِ لڳائي اچجان، پوءِ اتي تو سان مهرباني ڪنداسين...... پوءِ جڏهن پاڻ آيا ۽ فرمايائونس تہ اکيون بوٽ پوءِ چيائين تہ اکيون پٽ، اچان اکيون پٽي تہ محبوب اڳيان وينا آهن، پوءِ سائين جن فرمايو تہ مديني وارو سائين ڪو مديني مان ڪين گهرايائون، هتي سيني ۾ وينو هوس ڪڍي ڏيکاريائونس، پاڻ فرمايائون تہ ڪامل ولي خدا جا اهي آهن، جي گهر ۾ مديني وارو سائين ڏيکاري ڇڏين، مرشد جي معنيٰ اها آهي تہ محبوب ملائي ۽ ان جي هٿ ۾ هٿ ڏي ڪامل پير اهو آ جي اهو ڪي نہ سگهي تہ ڪامل پير ناهي......

لوگ ڪهتي هين مدينہ والا رهتا هي مديني مين
وه غلط ڪهتي هين مديني والا رهتا هي عاشقون ڪہ سينہ مين

محبوب جي عاشقن جي سيني ۾ محبوب وينو آهي

دل مين هي تصوير يار کي
جب ذرا گردن جهڪائي ديکهہ لي ....

**نقل** (58) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ مولوي ٿيڻ سهنجو آهي علمارباني ٿيڻ اهنجو آهي، ظاهري علم عربي فارسي پڙهڻ ڪي مولوي چئبو آهي، باطن جي علم پڙهڻ وارا عالم رباني ٿيندا آهن... ظاهري علم سان گڏ جيڪڏهن باطني علم نہ آهي تہ فاسق ٿيندو. عظميٰ نعمت اها آهي جو مالڪ سائين ظاهري علم سان گڏ باطني علم بہ مرحمت

فرمائي، باطني علم جو پاڳو خوف رب العالمين آهي جو رات جو الله تعاليٰ جي خوف کان روئيندڙ نہ آهي تہ عالم بہ نہ آهي، ٻيو تہ دنيا جي محبت بہ نہ هجيس ۽ حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي سنت طيبہ تي عمل ڪندڙ ۽ ڪرائيندڙ بہ هجي. انهيءَ عالم جو پاسو ٿامي ڪي سون ڪندو آهي،

بيت فارسي

گربہ علم عالم شدي بہ معرفت

جاهل علم است خر عيسيٰ صفت

تـــانيـــابـــي مـعــرفــت رهبر خدا

طلب ڪن مرشد شدي تواولياءِ

اگر تون علم پڙهي عالم ٿئين پر معرفت الله پاڪ جي توکي خبر ڪانهي پوءِ تون جاهل ۽ گڏھ آهين، جيئن حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو گڏھ، معرفت خدا جي رهبري تڏهن لهندين جڏهن مرشد ڪامل وٽي ان کان معرفت الهيٰ طلب ڪرين پوءِ تون الله جو دوست ٿي ويندين.

**نقل** (59) حافظ محبوب علي هاليپوٽو ٺلٽي يان سعيد آباد دادو جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي هن عاجز جي گهر سائين جن تشريف فرما ٿيا، تڏهن مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين، اوهان جن ماڻهن کي اسان جي ڳوٺ ۾ چو هارا پڙهي ڏنا تن سيني کي اوهان جي دعا سان پٽ ٿيا آهن، مون کي بہ پٽ نہ آهي ڪا دعا جي عنايت ڪيو تعويذ ۽ چوهارا پڙهي ڏيو، پاڻ فرمايائون تہ حافظ نہ توکي چو هارا پڙهي ڏينداسين نڪي تعويذ لکي ڏينداسين، تون هڪڙو ڪم ڪر جيڪو تمام سولو اٿئي، اهو اهو جو تون هيءَ باس باس تہ مون کي الله سائين جل شانہ جڏهن بہ پٽ

ڏيندو تہ مان ان جو نالو، نالي منو يعني " محمد " يا احمد رکندس، بس تو لاءِ تعويذ بہ اهو آهي ۽ ڇو هارا بہ ... تنهن تي مون چيو تہ سائين" آمين" پاڻ مرکي فرمايائون تہ تونکي نالي مٺي جي مبارڪ پوءِ سال کان بعد مون عاجز جي گهر پٽ ڄائو جنهن جو نالو " محمد " يعني نالي منو رکيوسين .

**نقل (60)** هڪ ڀيري سائين جن فرمايون تہ سڏو پنڌ مرشد جي صورت وارو اٿو، جتي بہ هجو اتي پنهنجي مرشد پاڪ جي صورت کان غافل نہ رهو، اها اوها عبادت آهي جنهن سان نہ نفل پڄن نہ روزانہ ٻي ڪاشيءِ پڄي .

سـڌو پـنـڌ آ صـورت جـو بـيـون واٽون اٿئي ڪل ور،

محڪم رهہ تون موج ۾ مهدي تي ڳر هاديءِ ۾ هيڪر

**نقل (61)** هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ اسان جي سهڻن مرشدن جو طريقو قادري آهي، اسان جي سائين مشورن واري بادشاهہ جو، واعدوآ، واعدوآ، واعدوآ.... تہ سانجهيءِ کان بعد ۽ سومهاڻي کان اڳ ۾ يارهن قل هو الله شريف بغداد واري سائين کي هديو بخشي چار تسبيحون ذڪر جون ڪر، تنهنجو ڪنيڪشن نڪاءَ بغداد شريف ۾ ٿيندو.اها ڳالهہ ڪوڙي ناهي اها ڳالهہ دل کي جيئرو ڪندڙ آهي، پاڻ فرمايائون تہ سڪرات ۾ گڏ آهيون، قبر ۾ گڏ آهيون، تہ ميزان تي بہ گڏ آهيون، پل صراط تي بہ گڏ آهيون، ملائڪن کي ساهہ ناهي جو تو کي دسين اسان بينا آهيون،

**نقل (62)** فقير بدرالدين جاڳڻ جو جيڪو ضلع شڪارپور ۾ هڪ ڳوٺ آهي، نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي حاضري نصيب ٿي،

حضرت قبلا ميان سائين جن جي حضور ۾ ويس جڏهن قدم بوسي ڪيم ته پاڻ جلال مان ڏسي فرمايائون ته توهان ڪنهن جا مريد آهيو. مون ڪي اچي روئڻ ورتو تان ته ٻيون ٽيون دفعو به ايئن فرمايائون هن ٻانهي ڪي جواب ڏيڻ جي طاقت نه رهي. تنهن تي پاڻ فرمايائون ته ابا توهان سائين بادشاهه جا مريد آهيو توهان ڪي شرم نٿو اچي جو ذڪر شريف به نٿا ڪريو. ۽ صلوات شريف به ڇڏي ڏني اٿو. پوءِ مون عرض ڪيو ته برابر قبلا سائين منهنجا قصور آهن. دعا فرمايو پاڻ شفقت ڪري فرمايائون ته توهان تي سائين جي نگاهه آهي. ان ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين تقريبن ڏهه سال ٿيا آهن جو ذڪر شريف ۽ صلوات شريف ڪي نه ڇڏيو اٿم .

**اي عزيز:** ڪامل مرشد مريد جي هر حال کان واقف ۽ هر هنڌ موجود هوندو آهي. جيڪو طالب ايئن سمجهي ته منهنجو پير مون کان پري آهي. ۽ منهنجا احوال نٿو ڄاڻي اهو فيض کان بي نصيب آهي .

بيت

اين جهان صورت است معنيٰ دوست

در بہ معنيٰ نظر کني همہ اوست

هي جهان حقيقي دوست جي صورت آهي. جيڪڏهن حقيقت ڏانهن نظر ڪندي ته سڀڪجهه اهوآهي

**نقل** (63) فقير رياض احمد سولنگي وينل لاڙڪاڻي شهر جو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي جمع جو ڏينهن هو هي ٻانهون سائين جن جي حضور پر نور ۾ وينو هو. ته هڪ فقير وينل ڳوٺ قبو عرض ڪيو ته قبلا سائين اسان جي ڳوٺ واري مسجد ۾ هڪ پيش امام رکيو اٿئون جيڪو اذان ڇوڻ کان اڳ۾ صلوات شريف نٿو پڙهي. پاڻ فرمايائون ته جيڪو صلوات

شريف جي خلاف آهي، اسان هن جي خلاف آهيون، اهو وهابي نڪر آهي اهڙي ڪان مسجد خالي ڀلي آهي .

**نقل** (64) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ الله سائين قيامت جي ڏينهن هڪڙي عالم کي گهرائيندو، ۽ فرمائيندس تہ تون کي سڀ گناهہ بخشيم هاڻي اهو سچو پاسو وٺي بهشت ۾ وڃ، عرض ڪندو تہ سائين تنهنجا لکين احسان لکين ٿورا جو مون کي عذابن کان ڇڏايئي. جڏهن اڳتي بهشت ڏي هلڻ لڳندو تہ وري الله سائين سڏائيندس رب ٿو پڇيس تہ عالم سڳورا توکي خبر آهي، مان تون کي ڇو بخشيو ڇو مان تو کي بهشت جي جاگير ڏني اها خبر اٿئي، چوندو تہ نہ منهنجا مولي، تون مهربان آهين، رحيم آهين ڪريم آهين تو کي رحم پيو، الله سائين چوندو تہ نہ رڳو هڪڙي ڳالهہ جي ڪري .....هڪ مجلس ۾ تو تقرير ڪئي هئي انهيءَ تقرير ۾ هڪڙو ماڻهون منهنجي محبوب جي عشق ۾ روئي وينو هو، پوءِ انهن ڳوڙهن جي ڪري مان رحمت جو پاڻي سڄي جماعت تي وسايو، تون بہ انهيءَ جماعت ۾ هيئن پوءِ تو کي بہ ڏوئي ڇڏيم، ۽ جيڪي بہ انهيءِ مجلس ۾ هئا انهن جا گناهہ بخشيم ۽ تو کي بہ بخشي ڇڏيم .

بيت

رحمتش راتشنہ ديدم برگناه
آب ديده خويش راکردم پناه
قطراه چند از گنہ گرشد پديد

در چنان دريا کجا آيد پديد

**ترجمو** : الله سائين جي رحمت کي گناهن لاءِ اجايل ڏنو. تڏهن پنهنجن ڳوڙهن کي پاڻ لاءِ پناهه ڪيو. پر جيڪڏهن منهنجي گناهن جا ٻه ٽي قطرا ظاهر ٿي پيا ته ڇا ٿي پيو، جو ته اهي ٿورڙا قطرا رحمت واري ڪشادي درياءَ ۾ ڪٿي ظاهر ٿي سگهندا.

**نقل** (65) فقير مختيار احمد شيخ ڳوٺ بدي جو نقل ٿو ڪري ته منهنجي امڙ بيمار ٿي پئي پوءِ مون درگاهه شريف تي سائين جن جي حضور ۾ مصري وٺي پيش ڪئي، ۽ عرض ڪيم ته سائين امڙ لاءِ پڙهي ڏيو پاڻ فرمايائون ته اباهيءِ الله سائين جي امانت آهي الله سائين ڏي ويندي، پاڻ مصري پڙهي نه ڏنائون ۽ واپس ڪيائون پوءِ تقريبن هڪ هفتي ۾ امڙ وصال ڪري وئي .

**نقل** (66) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي دادو لڳ مستوئي فقيرن جي ڳوٺ سائين جن جي دعوت هئي، پوءِ سائين جن اتي جلسي ۾ تقرير مبارڪ ۾ فرمايو ته هڪڙي شخص سڄي عمر بي ريا عبادت ڪئي هوندي، ان کي پنهنجي ڪيل عبادت تي فخر هوندو پوءِ قيامت جي ڏينهن ان شخص کي الله پاڪ جي طرفان حڪم ٿيندو ته اي منهنجا ٻانها تو سڄي عمر منهنجي عبادت ڪئي آهي هاڻي تون وڃ بهشت ڏانهن، اهو شخص چوندو ته منهنجا مولا مون سڄي زندگي تنهنجي عبادت ڪئي آهي، هاڻي بهشت ڏي موڪلي مون تي ٿورو نه ڪر، منهنجو عدل ڪر انصاف ڪر حساب ڪتاب ڪري پوءِ موڪل، الله پاڪ جي طرفان حڪم ٿيندو چڱو تون هل تر ميزان تي اتي تنهنجوعدل انصاف ٿيندو. پوءِ اهو شخص اجان هڪڙي وک مس کڻندو، ته ان کي اکين اڳ جي سختي ٿيندي جو بس چوندو ته هاڻي مران ٿو زبان

ٻاهر نڪري پوندس، اوچتو ڏسندو تہ هڪ ملائڪ سڳورو بيٺو آهي، هٿ ۾ پاڻي جو گلاس اٿس، پوءِ هي چوندس تہ مون کي پاڻي ڏي.مان مران ٿو ملائڪ چوندس تہ پاڻي مفت جو ناهي پنهنجي عبادت جو اڌ مون کي ڏي، تہ پوءِ پاڻي.ڏيانءِ پوءِ اهو شخص چوندس تہ مان اڌ عبادت جو توکي ڏنو مون کي پاڻي ڏي پوءِ ملائڪ پاڻي ڏيندس، پاڻي پي وري اجان اڳتي هلندو تہ وري ساڳي حالت ٿيندس اجان وڌيڪ خطا ٿي پوندو، وري ڏسندو تہ ملائڪ سڳورو پاڻي کنيو بيٺو آهي، چوندس تہ وارو ڪر پاڻي ڏي مان مران ٿو، ملائڪ چوندس تہ جيڪا بچيل عبادت آهي اها ڏي تہ پوءِ پاڻي ڏيانءِ، هو چوندس تہ عبادت تنهنجي حوالي ڪيم پاڻي ڏي، پاڻي پي پوءِ تر ميزان تي پهچندو الله پاڪ فرمائيندس، اي فلاڻا شخص ٻڌائي تو کي فخر هو پنهنجي عبادت تي پوءِ تو اها عبادت ڪاڏي ڪئي، اها تہ تو پاڻي جي ٻن ڍڪن ۾ ئي کپائي ڇڏي هاڻي تون ٿلهو سکڻون آهين هاڻي ڇا ٿو چوي، .

**اي عزيز:** وڏائي ۽ پاڻ پڏائڻ ايتري قدر خراب آهي جو گهنگار ڊڄڻ وارو سئو ڀيرا ان کان بهتر آهي، الله سائين جل شانہ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان سمورن مومنن کي نيازي مسڪيني ۽ عاجزي بخشي ۽ وڏائي آڪڙ کان بچائي، . شيخ سعدي رحمتہ الله عليہ فرمايو آهي،

گـهـــنگار نند يشناڪ ازخدا

بسي بهتر از عابد خودنما .

گهنگار خدا تعاليٰ کان ڊڄڻ وارو، متڪبر عابد کان گهڻون ڀلو آهي،

**نقل (67)** فقير مولوي حافظ ممتاز احمد چنو رهندڙ ڳوٺ بدي جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ اسان جي درگاهہ شريف جي

نلڪن ۽ پاڻي جا نار آب زم زم ۽ مديني شريف جي جر سان مليل آهن، هي پاڻي شفا وارو آهي ۽ اسان جي تعويذ ۾ اسم اعظم رکيل آهي، ڪهڙي به بيماري هجي، ڏوهه نظر جادو سحر حساب، سڀني لاءِ شفا آهي ۽ اسان جو فقير جيڪو به اهو تعويذ ٻڌندو ته اهو هربلا هرمصيبت کان حفاظت ۾ رهندو. .

**نقل** (68) فقير محمد رفيق هاليپوٽو جيڪو سائين جن خدمتگار هو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سائين جن جي خدمت ۾ حاضر هوس، پاڻ فرمايائون ته رفيق تنهنجو پيءُ ماءُ درگاهه شريف تي ڇو ڪونه ٿا اچن گهڻان ڏينهن ٿيا آهن رفيق تو کي گهرائي ڏيان، مون عرض ڪيم ته سائين جن مهرباني ڪندا ته بابا ۽ امڙ اچي ويندا، پوءِ سائين جن فرمايون ته اجهو ٿا هاڻي ڪيون، پوءِ پندرنهن منٽن بعد پاڻ مون کي ڪنهن ڪم لاءِ ٻاهر موڪليائون مان ٻاهر نڪري مسجد شريف جي پٽ ۾ آيس ڏسان ته اڳيان بابو ۽ پويان امان ٻئي اچن پيا :

**نقل** (69) فقير عبدالغني شڪارپور وارو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سائين جن مون کي ذڪر نفي اثبات لاالاالله جي لک ڪڍڻ جي اجازت ڏنائون، پاڻ فرمايائون ته پنجاهه هزار پورو ڪندين ته تو کي مديني واري سائين جي زيارت نصيب ٿيندي، ٿيو به ائين جو ان لک هلندي مديني واري سائين جي خواب ۾ زيارت ٿي سندن سان گڏ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه به هيا، ڪيترا سال ٿي ويا آهن جو اڄ ڏينهن تائين اها صورت مبارڪ ذهن تان نٿي لهي، اهو سندن ئي نگاهه مبارڪ جو اثر آهي !

**اي عزيز:** حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو آهي ته جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو ان تحقيق سچ ڏٺو شيطان کي طاقت ناهي جو اسان جي

صورت ۾ اچي جنهن خواب ۾ ڏٺو اهو ستت ئي سجاڳيءَ ۾ ڏسندو.
شاهه صاحب فرمائي ٿو! "

1: تن نيڻن ڪئي نيران جن ساجهر پينيا سيڻ
جيءَ جسي ۽ جان چڻ حضوري حج ڪيو .

2: گهوريان هي جهان هو پڻ گهوري گهوريان
هڪ پلڪ پريان ساڻ جي مون سري سرتيون .

**نقل** (70) فقير سائينداد نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن بس جي ذريعي دڙو شهر ۾ فقيرن جي دعوت تي تشريف فرمائي رهيا هئا. جڏهن ٽنڊو محمد خان کان شاهه ڪريم پلڙيءَ واري شهر جي ويجهو ٿيا تہ پاڻ فقيرن کي فرمايائون تہ بس جي ڊرائيور کي چئو تہ بس ٿورو بهاري تہ شاهه عبدالڪريم بادشاهه جي زيارت ڪريون بس جي ڊرائيور چيو تہ ٽائيم ٿورو آهي آئون نہ بيهندس، پوءِ جڏهن بس شهر ۾ پهتي تہ خراب ٿي پئي، ڊرائيور فقيرن کي چيو تہ سائين بادشاهه پلي وڃين شاهه عبدالڪريم جي درگاهه ۾ دعا خير جي ڪري اچن، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ شاهه عبدالڪريم بادشاهه بس کي روڪرايو آهي نہ تہ بس وارو بس نہ روڪي ها. يار کي يار گهرائيندو آهي تہ ڪونہ ڪو سبب ٺهي پوندو آهي، پوءِ جڏهن سائين جن شاهه عبدالڪريم بادشاهه جي درگاهه تي دعا خير جي گهري آيا ۽ اچي بس ۾ ويٺا تہ بس بہ هلڻ لڳي پوءِ پاڻ فرمايائون تہ فقير هي سائين عبدالڪريم رحمتہ الله عليہ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ جو پڙ ڏاڏو آهي جن کي خبر پئي تہ مشوري شريف وارو يار اسان وٽان لنگهي ٿو پوءِ اسان کي گهرائي ورتائون !

**نقل** (71) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي دادو لڳ فقير قمر دين پهنور جي دعوت تي پاڻ تشريف فرما ٿيا. پوءِ

اتي تقرير مبارڪ ڪندي الله وارن جو شان بيان ڪندي فرمايائون تہ هي جهان الله وارن جي ملڪيت آهي، اهي هن جهان جا مالڪ آهن وٺين تہ پينو ڪي بادشاھ ڪن ۽ وفين تہ بادشاھ ڪي پينو ڪن. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هڪ دفعي ننڍ ۾ ڏسان پيو تہ ميان فقير محمد ويهڙ شريف واري ڏي ڪچهري لاءِ وڃان پيو ڇو جو ميان صاحب ملڪاڻي جيڪي ميان فقير محمد جا مرشد آهن اهي پاڻ اسان وٽ ايندا آهن. پوءِ رائس ڪئنال واري ٽاپ وٺيو پيو وڃان. ڏسان تہ واٽ تي ميان صاحب ملڪاڻي وينا آهن، ۽ سندن اڳيان مٽيءَ جون ننڍيون ننڍيون ڍڳڙيون پيون آهن ۽ پاڻ وينا آهن. پاڻ فرمايائون تہ اسان سلام ورايوسين تہ پاڻ اٿي بيٺا ۽ سلام جو جواب ڏئي ڀاڪر پائي ملڻ لڳا ۽ چميون پيا ڏين ڏاڍو پيار سان خوش پيا ٿين، پوءِ ڪهچري ڪئي سون، مون پڇيس تہ هي مٽيءَ جون ڍڳڙيون هتي ڇو ناهيون اٿو. پاڻ جواب ڏنائون تہ سائين توهان هن مٽيءَ جي ڍيرن مان کهڙي ٿا ڪڍون مون ڇيو تہ اسان کي پنهنجو هادي اسان لاءِ ڪوڙ آهي، اسان کي ڪنهن بہ شيءِ جي گهرج نہ آهي،اسان کي الحمدالله گنج آهي مالڪن اسان کي ڍائي ڇڏيو آهي، پوءِ چيائين تہ سائين چوندا آهن تہ سياڳي پٽ کي بہ ڀاڳا ملندا آهن، سو اسان توهان کان ڏاڍا راضي آهيون، خوش آهيون اسان جي ڪکڙن جي پاسي ۾ لنگهي اچڻ جي مهرباني ڪئي اٿو هيءَ توهان جي مهماني آهي توهان مهرباني ڪري هي تحفو قبول ڪري هنن ڍڳڙي مان جيڪي وٺيو سوڪڻو. پاڻ فرمايائون تہ اسان هڪ مٽيءَ جي ڍڳڙي تي هٿ رکيوسين پوءِ ملڪاڻي صاحب ڏاڍا خوش ٿيا، ۽ چيائون تہ توهان کي مبارڪ آهي، هيءَ جيڪا ڍڳڙي آهي اها منهنجي ملڪن مان هڪ ملڪ آهي اڄ ڏينهن کان وٺي مان ان ملڪ جو مالڪ توهان کي ڪيو توهان جي حوالي آهي

پنهنجي فيض سان ان علائقي کي آباد ڪريو، اهو توهان جي ذمي آهي اڄ ڏينهن کان وٺي توهان جي شيءِ آهي .

**اي عزيز:** ناقص عقل عارفن جي نڪتي کي ڪيئن يقين ڪندو، جڏهن ته هي ڪميڙون عقل بازار جي ترازو وانگر آهي ۽ عارفن جو نڪتو جبل کان به ڳروسوهن ترازو سان جبل ڪيئن توري سگهبو !

**نقل** (71) هڪ دفعي سائين جن فرمايو ته حضرت آدم عليه السلام ۾ محبوب جو نور هو، تڏهن الله ملائڪن کان سجدو پيو ڪرائي الله پاڻ کي سجدو ڇو نه پيو ڪرائي، آدم کي ڇو پيو سجدو ڪرائي الله تو ملائڪن کي چوي ته ڏاڏي آدم کي سجدوڪيو، ته مان کي سجدو ڪيو.... پوءِ سائين جن فرمايو ته هي سجدو ربوبيت جو نه هوهي تعظيم جو سجدو هو، حضرت آدم عليه السلام جي عزت ڇاجي ڪري هئي ڇو ته قلب سيني ۽ پيشاني مبارڪ ۾ نور نبوي صلي الله عليه وسلم جو هو، الله سائين انهيءَ نور کي پيو سجدو ڪرائي اهو نور به الله جو هيو اهو سجدو آدم کي نه هو، اهو ساڳيوئي خدا کي هو .

**اي عزيز:** الله تعاليٰ ارڙهن هزار قسمن جي مخلوق پئدا ڪري انهن ۾ نظر ڪئي ته پنهنجي ذات ڏسڻ ۾ نه آيس، پوءِ خلق آدم عليٰ صورته جي نقش تان آدم کي ناهي ان ۾ نظر ڪيائين ته پنهنجي ذات کي آدم جي وجود ۾ ذات ۽ صفتن سميت ڏسي خوس ٿيو ۽ آدم کي خليفته الله جو خطاب ڏنائين ۽ سيني ملائڪن کي سندس آڏو سجدي ڪرڻ جو حڪم ڪيائين !

مولانا روم فرمايو آهي .

گر نه مرآت وجه باقي بود

ازچہ روشد فرشتہ رامسجود

**ترجمہ:** حضرت آدم عليہ السلام جيڪڏهن آئينو الله جل شانہ جو نہ هجي ها تہ ملائڪن کي حڪم سجدي جو ڪهڙي طرح ٿئي ها !.

تـــابـــيـــا ـــبـــد جـــان آدم آ شـــڪار

ره ند استـــنـــد ســـوئـــي ڪـــرد گار

ره پـــديـــد آمـــد چـــون آدم شدپديد

هشت جنت راڪليد آمـــد پـــديـــد

جيستائين آدم جو ساهہ ظاهر نہ ٿيو هو الله جل شانہ ڏانهن ڪنهن بہ واٽ نہ لڌي جڏهن آدم پيدا ٿيو تڏهن واٽ ظاهر ٿي پئي ۽ انن جنتن جي چابي بہ ظاهر ٿي پئي.

**نقل**(72) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ هڪ بزرگ جو پٽ پنهنجي پيءُ کان اجازت وٺي علم سکڻ لاءِ ويو پوءِ جڏهن علم سکي بزرگ جي خدمت ۾ آيو. بزرگ پڇيس تہ ڇا سکي آيو آهين. پٽ ورندي ڏنس تہ بابا مان اهو علم سکي آيو آهيان جو هڪڙي ساعت ايندي آهي ان ۾ مان آگر لوهہ ۾ وجهندس تہ لوهہ ۾ اندر هلي ويندي، پوءِ جڏهن اها ساعت آهي چوڪري آگر اندر ڪئي تہ لوهہ مان پار ٿيي وئي ٿوري دير کان بعد بزرگ وري چيس تہ هاڻي وري لوهہ مان آگر ٽپائي. چيو چو تہ اها ساعت گذري وئي هاڻي وري جڏهن اها ساعت اچي. بزرگ چيس تہ سڄي زندگي تو هڪڙي ساعت لاءِ وڃائي ڇڏي. ايئن چئي بزرگ بسم الله ڪري لوهہ ۾ جو آگر هنئي تہ سڄو هٿ لوهہ مان پار ٽپي ويو. بزرگ چيس تہ ساعت تہ بيٺي آهي تون ڪيئن ٿو چوين تہ ساعت گذري وئي ... پوءِ سائين جن

فرمايو تہ اها ساعت مرشد ڪريم جي ذات آهي جيڪا سدائين موجود آهي ان جي ذات ۾ پاڻ کي فنا ڪريو اجائي پنهنجي عمر نہ وڃايو .

**اي عزيز:** جيستائين طالب پاڻ فنا ٿي پنهنجي مرشد جي صورت ۾ معنا متحد ۽ وابستہ نہ ٿي سگهندو تيستائين معنوي ۽ روحاني ڪمال حاصل نہ ڪري سگهندو .

چنا چہ هڪڙي بزرگ فرمايو آهي،

تومذاش اصلا کمال اين است وبس

تودراوگم شووصال اين است وبس

تودراوگم شوڪمال اين است وبس

گم شدن گم ڪن وصال اين است وبس !

**نقل** (73) فقير احمد علي چنو وينل دودائي روڊ لاڙڪاڻي جو نقل ٿو ڪري تہ منهنجو دوست نالي بگن چانديو جنهن کي ڇتي ڪتي چڪ وڌو هو، ان ڏاڍو علاج ڪريو پر تڪليف گهٽ نہ پئي ٿئي، پوءِ هڪ ڏينهن مان ان کي درگاهہ شريف تي وٺي آيس ۽ سائين جن جي حضور ۾ عرض گذاريم، پاڻ مون کي چيڪي مٽي آڻڻ لاءِ امر فرمايائون مون جلدي ۾ چيڪي مٽي ڪٽي ڳوهي تيار ڪري حضور ۾ پيش ڪئي، پاڻ چيڪي مٽي ۾ پنهنجو لعاب مبارڪ ملائي ان شخص جي تڪليف واري هنڌ تي ڦيرائڻ لڳا، ۽ ڪجهہ پڙهڻ بہ لڳا پوءِ مٽي کي پٽي جدا ڪيائون تہ ان مٽي جي ڳوڙهي ۾ ڇتي ڪتي جو وار اچي ويو، اهڙا پنج ڇهہ وار ان شخص مان ڪڍيائون پوءِ ان شخص کي ڇتي ڪتي جا پار پتا بہ ٻڌايائون، پوءِ ان شخص جي تڪليف ختم ٿي وئي ۽ هو چڱو ڀلو ٿي ويو!

**نقل** (74) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري ته جنهن زماني ۾ سڄي ملڪ ۾ ڌاڙيلن جو زور هوندو هو. اهي خون ڪندا هئا ۽ گهرن کي باهيون ڏيندا هئا. گهڻون ظلم ڪڇي جي ماڻهن سان هوندو هو. رات جو ته نهيو پر ڏينهن جو 40 ،50. ڌاڙيل اچي اوطاقن ۾ ويهندا هئا. غريبن جا چيلا ڪهيو کائي ويندا هئا ماني لاءِ تنگ ڪندا هئا جي ڪونه کارائيندو هو ۽ انهن جو چوڻ نه وٽندو هو تن جي گهرن کي باهيون ڏيندا هئا انهيءَ ظلم جي باهه ۾ ڪيترا ڪڇي جا ماڻهون پنهنجا ڪک ڇڏي ڪڇي مان هليا ويا. ڪي سيوڻ وينا ته ڪي وجي ڄام شوري ۽ ڪوٽڙي وينا اسان جو ڳوٺ به ڪڇي ۾ هو پوءِ هيڪر انهن ڳالهين کي ياد ڪندي آءُ پنهنجي گهر ستس ته ننڊ ۾ پيو ڏسان ته گويا آئون مسجد شريف ۾ قرآن شريف جو دور ٿو وينو ڪيان ته اوچتو ٻاهر ان سڏ ٿيو مون ڪنايو ته آواز سائين ميان سائين بادشاهن جو سمجهڻ ۾ آيو. آئون ٻاهر نڪتس ته ڏٺم ته سڏ حافظ محمد صالح عليہ الرحمته جي روضي مان پي آيو. جيڪو مسجد شريف سان گڏ آهي ( حضرت حافظ صاحب ڪامل بزرگ شخص ميان صاحب ملڪاٽي عليہ الرحمته جي خليفن مان آهي ). مان اندر روضي شريف ۾ داخل ٿيس ته ڏٺم ته حضرت قبلا هادي رهبر ميان سائين بادشاهه روضي جي چوڌاري جيڪو ڪاٺ جو ڪٽهڙو ڏنل آهي، ان تي وينا آهن ۽ سندن منهن مبارڪ اولهه طرف آهي. رخ انور مان نور جون لاٽون پيون نڪرن مان قدم بوسي ڪئي ته منهنجي چاچي .... جو پڇيائون. عرض ڪيم ته اهو اتي ڪونهي مان آهيان پاڻ فرمايائون ته هي سڀ اسان جي عملن جون شامتون آهن تڏهن اهي ڪتا پڇيا ويا آهن. اسان الله تعاليٰ جل شانہ کان دعا گهرون ٿا ته اها مصيبت توهان جي ڳوٺ تان ختم ٿئي. پوءِ هٿ مبارڪ کڻي دعا گهريائون ۽

فرمايائون تہ ان جو اثر ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِهيڏاهن ظاهر ٿيندو پاڻ سڳو هٿ مبارڪ اتر طرف ڪٽي ارشارو ڪيائون، پوءِ اٽي پاڻ هلڻ لڳا تہ سجاڳي ٿي وئي، پوءِ هڪڙي رات اسان جي ڳوٺ ۾ 50 ڌاڙيلن حملو ڪيو سڄي رات فائرنگ هلي ڳوٺ ڪي باهہ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائون، مگر ڪامياب نہ ٿيا. فقط هڪ پاڏو ۽ ڳڌهہ مري ويو ان ڪان پوءِ وري ڪڏهن بہ ڌاڙيل اسانجي ڳوٺ تي نہ آيا علائقي ۾ امن ٿي ويو هر ماڻهون سک ۽ آرام سان رهڻ لڳو .

بيت فارسي

دشمن چہ کند چون مهربان باشد دوست

درظـذل خـوش نــگـا هــدار نـدا وست!

جيڪڏهن دوست مهربان.هجي تہ پوءِ دشمن ڇا ڪندو پنهنجي پاڇي ۾ حفاظت ڪرڻ وارو اهو ئي آهي !

**نقل** (75) فقير مولوي ممتاز احمد ڳوٺ بدي جو نقل ٿو ڪري تہ اسان. جي ڳوٺ جي حبيب بئنڪ ۾ منظور احمد منگي ڳڙهي ياسين واروجيڪو جماعت اسلامي جو اڳواڻ هو بدلي ٿي آيو، ان بئنڪ ۾ فقير اعجاز احمد شيخ شڪارپور وارو جو اڳ۾ ڊيوٽي تي هوندو هو، آئون ان سان صحبت ڪرڻ جي خيال سان بئنڪ ۾ ويندو هوس پوءِ هن مسڪين گفتگو ڪيو تہ اسان جا سائين اهڙي تہ مهرباني فرمائيندا آهن، جو ڊاڪٽرن وٽان لاعلاج ٿيل هجي تہ سائين دعا فرمائيندا آهن يا تعويذ مبارڪ ڏيندا تہ اهو لاعلاج ماڻهون خوش ٿي ويندو، اها گفتگو جو منظور احمد ٻڌي تہ چيائين تہ فقير منهنجي گهرتڪليف آهي ڊاڪٽر چون ٿا تہ سيني ۾ارن جي رت پيشاب ۽ ايڪسري ڪراچي مان چڪاس ڪرايو، جنهن جو خرچ

چاليھ پنجاھ هزار ايندو ان کان پوءِ علاج شروع ڪبو. مهرباني ڪري مون کي سائين جن کان دعائون وٺي ڏيو. پوءِ درگاھ شريف تي سائين بادشاهن جي حضور ۾ عرض ڪيم پاڻ فرمايائون تہ ميان سائين جن کان تعويذ وٺو. پوءِ مون سائين ميان سائين جي حضور ۾ حقيقت عرض ڪئي تہ سائين آهي بہ جماعت اسلاميءَ جو پاڻ نہ آيو آهي مون کي موڪليو اٿس. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هي تعويذ اسان ڏيون ٿا اهڙي ٿانو ۾ پسائي رکو جو ست ڏينهن صرف اهو پاڻي سمورا گهر جا ڀاتي پين ۽ ست ڦڙا تعويذ واري پاڻي جاتيل ۾ وجهي مالش ڪن انشاءَ الله تعاليٰ ڊاڪٽرن ڏي وڃڻ جي ضرورت نہ ٿيندي ۽ اسان جا سلام چئجوس. پوءِ مون موٽي اهو تعويذ ڏنو ۽ سلام بہ ڏنم. ۽ اهو بہ تہ ڊاڪٽرن ڏي نہ وڃو. پوءِ اهو تعويذ منظور احمد استعمال ڪيو ستن ڏينهن کان پوءِ چيائين تہ سائين جن جي مهرباني سان اسان سڀ گهرجاڀاتي خوش آهيون. بيشڪ سائين جن آهن پوءِ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مون سان گڏجي درگاھ شريف تي آيو ۽ سائين بادشاهن کي ذڪر شريف جو عرض ڪيم پاڻ فرمايائون تہ ميان سائين کان ذڪر شريف وٺو. پوءِ سائين ميان سائين بادشاهن ذڪر شريف جي مهرباني فرمائي پنهنجي جماعت ۾ داخل ڪيائون !

**نقل** (76) فقير عبدالغني سولنگي نقل ٿو ڪري تہ 1986ع ۾ منهنجي سالي کي نوڪري جي تلاش هئي جنرل ضياءَ جو دور هونوڪريون ملڻ ڏکيون هيون پوءِ هو مون سان گڏجي درگاھ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ آيو ۽ سائين جن کي عرض ڪيائين سائين جن دعا فرمائي ۽ فرمايائون تہ توهان درخواست ڏئي ڇڏيو توهان کي جلدي نوڪري ملندي

پوءِ ان درخواستون ڏنيون پوءِ جلدي ان جو آرڊر ٿي ويو هڪڙي هفتي ۾ (3) آرڊر آيا..

**نقل** (77) فقير رياض احمد ماڇي وينل محلہ قافلہ سراءِ لاڙڪاڻي جونقل ٿو ڪري تہ هيڪر جمع ڏينهن آءٌ مرشد ڪريمن جي خدمت ۾ وينو هوس بيا بہ فقير وينا هئا. پاڻ فرمايئون جڏهن نہ لهابي مرندا تہ انهن جون شڪليون ڦري وينديون ۽ اهي خنزير ٿي ويندا پوءِ گهڙي ڪن ڪان پوءِ وري فرمايائون تہ جنهن بہ منهنجي سچڻ ۾ ڦير وڌو ان سان اها حالت ٿيندي !

از خــدا خــواهــيــم تــوفــيق ادب

بي ادب محروم ماند ازلطف رب

بي ادب تنها نہ خود را داشـت بد

بلڪ آتــش درهـذمہ آفــاق زد !!

**ترجمہ** : الله تعاليٰ جل شانہ ڪان ادب جي توفيق ٿا گهرون ڇو تہ بي ادب نہ رڳو پاڻ کي بڇڙو ڪيو بلڪ پنهنجي شامت جي باھ ساري جهان کي هٽي ڇڏيائين !

**نقل** (78) فقير حاجي خان محمد پٽو وينل جيلس روڊ لاڙڪاڻي جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ جيڪڏهن ڪو شخص غريب آهي اضحيٰ نہ ٿو ڪري سگهي تہ پوءِ اهو شخص (100) دفعا قل هو الله شريف پڙهي ڇڏي تہ ان جي اضحيٰ ٿي ويندي .

**نقل** (79) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي هن ٻانهي کي درگاھ شريف تي حاضري نصيب ٿي. سائين جن جي قدم بوسي ڪري جڏهن حضور ۾ وينس ان وقت هڪ شخص جيڪو 60 سالن جي عمر جو هجي سائين جن جا اچي قدم مبارڪ چميائين ۽ سائين جن

ٻہ ڏاڍو پيار ۽ محبت سان خوش مرحبا ڪيائونس، پوءِ ان شخص سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو قبلا سائين مون کي تاج شريف تي ڏاڍو شوق ٿي پيو آهي سو مهرباني ڪري مون کي تاج شريف ڏيو مان پايان مان کي ڏاڍي سڪ آهي، سائين جن فرمايوس تہ تاج شريف اسان توکي نہ ڏينداسين پوءِ ان ماڻهون ايلاز ۽ منٿون ڪيون، پوءِ سائين جن جلال مان فرمايس تہ تون اسان جو مريد ناهين تنهنجو ذڪر ناهي ورتل، ٻيو تہ توکي سنت رسول الله جي ڏاڙهي ڪانهي،ٽيون تہ تنهنجا شهپر يعني مڇون ڪٽيل ناهين ۽ چوٿون ٻيڙين جو موالي آهين ٻيڙيون ٿو ڇڪين پنجون تہ ٻي نمازي آهين، اهي سڀ ڪم تو ۾ آهن، ان شخص چيو تہ برابر اهي سڀ عيب مون ۾ آهن،سائين جن فرمايوس تہ اسان تو کي تاج شريف ڪونہ ڏينداسين ان ماڻهون گهڻيون منٿون ڪيون پر سائين جن پنهنجو منهن مبارڪ ٻي طرف ڪيو آخر اهو ماڻهون ڪجهہ دير ڪان پوءِ هليو ويو !!

**نقل** (80) فقير عبدالغني شڪارپور وارو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ مان بس ۾ سفر ۾ وڃي رهيو هوس تہ اوچتو وڻ سان بس جو حادثو ٿي ويو، ان ۾ ڪيترا ماڻهو زخمي بہ ٿيا ۽ مري بہ پيا پر جنهن ڪرسي تي مان ويٺو هيس اها بہ ڪرچل ٿي وئي پر مان کي تر جيترو بہ ڌڪ نہ لڳو، اها آهي مرشد ڪريم جي مهرباني .

**نقل** (81) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ پير سائين جن فرمايو آهي تہ قادري طريقو سردار آهي، نقشبندي چشتي سهروردي هن جون ٽاريون آهن اصل ۾ طريقو حضرت عبدالقادر جيلاني جو اٿو، جيڪو پير سائين روضي واري جو آهي، ساري درگاهن مريدن ۾ ڪنڌ ريو آهي، اهڙو ٻيو طريقو آهي ٿي ڪونہ نقشبندي طريقي وارو ساري رات هون هون جهنڊ

ڪري قادري طريقي وارو فقير نماز سومهاڻي کان اڳير چار تسبيحون ذڪر ڪري پنج وقت نماز پڙهي ساري رات سمهي صبح جو اٿي، هن کان ثواب گهڻون ڪٿي ويندو.

**نقل** (82) فقير الهواريو شيخ لاڙڪاڻي وارو نقل ٿو ڪري ته هڪ ڏينهن آئون قبلا سائين ميان سائين بادشاهه جي حضور ۾ وينو هوس ته هڪ فقير وينل پد عيدن جوخذمت اقدس ۾ آيو عرض ڪيائين ته سائين اولاد ڪونه آهي سو دعا جي مهرباني ٿئي.پاڻ فقير کي خشطبعي ڪندي فرمايائون ته " رڳو ڏاڙهيءِ تي زور ڏنو اٿئي ڪجهه هو ڏي به زور ڏي " پوءِ فرمايائون ته روضي مبارڪ تي عرض ڪري اچ. فقير روضي مبارڪ تي دعا گهري واپس حضور ۾ آيو ته پاڻ ان کي فرمايائون ته اسان به مالڪن کي عرض ڪيوسين هاڻي به پٽ ٿينديئي !!

**نقل** (83) حافظ محبوب علي هاليپوٽو کان نقل آهي ته هيڪر پاڻ دادو مستوئن جي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا. سندن دستور هوندو هو ته. جڏهن به پاڻ ايندا هئاته پهريان مسجد شريف ۾ هڪ ٻه نفل پڙهي پوءِ مسجد جي پاسي ۾ جيڪي مزارون آهن، انهن کي ختمون ڏيندا هوا. جڏهن پاڻ مسجد شريف مان نفل پڙهي اتر پاسي وارن قبرن ڏانهن هلڻ لڳا ته شاهنواز مستوئي وارن عرض ڪيو ته قبلا سائين اسان جي عزيزن جا مقبرا هيڏانهن آهن، پهريان اسان جي مائٽن ڏانهن هلو. پاڻ فرمايائون ته ايڏانهن پوءِ هلنداسين. پهريان حافظ علي شير جي مزار ڏانهن هلبو جو هو اسان جي انتظار ۾ بيٺو آهي، پوءِ پاڻ علي شير مستوئي جي مزار تي آيا. پهريائين سلام ورايائون پوءِ خوش مرحبا ڪيائونس جيئن جيئري ماڻهون سان ڪبي آهي پوءِ جڏهن دعا گهري واپس ٿيا ته فرمايائون ته سبحان الله حافظ اتي قبر ۾ به قرآن شريف جي پڙهڻ کي لڳو پيو آهي.

ايئن ڇٽي پاڻ مرڪڻ لڳا. ان کان بعد سائين جن جڏهن فقيرن جي گهرن ڏي هلي زيارت ڪرائڻ ۽ دعا گهرڻ لاءِ تشريف فرماٿيا ته هر ڪو فقير عرض ڪرڻ لڳو ته سائين پهريائين اسان ڏي هلن. پاڻ فرمايئون ته ابا اسان پهرين حافظ علي شير جي گهر هلنداسين جو اهو اسان جي مرشد ڪريم جووڏو فقير آهي، اڄ اهو اسان جي انتظار ۾ بيٺو آهي پوءِ پاڻ پهريان اوڏانهن هليا." فقير حافظ علي شيرا ڳ م وصال ڪري ويو هو"

**اي عزيز:** حديث شريف ۾ آهي ته !!

" ان اولياء الله لايموتون بل ينتقلون من دارالي دار "

بيشڪ الله تعاليٰ جا دوست ولي الله نه مرندا آهن بلڪي اهي هڪ گهر کان ٻي گهر ۾ اچي ويندا آهن !!

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي فرمايو آهي،

جي محبت منجهه مٺاسي مور نه مرن ڪڏهن
مـــن قـــتــل فــــناديــته وڏي مــلــهه ويا
ان الدين عندالله الاسلام وجيـــن مــوت وهــاءِ
مـــوتا اڳــي مــاءَ آڳــا هـون اسـلام ٿـيـو !!

**نقل (84)** فقير مولوي ممتاز احمد چنو رهندڙ بدي شهر جو نقل ٿو ڪري ته بدو شهر ۾ سائين جن ڪي پهريون دفعو دعوت هئي ۽ پاڻ جلسي کي خطاب فرمايائون. جلسي کان بعد ۾ پاڻ مهرباني فرمائي هن ٻانهي جي گهر تشريف فرما ٿيا. ان وقت منهنجي پٽ عبدالستار جي گهر پٽ ڄائو هو سو وفات ڪري ويو. مون پنهنجي سيني گهر ڀاتين کي سمجهائي ڇڏيو ته نينگر جي وفات جو سائين جن کي عرض نه ڪجو. پاڻ مهرباني

فرمائي اسان جي گهر تشريف فرما ٿيا ۽ باطني حال معلوم ڪري اهڙي ته دعا مبارڪ فرمايائون جو لڳاتار ڇهن پٽن جو اولاد ٿيو !!

**نقل** (85) فقير عبدالغني شڪارپور وارونقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سائين جن درگاهہ شريف تي جمع ڏينهن واعظ مبارڪ ۾ فرمايائون ته طريقت معرفت حقيقت انهن جو اصل شريعت مبارڪ آهي.جيترو طالب شريعت کي مضبوط پڪڙيندو اوترو فيض وڌيڪ ٿيندس. پاڻ مثال طور فرمايائون ته کجيءَ جي وڻ کي خزان جي هوا نقصان نہ پهچائيندي آهي ۽ ٻيا جيڪي بہ وڻ آهن انهن کي خزان جي هوا نقصان پهچائيندي آهي کجيءَ جي وڻ کي نقصان نہ پهچڻ جو سبب اهو آهي تہ ان جون پاڙون هيٺ زمين ۾ گهٽيون لٿلان هونديون آهن...... اي فقير توهان بہ شريعت کي مضبوط پڪڙيو !

**اي عزيز:** ڪنهن بزرگ ڪهڙو نہ سهڻون فرمايو آهي .

ڪسي ڪو درشريعت راسخ آيد
طريقت راه خود بروي ڪشايد
شـــــريعت را مقدم دارا ڪنون
طريقت از شريعت نيست بيرون !

يعني: جو شخص شريعت ۾ پورو ٿو رهي تہ فقيريءَ جو رستو پاڻهين متس کلي پوي ٿو. هينئر شريعت کي اڳيم محڪم رکڻ کپي جو تہ فقيري شريعت کان باهر نہ آهي .

**نقل** (86) فقير محمد رفيق هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هڪ ڀيري سندن حضور ۾ هڪ عورت کي وٺي آيا جنهن کي جن جو حساب هيو. مائي کي سندن آڏو وهاريائون تہ اتي مائي لهر هڻڻ لڳي، پاڻ فرمايائونس تہ

هتي لهر نہ هڻ چپ ڪري ويهہ پر تڏهن بہ لهر هٽڻ ڪان نہ مڙي وري بيهر فرمايائونس تڏهن بہ بس نہ ٿي، پوءِ سندن جي پرسان ونجڻون پيو هو پاڻ اهو پکو ڪٽي بہ نہ هٽي ڪديائونس، پوءِ اتي جو اتي جن ڇڏي هليو ويو ۽ مائي ماٺ ڪري ويهي رهي.

**نقل** (87) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن دادو جي پرسان فقير قمردين پهنور جي ڳوٺ تشريف فرما ٿيا پوءِ پاڻ حاضرين جماعت کي تقرير مبارڪ ۾ فرمايائون تہ مجنون ڪان ماڻهون پڇڻ لڳا تہ اي مجنان حضرت امام حسن سائين ۽ حضرت امام حسين سان يزيد پليت وير وڌو ۽ جنگيون ڪيائين ۽ امامن سڳورن کي شهيد ڪيائين تون ٻڌائي تہ حق ڪينهن جو هو، مجنون ماڻهن کي چوڻ لڳو تہ يزيد امامن صاحبن سان جنگ ڪئي ۽ ناحق ڪيائين انهيءَ ۾ يزيد پليت ڪتي جو تہ حق ٿي ڪونہ هو. پر امام سائين حسن حسين جو بہ حق ڪونہ هو، حق هو تہ منهنجي ليليٰ جو هو.... پوءِ سائين جن فرمايو تہ مرشد ڪامل ۾ اهو عقيدو رکو، جيئن مجنون کي ليليٰ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نٿي آيو توهان پنهنجي مرشد ڪامل کي سڀ ڪجهہ ڪري ڄاڻو تہ پوءِ سڀ ڪجهہ حاصل ٿيندو بس زبان ۽ دل ۾ محبت هڪ مرشد سان هجي .

**نقل** (88) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ مرشد جي ذات ۾ محبوب جي ذاتؐ لڪل آهي، جيڪڏهن محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي محبت ۽ ملڻ چاهيو ٿا تہ اگر ڪامل پير جي در تي اچ پوءِ اهو رستو ڪلندو، انهيءَ ڪانسواءِ الله جو رستو نہ ملندو، قدرت اهو رنگ ايئن ڪيو آ تہ پهرين پنهنجو پير ڪامل وٽ پوءِ اچ محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم وٽ پوءِ مان الله ڏي اچ، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جيڪي پنهنجي مرشد

پير جي سڪ ۾ اچن ٿا ۽ انهن جي درگاهن جي زيارت ڪن ٿا، خدا جو قسم آ تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي درگاهہ جي زيارت ٿي، انهن يارن جي زيارت کان سواءِ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي زيارت نہ ٿي سگهندي ، ولي خدا جا ولي آهن پر انهن جو لٽو (ڪپڙو) بہ اها طاقت هلائي ٿو، انهن جي در کان سواءِ الله جو درنٿو ڪلي جيڪڏهن اسان ۽ توهان کي الله ڪپي تہ پنهنجي ڪامل مرشد جي در تي وڃو گوڏاپچي ويهو، اتي الله بہ لڪل آ تہ رسول بہ لڪل آ .

بيت

صورت معنيٰ پاڻ ۾ ڪونهي وچ وڇا
هو نہ سڃاڻپي هن ري هي مور نہ موجودا
ڪٿي جو هر ڪونجي ڪٿي عرض آهي
حقيقت هڪ آ، پر نالن مٿو ناهي ڪو !

نقل (89) هڪ دفعي پاڻ تقرير مبارڪ ۾ جماعت کي ارشاد فرمايائون تہ فقيرو توهان پاڻ ۾ بہ ڇٽا هجو تہ ايئن سمجهندا ڪريو تہ ٽيون اسان سان مرشد ساڻ آهي جي چار ڇٽا هجو تہ پنجون مرشد ڪريم کي ساڻ پائيندا ڪريو ڇو تہ مرشد ڪامل هر فقير سان گڏ هوندو آهي،

اي عزيز: ظاهري بشري صورت پير جي پري آهي جيڪا هڪ جاءِ تي طالب کان پري هوندي آهي، بلڪ پير ڪامل اهو آهي جنهن کي حقيقت الحقائق، حقيقت محمدي، روح اعظم، ۽ عقل ڪل جو مظهر رکيو ائن، اهو طالب کان ڪنهن بہ مڪان ۽ آن ۾ جدا نہ آهي، روح عالم کي جيڪڏهن جدا سمجهيائين تہ ايمان نہ هوندس .

بيت

نـــہ بـشــــر خــوانــمــت اي دوســـت نہ حـور نہ پري

اين همہ بر تو حجـــاب اســت تــــو چـيـزي دگـــري

اي دوست تو ڪـــي نہ بشر چئي سگهان ٿو نہ حور نہ پري

هي تہ مڙهي توتي حجاب آهن، تون اجان ٻيءِ شيءِ آهين .

**نقل** (90) فقير سائينداد نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن جاتي لڳ جتن فقيرن وٽ تشريف فرماٿيا، پوءِ مغرب نماز بعد تقرير مبارڪ ۾ فرمايائون تہ فقيرو ياد ڪجو فقيرن وٽ فقير مهمان ٿي اچي تہ رب العالمين جو شڪر ڪري ايئن سمجهي تہ مون وٽ مرشد ڪريم سائين بادشاهہ مشورن وارا آيا آهن، ڇو تہ فقير سان پنهنجو مرشد ڪريم گڏ هوندو آهي، مگر ايئن نہ سمجهي تہ هي گلزار فقير آهي، هي حاجي الياس بروهي آيو آهي يا مشوري شريف وارا ميان علي محمد مشوري آيا آهن، ادا فقير توهان وٽ سهڻان سائين مشورن وارا بادشاهہ آيا آهن، پوءِ فرمايائون تہ يار جو پارسجاتئي تہ يار ملئي محبت آهي تہ مديني وارو سائين پري نہ آهي دورد سلام گهڻون پڙهندا ڪريو، ۽ ذڪر شريف ڪندا ڪريو تہ پوءِ انشاءَ الله تعاليٰ سهڻان سائين مشورن وارا هت بہ ۽ هت بہ گڏ آهن .

**نقل** (91) هڪ دفعي سائين جن کي دادو لڳ سولنگي فقيرن جي ڳوٺ دعوت هجي، پوءِ پاڻ اتي تقرير مبارڪ ۾ فرمايائون تہ فقيرو مرشد جي پيروي ڪريو مرشد راضي تہ مديني وارو سائين راضي، جي مديني وارو سائين راضي تہ خد الله جل شانہ پاڻ راضي !..

**نقل** (92) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي دادو لڳ مستوئي فقيرن جي ڳوٺ سائين جن کي دعوت هجي، پوءِ پاڻ

پير جي سڪ ۾ اچن ٿا ۽ انهن جي درگاهن جي زيارت ڪن ٿا. خدا جو قسم آ تہ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي درگاهہ جي زيارت ٿي، انهن يارن جي زيارت کان سواءِ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي زيارت نہ ٿي سگهندي . ولي خدا جا ولي آهن پر انهن جو لٽو (ڪپڙو) بہ اها طاقت هلائي ٿو. انهن جي در کان سواءِ الله جو درنٽو ڪلي جيڪڏهن اسان ۽ توهان کي الله ڪپي تہ پنهنجي ڪامل مرشد جي در تي وڃو گوڏاڀجي ويهو، اتي الله بہ لڪل آ تہ رسول بہ لڪل آ .

بيت

صورت معنيٰ پاڻ ۾ ڪونهي وڇ وڇا
هو نہ سڄاپي هن ري هي مور نہ موجودا
ڪٿي جو هر ڪونجي ڪٿي عرض آهي
حقيقت هڪ آ، پر نالن مٿو ناهي ڪو !

نقل (89) هڪ دفعي پاڻ تقرير مبارڪ ۾ جماعت کي ارشاد فرمايائون تہ فقيرو توهان پاڻ ۾ بہ چٽا هجو تہ ايئن سمجهندا ڪريو تہ ٽيون اسان سان مرشد ساڻ آهي جي چار چٽا هجو تہ پنجون مرشد ڪريم کي ساڻ پائيندا ڪريو ڇو تہ مرشد ڪامل هر فقير سان گڏ هوندو آهي،

اي عزيز: ظاهري بشري صورت پير جي پري آهي جيڪا هڪ جاءِ تي طالب کان پري هوندي آهي، بلڪ پير ڪامل اهو آهي جنهن کي حقيقت الحقائق، حقيقت محمدي، روح اعظم، ۽ عقل ڪل جو مظهر رکيو ائن، اهو طالب کان ڪنهن بہ مڪان ۽ آن ۾ جدا نہ آهي، روح عالم کي جيڪڏهن جدا سمجهيائين تہ ايمان نہ هوندس .

بيت

وانگر پوراٽي ڏهاڙا ڏوتو آهي، حيف اٿئي منهنجا مريد هاڻي اڄ هيڏي پوءِ ڳچيءِ مان وٺي مرشد پنهنجو نوراني هٿ مبارڪ گهمايائينس تہ اهو منهن ساڳيو انسان وارو ٿي پيو ۽ مرشد جي هٿ مبارڪ لڳڻ ڪري چمڪڻ لڳو پاڻ فرمايائون تہ اهي اٿو ڪامل مرشد جون پلايو

**نقل** (93) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ مرشد کان دل ڦريئي تہ رسول الله کان دل ڦريئي، پنهنجي ڪامل پير جي صورت دل ۾ ڪر الله تو ڏنو آ نہ مون ڏنو آ نہ جهان ڏنو آ ....... رسول الله صلي الله عليہ وسلم توهان اسان ڏنو آ... ڪونہ ڏنو اٿئون ! هڪڙو مرشد پير ورتو اٿئون جنهن جي هٿ تي مسلمان ٿيا آهيون انهيءَ کي ڏنو اٿئون. انهيءَ جي تعبداري ڪر اها رسول الله جي تعبداري آهي، رسول الله جي تعبداري اٿئي الله جي تعبداري يعني مرشد تنهنجي گهر ۾ آ تہ مديني وارو سرڪار بہ تنهنجي گهر ۾ آ تہ الله بہ تنهنجي گهر ۾ آ !!

بيت

تنهنجو توهين ساڻ ٻيا ڇو ماڳ نهارين
فاذڪروني اذڪر ڪم آهي اهو فرمان
ويهي ڪجهہ وجود ۾ سندي روح رهاڻ
الا انسان سري وانا سره رمزاها تون سجاڻ
ولي محمد عشق جو اونهو آهي بيان
حاصل ٿيندو ٽن کي جنهين سر قربان .

**نقل** (94) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي اسان جي ڳوٺ نئون واهڻ ۾ سائين جن جي آمد شريف ٿي، پوءِ پاڻ مسجد شريف ۾ تقرير مبارڪ ڪندي فرمايائون تہ وهابي نابين اٿو اکين

ڪان ڪونہ تا ڏسن هنن جي دل ڪٽيل ڪاري آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هن جلسي ۾ وهابي ويٺا آهن حرامي موجود اٿو حرامي ڪنڊن ڪڙڇين ۾ ويٺا اٿو. پوءِ فرمايائون تہ وهابڙا گابڙا ڪن ڏئي ٻڌو مان توهان کي ٿو چوان، توهين چوندا آهيو تہ الله وارن کي خبر ڪانہ ٿي پوي هو مٺا تہ چٺا..پاڻ فرمايائون تہ اڙي الله وارا سڀ ڪجهہ ٻڌن ٿا ڏسن ٿا ۽ هي جيڪا درگاهہ آهي جنهن جو نالو حافظ محمد صالح عليہ رحمتہ آهي، اهو جوان اسان سان گڏ اسٽيج تي ويٺو آهي، گڏجي هن جلسي کي خوشيءَ سان اسان سان ملهائيندا ۽ اسان سان گڏ ويٺا آهن. تون انڌو آهين نابين آهين نٿو ڏسين پوءِ پنهنجي سيني مبارڪ تي هٿ هڻي فرمايائون تہ اکين وارا هنن کي ڏسن ٿا. پوءِ پاڻ جلال ۾ اچي فرمايائون تہ الله وارا جيڪو ڪم پاڻ ڪندا آهن. اهو ساڳيو ڪم.. پنهنجي ڪپڙن مبارڪن ۾ هٿ وجهي فرمايائون تہ هي ڪپڙا جيڪي الله وارن جا آهن اهي بہ اهو ڪم ڪن ٿا. جيڪو ڪم الله وارو پاڻ ڪندو آهي، اهو ڪم الله وارن جا ڪپڙا بہ ڪندا آهن. هنن ڪپڙن کي بہ الله وارن جي صدقي اها طاقت هوندي آهي، پاڻ پنهنجي ڪپڙن ۾ هٿ مبارڪ وجهي ٽي دفعا اهي الفاظ فرمايائون تہ هي ڪپڙا جيڪي الله وارن جي پائڻ وارا جيڪي الله وارن جي جسم کي لڳن ٿا انهن ۾ بہ ساڳي طاقت آهي .

**نقل** (95) هڪ دفعي سائين جن ٺٽي شهر ۾ درگاهہ حضرت مسڪين شاهہ رحمت الله عليہ تي جلسي ۾ تقرير مبارڪ ۾ ڪامل مرشد جي ضرورت بابت فارسيءَ جا هي بيت ارشاد فرمايائون .

ابيات فارسي

شيخ ڪامل گير ڪن باطن باصفا
تاترا حاضر ڪند با مصطفيٰ !

مرشد ڪامل وٽ تہ تنهنجو باطن نوراني ڪري ۽ توکي مديني واري سائين وٽ پهچائي ...

شيخ ڪامل مي برد با مصطفيٰ
باز دارد ازگناهہ از هوا !

مرشد ڪامل محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم وٽ نيندئي گناهن کان ۽ حرص هوا کان ڇڏائيندئي ....

نظر رهبر در لئو لئو بي بها
دلش دريائہ محيطد ڪبريا !

مرشد ڪامل جي نظر موتي بي بهاد اٿئي، ڪامل پير تنهنجي مرشد جي اندر دل عرش ڪبريا نوراني سان پرپور موج در موج لڳي پئي آهي تون انهيءَ جي دامن وٽ تہ اها موج تنهنجي قلب ۾ اچي ....

چون تو ذات پير راکردي قبول
هم خدا در ذات شامد هم رسول !

جڏهن پير ڪامل مرشد ورتئي ۽ قبول ڪيئي تہ هاڻي خدا بہ تنهنجي جند ۾ آ تہ رسول بہ تنهنجي جند ۾ آ ....

دل چہ چنبز مي جنباند عرش را
عرش رامي فرش سازد زير پا- !

هتي تون الله الله ڪر ۽ لاالاالله جو اثث هلي قلب پيو تو ڏڙ ڏڙ ڪري الله الله ڪري، متي عرش تنهنجي قلب سان گڏجيڻ؛ تنهنجو قلب هلي ٿو تيئن عرش عظيم بہ هلي ٿو، پر عرش عظيم چوي ٿو تہ مان ڪي پيرن جي هينان ڪري اتي الله الله ڪر تہ مان تنهنجي پيرن جي هيٺئون هجان .

**نقل** (96) فقير مولوي ممتاز احمد چنو رهندڙ گوٺ بدي جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ رات خواب ۾ پيو ڏسان تہ سائين ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي روضي اطهر جي آڏو صلوات شريف پڙهي رهيو آهيان، ايتري ۾ روضي شريف مان هڪ شخص ٻاهر آيو ۽ اچي مون کي چيائين تہ مديني شريف جي سائين ڪريم صلي الله عليہ وسلم تو کي اندر گهرايو آهي، پوءِ هي ٻانهون جڏهن حضور ۾ حاضر ٿيو ٿا ڏسان تہ اهڙي تہ نور مبارڪ جي چانڊاڻ آهي، جو هن جي اڳيان سج چنڊ کي طاقت نہ آهي، اتي هڪ وڏي ميز مبارڪ رکيل آهي، ان جي آڏو هڪ ڪرسي مبارڪ رکيل آهي، ان تي مرشد ڪريم حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاھ تشريف فرما آهن ۽ پيو ڪجھ بہ مون کي ڏسڻ ۾ نہ آيو سائين جن جي چهري مبارڪ جو ديدار نصيب ٿيو پوءِ مون کي سجاڳي ٿي وئي .

**اي عزيز:** مريد کي حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي زيارت پنهنجي مرشد ڪامل جي صورت مبارڪ ۾ ٿيندي آهي، جنهن خواب ۾ پنهنجي مرشد ڪريم کي ڏٺو تنهن چڻ تہ مديني شريف جي شهنشاھ کي ڏٺو، ڇو تہ مرشد ڪريم ۽ مديني واري سائين ۽ الله پاڪ جل شانہ جي نور ۾ ڪو بہ فرق نہ آهي، جنهن کي الله تبارڪ وتعاليٰ گهرندو آهي، تہ ان کي اهڙن مشاهدن سان ويساھ جي زيادتي ۽ صداقت ۽ اخلاص جي ترقي پنهنجي فضل عميم سان ڏهوڻ ڪري ڏيندو آهي .

**نقل** (97) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سائين جن اسان جي ڳوٺ نئون واهڻ ۾ مهرباني فرمايائون رات جو جلسو ٿيو ۽ صبح جو سائين جن فقيرن جي گهرن ڏي زيارت جي مهرباني فرمايائون، پوءِ فقير محمد حسن جي گهر جڏهن آيا فقير محمد حسن جي ڏي جنهن کي پنج نياڻيون هيون پٽ جو اولاد نه پيو ٿئي، پوءِ هن عاجز انهن کي چيو ته سائين جن کي عرض ڪندئو ته پٽ جي مهرباني ٿيندي، پوءِ سيئي سائين جن کي چنبڙي پيا ته سائين هن کي پنج ڌيئرون آهن مهرباني ڪري پٽ ڏيوس، پاڻ فرمايائون ته بابا الله سائين ڏيندو، ايتري ۾ فقير جي نياڻي سائين جن جي قدمن تي ڪري پئي، ته سائين مهرباني ڪن ۽ ان جو ماءُ پيءُ به قدمن تي ڪري پيا ته سائين مهرباني ڪريو پاڻ فرمايائون حافظ محبوب هي ڇا آهي هنن کي جهلين نٿو ... هن عاجز ٻانهون ٻڌي عرض ڪيو ته سائين جن مهرباني ڪن ٻيو ڀلا اسان ڪاڏي ويندا سون ان وقت منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا پوءِ پاڻ فرمايائون ته هي ڪم سچوئي تنهنجو آهي، ايئن چئي پاڻ ڪلڻ لڳا ۽ فرمايائون ته ڇگو ڇوهارا يارهن داڻا ڪڻي اچو ته پٽ ڏيانو، پوءِ ڇوهارا پڙهي ڏنائون ٻئي سال هن مائي کي پٽ ڄائو جڏهن سائين جن جي حضور ۾ پيش ڪيائون پاڻ ان کي گوڏي مبارڪ تي رکي فرمايائون ته اسان جو فقير اچي ويو .

**اي عزيز:** ڪامل مرشد جو اهو ڪمال آهي جو ٻاجهه ۽ شفقت جو هٿ رکي جي بد بخت اچن ته بخت وارا ٿين، جي مريض اچن ته شفا حاصل ڪن، جي ٻي ثمرا اچن ته خوش لڳا وڃن، جي ٻي اولاد اچن ته اولاد وٺيو وڃن !

بيت

كريم سائل راغني كند يک بار

دو بار لب نہ کشايد صدف ابر بهار !

ڪريم سائل کي هڪ ڀيري ئي غني ڪري ڇڏيندو آهي، ڇو تہ هڪ قطرو سپ کي جيڪڏهن ڪکر بهار جي ڪان ٻن ڇپن ۾ پيو تہ ٻيو ڀيرو چپ نہ کوليندي،

**نقل** (98) فقير رياض احمد سولنگي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن جي حضور ۾ ويٺو هوس، هڪڙو شخص جنهن کي هڪ فقير جاتي کان وٺي آيو هو ان کي جنات جو اثر هو، پوءِ پاڻ هن کي تعويذ ڏنائون، بعد ۾ پاڻ فرمايائون تہ اسان جي مرشدن ڪريمن جو چوڻ آهي تہ قادري طريقي واري ڏي جنات ويجهي نہ ايندي آهي .

**نقل** (99) فقير حاجي خان محمد پنو وينل لاڙڪاڻي جو نقل ٿو ڪري تہ آئون مسڪيني حالت جي ڪري ذڪوات وٺندو هوس، هڪ دفعي ان بابت سائين ميان سائين بادشاهن کي عرض گذاريم پاڻ مون کي حاجي ڪريم بخش شيخ ڏانهن ذڪوات لاءِ موڪليائون مان حاجي ڪريم بخش کي سائين جن جو پيغام پهچايو ۽ ذڪوات لاءِ چيم تنهن تي شيخ صاحب چيو تہ ادا اسان پاڻ تو وانگر غريب آهيون، پوءِ اها ڳالهہ ٻي واري مون سندن حضور ۾ پيش ڪئي ۽ ٻڌائي .. سائين جن فرمايو تہ ايئن چيو اٿائين مون عرض ڪيو تہ هائو سائين، پاڻ فرمايائون تہ ڇگو ڀلا هاڻي وڃين شيخ کي چئجانءِ تہ الله سائين جل شانہ توکي بہ مون وانگر غريب ڪندو الله جي قدرت ٿيو بہ ايئن ان مهيني ۾ ئي حاجي

ڪريم بخش جو ڪنهن سان تجارتي جهيڙو ٿي پيو جو تجارت ۾ ڏاڍو نقصان ۽ خسارو پيس .

**نقل** (100) فقير عبدالغني شڪارپور وارو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيم ته قبلا سائين اجازت ملي ته درگاهه ٺلاهه شريف جي زيارت ڪري اچون، پوءِ پاڻ خوشيءِ مان اسان کي اجازت ڏيڻ فرمايائون ۽ اسان کي درگاهه شريف جو رستو به اهڙي طرح سمجهايائون جو چڻ پاڻ گڏ هلي رهيا آهن پوءِ پان قرآن شريف جو تحفو پڙهي ڏنائون ته اهو اسان جو پيش ڪجو، ۽ وڌيڪ فرمايائون ته اتي مسجد شريف ۾ ڪبڙ جو وڻ بيٺو اٿو جيڪو پير سائين جاڻن وارن وضو فرمائي اهو ڏنڊڻ اتي ٿي ٽنبي ڇڏيائون جيڪو وڻ ٿيو، پوءِ پير سائين جاڻن وارن فرمايو ته جيڪو شخص ان ڪبڙ مان پن پٽي کائيندو ان تي دوزخ جي باهه حرام آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون ته توهان به ان ڪبڙ مان پن پٽي کائجو .

**نقل** (101) فقير سائينداد جاڪرو نقل ٿو ڪري ته جڏهن حضرت قبلا سائين جن وصال ڪري ويا، تڏهن دل تي بار ٿي پيو رات ۽ ڏينهن غم ۽ فڪر ۾ هيس ته هڪ رات خواب ۾ پاڻ ڪريمن ديدار ڪان مشرف فرمايو ڏٺم ته پاڻ آيا ۽ هن بانهيءِ کي پاڪر پائي مليا هيانءَ ٺري پيو، پاڻ فرمايائون ته فقير سائينداذ مان توهان کان پري ته نه آهيان، توهان درگاهه شريف تي ايندئو ته ساڳي رلهيءِ تي وينو آهيان، اسان وينا فقيرن لاءِ ۽ ساري امت حضور صلي الله عليه وسلم لاءِ دعا پيا ٿا گهرون اسان کي نه وساريندئو ته اسان پري ته نه آهيون، قيامت ۾ به توهان سان گڏهونداسين انشاءَ الله تعاليٰ پوءِ جينءِ مان خواب مان سجاڳ ٿيس ته ڏسان ته منهنجو سارو گهر خوشبوءِ سان معطر آهي .

**اي عزيز:** حديث شريف ۾ سردار دوجهان صلي الله عليہ وسلم سچ فرمايو آهي.

" من تشبہ بقوم فهومنهم "

**يعني** : جيڪو بہ شخص جنهن قوم جماعت سان مشابهت رکندو اهو انهيءَ قوم مان ٿيندو.

اڳتي سهڻون سائين فرمائي ٿو. : المرءُ مع من احب "

جنهن جي جنهن سان محبت هوندي اهو انهيءَ سان گڏ هوندو.

حضرت پير سائين روضي ڌڻي بادشاھ فرمائيندا هوا.

محب گڏ محبوب جي آهي عشق جي جزا

آهي عشق جي جزا موڪ ماڻي مر مزا.

**نقل** (102) فقير عبدالغني شڪارپور وارو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاھ شريف زيارت لاءِ وياسون خميس جو ڏينهن هيو. هڪڙو ڪراڙو شخص سائين جن کي عرض ڪري رهيو هو تہ سائين منهنجو ڏهٽو گم ٿي ويو آهي، جنهن کي گهٽان ڏينهن ٿي ويا آهن. دعا فرمايو تہ هو واپس اچي، اهو شخص چئي رهيو هو تہ مان روهڙيءَ جو آهيان ۽ منهنجي ڌيءَ شڪارپور ۾ وينني آهي. پوءِ سائين جن تعويذ بہ ڏنائون ۽ دعا بہ فرمايائون بي ڏينهن مان جمع نماز شڪارپور ۾ درگاھ حاجي لطيف شاھ واري مسجد ۾ ادا ڪري درگاھ تي دعا لاءِ ويس. تہ ڏٺم تہ اتي ٻہ عورتو روئي رهيو آهن. ۽ دعا گهري رهيون هيون تہ اسان جو ڇوڪرو واپس اچي. پوءِ مون انهن کي چيو تہ توهان جو ڪراڙو ڪالهہ درگاھ مشوري شريف آيو هو. انهن چيو تہ هائو تعويذ وٺي آيو آ. پوءِ مان انهن کي چيو تہ توهان صبر ڪري گهر ويهو توهان جو ڇوڪرو انشاءالله تعاليٰ

توهان وٽ ايندو . ان گفتگو جي دوران ان وٽ ماڻهو آيو تہ ڇوڪرو پهچي ويو آهي، جنهن وقت ڇوڪرو موٽي آيو ان کان هڪ ڏينهن اڳ انهيءَ ٽائم تي سائين جن تعويذ لکيو ائين پهرن ۾ ڇوڪرو موٽي آيو .

**نقل (103)** فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ جڏهن آئون دادو لڳ مستوئي فقيرن جي ڳوٺ ۾. حافظ محمد مستوئي وٽ پڙهندو هوس، هڪ ڏينهن فقير محمد نواز مستوئي درگاهہ شريف تي ويو، جڏهن درگاهہ شريف تان موٽي ڳوٺ پهتو ۽ صبح جي نماز پڙهڻ مسجد ۾ آيو جڏهن نماز پڙهي بس ڪيائين تہ فقيرن درگاهہ شريف جو حال احوال ورتس، ايتري ۾ مسجد جي ٻاهران هڪ شخص سڏ ڪيو ۽ چيائين تہ فقير محمد نواز آهي، فقيرن چيس تہ هائو آهي، ان ماڻهوءَ چيو تہ دادو وارو فلاڻو پنجابي آهي، سو اَڌي رات کان پوءِ گذاري ويو آهي توکي ڇاڻ ڪرڻ آيو آهيان. فقير اهو ٻڌي چيو تہ اهو ڇا ٿي ويو..... پوءِ فقير محمد نواز چيو تہ ان حڪيم مون کي چيو هو تہ تون سائين ميان سائين ڏانهن وڃين ٿو منهنجا سائين جن کي سلام چئجان ۽ ٻيو عرض ڪجانءِ تہ مون هڪ دوا ڪشتو تيار ڪيو آهي، جي قبول پوي تہ خدمت ۾ پيش ڪيون . مون درگاهہ شريف تي سائين جن کي سلام پيش ڪيا ۽ مٿيون احوال عرض ڪيم، پوءِ سائين جن فرمايو تہ ابا ان حڪيم کان اها دوا وٺيو اچين ها، ان جي اها دوا پلي آهي ۽ وڏي فائدي واري آهي، هاڻي وڃين ٿو پر وڃڻ سان پهرين دادو پهچين تہ اڳ حڪيم سان ملي منهنجا سلام چئجان ۽ چوينس تہ سائين ميان سائين فرمائن ٿا اها دوا اسان کي قبول آهي دوا ڏي، پاڻ فرمايائون تہ دوا وٺي پوءِ گهر وڃجان متان حڪيم مري پوي .. فقير ٿو چوي تہ ريل گاڏي دادو دير سان پهچڻ

ڪري آئون پنهنجي ڳوٺ هليو ويس، مون ڇيو تہ صبح جو حڪيم سان ملي دوا وٺندس، پر هي تہ مري پيو جيئن سائين جن فرمايو تيئن ٿي پيو .

**نقل (104)** هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ علم تي ڪونہ اٿو، جنهن ڪي رسول الله جي محبت اندر دل ۾ آهي، ۽ ولين سڳورن جي نسبت آهي، اڪر پڙهيل نہ هجي دنيا ڪي اهو پڙهائيندو. علم پڙهڻ تي ڪونهي علم پڙهي وهابين وانگي انڌو ٿئي، انهيءَ علم ڪان الله سائين جل شانہ شل پناهہ ڏي .

**اي عزيز :** "عبدالرحيم گرهوڙي فرمايو آهي

پيو ند ڏاران پرين جي
بيا آهن مڙئي مر دودا،

جنهن جو ڪامل مربي مرشد سان نسبت ۽ محبت جو پيو ند ناهي، اهو مردود آهي ۽ راهہ مستقيم ڪان بلڪل بيخبر ۽ اونداهيءَ ظلمات ۾ غرق آهي !!

علم رسمي سر بسر قيل است قال
نـــہ ازو ڪيــفــتي حاصـــل نہ حال
علم بہ بـود غـير عـــلم عـــاشقي
مــــابـقـي تــلـبيــس ابـليس شقي

ترجمہ : ظاهري علم سراسر ڳالهيون آهن، نہ ان مان ڪا ڪيفيت ڪلي ٿي نہ حال ٿو حاصل ٿئي، علم تہ فقط عشق ۽ محبت وارو علم آهي، باقي سڀ ڪجهہ بد بخت ابليس جو فريب آهي .

**نقل (105)** فقير رياض احمد ماڇي رهندڙ لاڙڪاڻي جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي جمع ڏينهن درگاهہ شريف تي آئون سندن حضور فيض گنجور

۾ حاضر هوس هڪ عورت آئي، جنهن عرض ڪيو تہ سائين 25 سال ٿيا آهن شادي کي پراجان اولاد نہ ٿي آهي، پوءِ پاڻ انکي ڇوهارا پڙهي ڏنائون، بعد ۾ جماعت ڏي رخ انور کي ڦيرائي فرمايائون تہ هن مائي کي پنجويهہ سال ٿيا آهن شادي ڪئي پر اولاد ڪونہ ٿي اٿس، مرڪي فرمايائون تہ مالڪ جا رنگ تہ ڏسو تہ پنجويهہ سالن تائين ان عورت کي اولاد نہ ڏني اٿائين، تنهن تي پرسان وينل مستاني فقير عرض ڪيو تہ " سائين جن ڪيس اولاد ڏين " پاڻ مرڪي فرمايائون تہ مان ڪو خدا آهيان جو اولاد ڏيانس پوءِ مستاني فقير کي فرمايائون تہ تون ۽ ٻئي هڪ فقير جي نالي فرمايائون تہ ٻئي شيطان آهيو. رڳو اجايون ڳالهيون ڪندا آهيو..

**نقل** (106) فقير سائينداد جاکرو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن فقيرن جي دعوت تي ننٿي کان ڇوهڙ جمالي هلن پيا. سائين جن ڪار ۾ هجن هي مسڪين ۽ ٻي جماعت پويان ٻي گاڏي ۾ هجي، جڏهن سائين جن جي گاڏي درياءَ جي پل جي ويجهو ٿي تہ ڏٺم تہ پري کان جهنگل مان هڪ شخص تڪڙو تڪڙو روڊ ڏي پيو اچي جڏهن روڊ تي پهتو، تہ سائين جن پنهنجي گاڏي کي روڪرايو ڏٺم تہ ان شخص سائين جن کي سلام ڪري سائين جن جي هٿن مبارڪن کي چميون ڏئي واپس جهنگل ڏي هليو ويو، مون جڏهن اوڏانهن نظر ڪئي تہ مون کي ان طرف هڪ بزرگ جي درگاهہ ڏسڻ ۾ آئي، جڏهن سائين جن اڳتي هليا تہ هڪ عجيب قسم جا پکي ڏٺم جيڪي سائين جن جي ڪار جي مٿان اڏامندا هليا.

**نقل** (107) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ حاضري نصيب ٿي ان وقت پاڻ پنهنجي هجري شريف جي ٻاهران ورانڊي ۾ جلوه افروز هئا. فقير محمد

رفيق هاليپوٽو، ٻـ سندن خدمت ۾ موجود هو، پاڻ ان کي فرمايائون "رفيق هي اٿئي حافظ محبوب" مان عجب ۾ پئجي ويس تہ ڇا حقيقت آهي پوءِ هن ٻانهي قدم بوسي ڪئي، پاڻ ياڪر پائي ڏاڍي شفقت سان مليا، ۽ خوش مرحبا ڪري سيني فقيرن جو پڇيائون ۽ آخر ۾ فرمايائون تہ سڀي جماعت خوش آهي، مون عرض ڪيو تہ جي قبلا سائين سڀ خوش آهن، پوءِ مان پاسو وٺي ويهي رهيس ۽ فقير رفيق هاليپوٽي کان پڇيم تہ ڇا حقيقت آهي، جو سائين جن هن عاجز جو نالو ورتو، فقير چيو تہ ٿوري دير اڳ سائين جن تنهنجو پڇيو تہ فقير حافظ محبوب جا ڪهڙا حال آهن، مان چيو تہ خوش آهي پوءِ سائين جن فرمايو تہ هاڻي گهٽان ڏينهن ٿي ويا آهن ۽ آيوئي ڪونهي بس اڄ ٿا ڪيونس، پوءِ بس دير ئي نہ ٿي تہ تون اچي پهتين .

**اي عزيز** : اها ڪامل مرشد جي توجهہ ۽ ڪشش آهي جيڪا طالب کي ڇڪي حضور ۾ پهچائي ٿي، ورنہ طالب ويچاري کي ڇا مجال آهي جو سندن حضور ۾ اچي .

اگر از جانب معشوق نباشد کشتي
کوشش عاشق بيچاره بجائہ نہ رسد

**ترجمہ**: جيڪڏهن معشوق جي طرف کان ڪشش نہ هوندي تہ عاشق ويچاري جي ڪوشش ڪيس جاءِ تي پهچائي نہ سگهندي

**نقل (108)** فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي اسان جي ڳوٺ جي ٻن ڇوڪرن کي ڇتي ڪتي ڪاڙو، پوءِ ڇوڪرن کي ڪٽي درگاهہ شريف تي پهتاسين اسان جنهن مهل پهتاسين تہ رات وارو ننگر شريف پي هليو اسان ننگر ڪري سائين جن جي پڇا ڪئي معلوم

ٿيو تہ سائين جن دعوت تي اسريل آهن صبح جو ايندا.پوءِ اسان رات درگاهہ شريف تي رهياسون صبح جو(11) بجي سائين جن خير سان پهتا. هن عاجز قدم بوسي ڪري سائين جن کي عرض ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ مٽيءِ جو گلولوناهي اچو. جڏهن مٽيءِ جو گلولو پيش ڪيم پوءِ پاڻ پڙهيائون ۽ مٽي ڪولي جنهن ڪتي چڪ هنيا هوا ان جو رنگ بہ بڏايائون، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ هاٿي هنن کي لاڙڪاڻي وٺي سيون هٽائي اچو. هاٿي ڏينهن گرم آهي ڪا سواري اچي وڃي تہ ڪيئن بہ ڪري وڃجو سيون ضرور لڳنديون. ڏينهن جا ٻارهن ٿيا پر ڪابہ سواري ڪانہ آئي ڏينهن بہ گرم ٿي ويو سائين جن بہ حاويلي مبارڪ تي هليا ويا ۽ اسان بہ مسجد شريف ۾ سمهي پياسون. ٻنپهرن ڪان پوءِ سائين جن وري آيا اسان قدم بوسي ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ لاڙڪاڻي ويا هئا سيون هٽائي آيا آهيو هن عاجز عرض ڪيو تہ قبلا اسان کي لاڙڪاڻي جي سواري ڪانہ ملي پوءِ اسان تہ مسجد ۾ سمهي پياسين سائين جن ننڊ ڏئي ڇڏي. پاڻ مرڪي فرمايائون تہ ننڊ مان تہ ڊڄو ڪيو نہ مون عرض ڪيو تہ جي قبلا سائين پاڻ فرمايائون تہ ڏاڍو پلو ڪيو سيون ڇا ٿيون ڪن بس ڇوڪرا نيڪ آهن. پوءِ اسان بہ ڇوڪرن کي سيون ڪونہ هٽايون ڇوڪرا بہ نيڪ ٿي ويا .

**نقل** (109) فقير محمد رفيق هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ پاڻ هميشہ مون کي" مولوي ۽ حاجي" رفيق ڪري سڏڪندا هوا. حالانڪ مان نہ مولوي هوس نہ حاجي هڪ ڏينهن سندن حضور پر نور ۾ ويٺو هوس تہ دل ۾ خيال ڪيم تہ سائين جن تہ مون کي مولوي چون ٿا مون کي ظاهري علم جي ڪا خبرئي ڪانهي. مون اڃا اهو خيال دل ۾ ڪيو تہ پاڻ مون ڏانهن نهاري فرمايائون تہ پٽ !! جي باطني علم هوندو تہ ظاهري علم بہ پاڻهي

اچي ويندو، عرض ڪيم تہ آئون مولوي ناهيان سائين جن مون کي مولوي سڏيندا آهن، تنهن تي پاڻ فرمايائون مولوي معنيٰ علم وارو، جي سائين جي سڄاڻپ آهي تہ علم وارو آهي، اسان ننڍي هوندي ئي توکي مولوائپ جي پڳ ٻڌي ڇڏي آهي وقت تي پاڻهي سڀ ڪجهہ ٿي ويندو .

**نقل** (110) فقير مولوي ممتاز احمد چنو رهنڌڙ ڳوٺ ٻڍي جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ رات خواب ۾ ٿو ڏسان تہ درگاهہ شريف جي مسجد ۾ آهيان اتي ڪافي جماعت موجود آهي، ان وقت هڪ غيبي آواز آيو تہ ٻنهي جهانن جا سردار حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم تشريف فرما ٿي رهيا آهن پوءِ هن ٻانهي ڏٺو تہ پاڻ ڪريم مسجد شريف مان ٻاهر نڪري رهيا آهن ۽ جماعت بہ سائين جن جي پويان آهي، پوءِ مون خيال ڪيو تہ سائين جن جي زيارت ڪريان پوءِ آئون جلدي جلدي جماعت کان اڳتي هليو، جڏهن حضور ۾ حاضر ٿيس ۽ قدم بوسي ڪري جڏهن صورت مبارڪ ۾ ڏسان تہ هي تہ منهنجا مرشد ڪريم حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاهہ آهن، پوءِ پاڻ ڪريم پنهنجي تسبيح خاني ڏي هليا، ان وقت وري هاتفي آواز آيو تہ هن تسبيح خاني ۾ مديني وارو سائين وينو آهي، پوءِ جو نظر ڪيم تہ ڏسان تہ سائين ميان سائين بادشاهہ پنهنجي تسبيح خاني ۾ موجود آهن جتي پاڻ ويهندا هوا .

**نقل** (111) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو وينل نئون واهڻ لڳ ٺلٽي شهر جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي خواب ۾ پيو ڏسان تہ آئون ٺلٽي وارو روڊ وٺيو پنهنجي ڳوٺ ڏي پيو اچان، جڏهن" پير بگاشير"جي روضي جي سامهون آيس جيڪو سيد شهاب الدين شاهہ بخاري رحمت الله عليہ جو روضو آهي (هي بزرگ مخدوم بلاول قدس سره جو استاد ۽ مرشد آهي، ) تڏهن پيهي ختمون ڏيڻ لڳس تہ روضي طرف مون کي سفيد لباس ۾

دستارن سان ڪي ماڻهون نظر آيا، دل ۾ چيم تہ هاڻي نماز جو وقت بہ ٿيو آهي، بزرگ جي مسجد ۾ نماز بہ پڙهان ۽ اها جماعت بہ ڏسان تہ ڪير آهن، پوءِ بزرگ جي روضي ڏانهن آيس ڏٺم تہ هڪ شخص سفيد ڪپڙن ۾ نوراني دستار ۽ سفيد سونهاري شريف سان اچي چادر هجيس ان سان اڌ منهن ڍڪيو ڪعبتہ الله شريف ڏي مهاڙ ڪريو وينو آهي، جڏهن مون ان ڏي نظر ڪئي تہ هاتفي آواز آيو تہ هي سيد شهاب الدين شاهہ بخاري عليہ رحمت آهي، روضي شريف سان جيڪا گڏ مسجد آهي ان ڪي ہ تہ فوٽ ڪنهڙو ڏنل آهي، ڏٺم تہ سفيد لباس ۾ ۽ دستارن سان هڪ وڏي جماعت آهي جيڪا ڪنهڙي ڪي ٽيڪ ڏيو ويٺي آهي، پر ماٺ ۾ آهن چڻ تہ ڪنهن جي انتظار ۾ آهن، ان وقت آواز آيو تہ هي سڀ الله تعاليٰ جا ولي سڳورا اٿئي جيڪي هن مقام جا آهن، پوءِ مان بہ مسجد شريف ڪي ٽيڪ ڏئي جماعت ڏانهن منهن ڪري ويٺس، ڪجهہ دير بعد وڏي روشني ٿي جو سارو ملڪ روشن ٿي ويو وڏي جماعت ظاهر ٿي ۽ ذڪر شريف جا آواز اچڻ لڳا مان انهن آوازن تي اٿي بيٺس ۽ اوڏانهن نهارڻ لڳس ڏسان تہ سبحان الله.... اسان جا هادي رهبر مرشد ڪريم سائين ميان سائين بادشاهہ اچي رهيا آهن، وڏي جماعت جيڪا سندن پويان آهي سي سڀ ساون تاجن سان فقير آهن، سائين جن جو منهن مبارڪ سج کان وڌيڪ روشن آهي جو انڌي نهاري نہ پيو سگهان، مٿن سر مبارڪ تي سفيد نوراني دستار مبارڪ ٻڌل آهي، ۽ عصا مبارڪ هٿ ۾ اٿن، جيڪا جماعت اتي انتظار ۾ ويٺل هئي سي سڀ اٿي بيٺا، اڳير سيد شهاب الدين رحمت الله عليہ ٿيا ۽ پويان جماعت هجي سڀ اچي سائين جن سان مليا ۽ تمام ادب ۽ محبت سان سندن استقبال ڪيائون، پوءِ مان بہ وڏي وجي قدم بوسي ڪئي تہ پاڻ مون ڏي نهاري مرڪيا،

مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين نماز نہ پڙهي اٿئون اوهان جي انتظار ۾ هواسون. پاڻ فرمايائون تہ صفون ٻڌو تہ نماز پڙهون. پوءِ يڪدم صفون ٻڌجي ويون اتي هڪڙو فقير سائين بادشاهن جو سائين جن سان مليو جنهن کي فرمايائون تہ نماز کان پوءِ ملجان اسان تو کي چمي ڏينداسين. تنهن تي مون هن فقير کي چيو تہ نماز کان پوءِ سائين جن سان ملڻو آهي. هاڻي ڪوشش ڪريون تہ پهرين صف ۾ نماز ۾ بيهون پوءِ متان ملڻ ڏکيو ٿئي. الائي ڪينءِ جاءِ ڪشادي ٿي وئي الائي ڪيڏانهن ايتري جماعت آئي ۽ صفون ايتريون تہ ڊگهيون ٿي ويون جو نظر ڪٿي وڃي پر صف نہ ڪٽي. اسان کي وڏي ڪوشش سان چوٿين صف ۾ جڳهہ ملي. سائين ميان سائين بادشاهہ اڳيان ٿيا انهن سيني کي ٻہ رڪعتون نماز پڙهايائون. ان کان بعد سائين جن جي تقرير مبارڪ ٿي. دعا خير تي جلسو پورو ٿيو تہ سائين جن ۽ ٻي ساري جماعت سڀ جا سڀ غائب ٿي ويا. مان اڪيلو بيٺو هوس. پوءِ مان روڊ وٺي ڳوٺ ڏانهن اچڻ لڳس تہ اتي ننڊ مان سجاڳي ٿي وئي. ڏٺم تہ سڄو گهر خوشبوءِ لڳو پيو آهي. ۽ اندر روح ۾ خوشي ۽ فرحت پئي محسوس ٿئي. پوءِ ڪجهہ وقت کان بعد درگاهہ شريف تي حاضري نصيب ٿي. خواب واري سڄي حقيقت حضور ۾ پيش ڪيم. تڏهن پاڻ مون کي شفقت مان ياڪر پاتائون ۽ فرمايائون تہ جيڪي ڏٺئي سو سچ ڏٺئي انشاءِ الله تعاليٰ قيامت ۾ بہ ايئن ڪنا هونداسين پوءِ سائين بادشاهن جي روضي مبارڪ ڏي هٿ ڪٺي فرمايائون تہ سائين بادشاهہ هن دنيا ۾ بہ اسان جا امام آهن ۽ قيامت جي ڏينهن بہ اسان جا امام آهن. توهان ۽ اسان سڀ انهيءِ يار جي ياڪر ۾ هونداسين پوءِ فرمايائون تہ توهان جي ڳوٺ ۾ دين اسلام جي رونق ٿيندي.

**نقل** (112) فقير مولوي ممتاز احمد چنو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي بدي شهر جي روڊ واري مسجد جي پرسان جلسو ٿيو. جنهن ۾ سائين جن تشريف فرما ٿيا ۽ حاضرين جماعت کي پنهنجي نوراني خطاب سان منور فرمايائون، پوءِ جڏهن پاڻ خير سان اسري ويا اسان جي ڳوٺ جو وڏو غلام قادر جيڪو وهابي عقيدي جو هيو ڪنهن بہ پير فقير کي نہ مڃيندو هو، ان کي جلسي کان بعد پاڻ ڪريمن هڪ رات خواب ۾ ديدار جي مهرباني فرمائي، ۽ اهڙي تہ تجلي مبارڪ ڏيکاريائونس جو صبح جو مون وٽ آيو ۽ اچي چيائين تہ بيشڪ سائين جن ڪامل هستي آهن ۽ درگاهہ مشوري شريف بيشڪ الله وارن ڪاملن اڪملن جي درگاهہ آهي مون پنهنجي اکين سان اهو منظر ڏٺو آهي، پوءِ جيترو وقت جيئرو هو ادب سان پيش ايندو هو

**نقل** (113) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ توهان ۽ اسان ظاهر الله سائين کي ڪونہ ڏٺو آهي جو سندس صورت ۾ فنا ٿيون. مگر جيڪا صورت مرشد جي آهي اها صورت حق جي آهي ان صورت ۾ پنهنجي وجود کي مٽايو. اوهان روز هڪ ڪلاڪ يا اڌ ڪلاڪ يا 15 منٽ پنهنجي مرشد جي صورت جو تصور پنهنجي وجود تي ڪندا تہ وڏي مهرباني ٿيندي. جو بيون عبادتون ذڪر پڻ ان سان نہ پهچن پوءِ فرمايائون تہ ذڪر ڪرن مهل جو " هو حق " ڪندا آهن اهو اشارو پنهنجو وجود صورت حق ۾ مٽائڻ آهي .

**اي عزيز** : طالب کي گهرجي تہ پنهنجي وجود کي مرشد ڪريم جي وجود ۾ فنا ڪري، هر وقت مرشد ڪريم جي صورت جو تصور پنهنجي وجود تي هجي اهو خيال ڪري تہ هي منهنجو وجود ناهي هي وجود منهنجي هادي مشورن واري سائين جو آهي،

بيت فارسي

بر من هستي من جز نام نيست

دروجو دم جز تواز خوش كام نيست

زآن سبب فاني شد م من هم چنين

هم چون سركہ درميان انگبين

**ترجمہ** : مون تي منهنجي هستيءَ جو فقط نالو آهي، ۽ وجود منهنجي ۾ توکان سواءِ بيو ڪجهہ بہ نہ آهي، آئون اهڙي طرح تنهنجي وجود ۾ فاني ٿيو آهيان جهڙي طرح سرڪو ماکيءَ ۾

" بيت "

زباني ذڪر جو ڏوراهون اٿئي ڏس

من ۾ مرشد پس، تہ تو هين ۾ تولڳي

**نقل** (114) فقير سائينداد جاڪرو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيم تہ قبلا سائين درود شريف ڏسيوم تہ رات جو پڙهان، پوءِ پاڻ ڪريمن درود قدسي ! " صلي الله علىٰ محمد وآلہ وسلم "

پڙهڻ جو امر ڪيائون ۽ فرمايائون تہ رات جو بہ چار نفل تهجد نماز جا پڙهي پوءِ اڳيان اچي چادر وڇائي يارهن سؤ دفعا درود قدسي جا ويهي پڙهو. ۽ اهو تصور ڪيو تہ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن وينا آهن انشاءِ الله تعالىٰ چاليهہ ڏينهن جي اندر ظاهر ظهور ديدار ٿيندو. پوءِ فرمايائون تہ سائين بادشاهہ پڻ جماعت کي امر ڪندا هوا تہ پوئين رات

اتي درود قدسي پڙهو. مرشد ڪريمن جو امر طالب تي فرض آهي، جيڪڏهن مرشد ڪريمن جا ڏسيل ورد وظيفا پابنديءِ سان پڙهندا رهندؤ ته سائين توهان سان گڏ آهي.

**نقل** (115) فقير محمد موسيٰ سومرو درگاهي نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سانجهي نماز پڙهڻ لاءِ مسجد شريف ڏي آيس، اجان سج نه لٿو هو خيال ڪيم ته روضي شريف تي حاضري ڏئي اچان، پوءِ اڳتي آيس ته ڏٺم ته سائين ميان سائين بادشاهه پنهنجي هجري شريف جي ٻاهران ورانديءِ ۾ مغرب نماز پڙهي رهيا هوا، مون دل ۾ خيال ڪيو ته اجان نماز ۾ ڪجهه ٿائم آهي سائين نماز پڙهن پيا.... پوءِ آئون سائين بادشاهن جي روضي شريف تي حاضري ڏئي جڏهن واپس آيس ته اذان پوءِ آئي، پوءِ رات جو سائين بادشاهن خواب ۾ ديدار جي مهرباني فرمائي ۽ فرمايائون ته جنهن ملڪ تي ميان سائين هوا ان ملڪ تي سج لهي ويو هو .

بيت فارسي

ڪـعبہ دردل بہ بينم جان ڪنم بروي فدا
مادر مـــدينہ هم صحبت با مصطفيٰ
خلـق مارا خويش ماند من بباطن بارسول
عـــارفان راه اين ست بشنواي اهل وصول

**ترجمو** : عارف خدا جا ڪعبة الله شريف ڪي جتي بيهن اکين سان ڏسندا آهن، ۽ ساهه ڪعبة الله تان قربان ڪندا آهن، عارف چوندا آهن ته ماڻهو خلقت اسان کي پاڻ سان گڏ ڏسندا آهن، مگر باطن ۾ اسان مديني شريف روضي پاڪ اندر رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن سان گڏ هوندا آهيون .

**نقل** (116) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ طالب دنيا جا تمام گهڻان ۽ آخرت جا طالب ڪوڙ پر هزارن ۾ هڪ اڌ آهي، جو ديدار الاهيءَ جو طالب هجي جو بہ ديدار الاهيءَ جو طالب هوندو ان کي بهشت جي خواهش نہ هوندي آهي .

**اي عزيز:** حديث شريف ۾ آهي تہ هڪ اهڙي جماعت آهي جن کي قيامت ڏينهن الله تعاليٰ بهشت ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم فرمائيندو، ان وقت هو الله جلّ شانہ جي ديدار کان سواءِ انڪار ڪندا پوءِ الله جلّ شانہ فرشتن کي فرمائيندو تہ هنن کي نور جا زنجير وجهي زور سان جنت ۾ وٺي وڃو پوءِ فرشتا الله سائين جي حڪم سان زنجيرن سان ڇڪي زبردستي جنت ۾ داخل ڪندا .

بيت

جنت نرودم تارخ زيبا تو نہ بينم

فردوس چہ ڪار آيد گريار نباشد .

**ترجمہ** : منهنجا محبوب جيستائين تنهنجو سهڻون منهن مبارڪ نہ ڏسندس تيسين جنت فردوس ۾ نہ ويندس، فردوس ڪهڙي ڪم جو جڏهن تون سهڻان ان ۾ نہ هجين .

بيت

عارف ۽ عشاق پسڻ گهرن پرينءَ جو

جنت جا مشتاق اجان اوراهون ٿيا .

**نقل** (117) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ هڪڙو شخص سخت گهنگار هو، دنيا ۾ ڪوبہ گناهہ نہ ڇڏيو هوائين، پوءِ جڏهن مري پيو تہ پنهنجي وارثن کي پيو چوي تہ مان جهڙو حرامي گهنگار ملڪ ۾ ڪونهي مان

جڏهن مري وڃان تہ مان کي ساڙي اها خاڪ درياءَ ۾ وجهجو تہ الله کي لڀان ئي نہ تہ موچڙن کان بچي وڃان . پوءِ جڏهن مري ويو تہ هنن وصيت بجا آندي ۽ ان خاڪ کي وچ درياءَ ۾ وڌائون تہ خاڪ خاڪ سان ملي وئي، الله سائين ملائڪن کي چيو تہ اها خاڪ وڃين گڏ ڪريو، ملائڪن خاڪ گڏ ڪري ڦوڪ جو ڏنائون تہ جيئرو ٿي پيو الله سائين فرمايو تہ ڇو پاڻ کي ساڙي درياءَ ۾ اڇلرايئي، چئي منهنجا مولىٰ تنهنجي ڀئو کان الله سائين فرمايو تہ مان کان ڊنون آهين وڃ معافي اٿئي، وڃ بهشت ۾

**اي عزيز:** الله تعالىٰ جل شانہ خوف ڪندڙ ۽ پشيمان ٿيندڙ شخص تي ڏاڍو راضي ٿئي ٿو ۽ سندس موٽڻ ۽ اطاعت ڪري مٿس اهڙو خوش ٿئي ٿو جيئن ڪو شخص اٺ تي پنهنجي کاڌي پيتي وغيره جو سامان رکيو پيو وڃي ۽ ڪنهن رڻ پٽ ۾ سندس اٺ سامان سوڌو گم ٿي وڃي ۽ هي اٺ تان آسرو لاهي پنهنجي حياتيءَ تان هٿ ڌوئي ويهي، ۽ عين اهڙي مايوسيءَ جي وقت ۾ اهو وڃايل اٺ اوچتي لڀي پوي تہ جهڙي طرح اهو شخص فرحت ۽ خوشي انهيءَ مهل حاصل ٿو ڪري، الله تعاليٰ جلّ شانہ بہ اهڙي طرح انهيءَ خوف ڪندڙ کان راضي ۽ خوش ٿئي ٿو .

بيت

باز آ باز آ هر آنچہ هستي باز آ
گر ڪافر گبر بت پرستي باز آ
اين درگهي مادرگهي نواميدي نيست
گرصد بار توبہ شڪستي باز آ .

ترجمہ: موٽي آ موٽي آ جهڙو بہ آهين موٽي آ. جيڪڏهن ڪافر ۽ گبر ۽ بت پرست آهين تہ بہ موٽي آ. ڇو تہ رهيءَ اسان جي درگاهہ نا اميديءَ جي جاءِ ناهي، جيڪڏهن سؤ دفعا توبهہ ڪي ٽوڙيو اٿئي تہ بہ موٽي آ .

**نقل** (118) فقير سائينداد جاڪرو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن فقير غلام رسول خاصخيلي جي ڳوٺ تشريف فرماتيا پوءِ پاڻ ڪريمن واعظ ڪرڻ فرمايو، پاڻ فرمايائون تہ صبح شام اٿي ويٺي زبان ۽ دل تي رب پاڪ جو ذڪر هجي ۽ محبوب ياد ٿي ياد هجي، هٿ ڪم ڪار ۾ دل هجي يار ۾ تہ سڀ مطلب پورا ٿين .

**نقل** (119) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ پنهنجي مرشد سان نسبت ذار، انهيءَ جي نسبت پنهنجي مرشد ساڻ آهي ويندي پير دستگير تائين پير دستگير جي نسبت شير خدا ساڻ آ شير خدا جي نسبت رسول الله صلي الله عليہ وسلم ساڻ آهي، محبوب جي نسبت الله پاڪ وحده لاشريڪ لہ ۽ ساڻ آهي، ياد رکو سيني واري نسبت پنهنجي يار کان ڪٽي تہ ساري دنيا کان الله تائين ڪٽجي وئي .

**نقل** (120) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ اسان ۽ توهان کي حق آهي تہ قادري جماعت ۾ داخل ٿيو، قادري جماعت کان جيڪو منهن موڙيندو تہ فيض جي ذري بہ ڪانہ ملندس، ياد ڪجو اهو فيض شير خدا جو آهي، اهو باب العلم جو آهي هو اها هستي آهي جو ساري دنيا جا ولي ان جي قدمن جي هيٺان آهن، نقشبندي هجن . چشتي هجن . سهروردي هجن هي جماعت اها آهي جا سيني طريقن جي سردار آهي، توهان ۽ اسان کي مبارڪ هجي جو اهڙي شير جا مريد آهيون جنهن جو ساري دنيا جي ولين جي مٿان قبضو آهي .

**اي عزيز :** قادري بي تڪليف ۽ مقلد ۽ اهل توحيد هوندو آهي ۽ قادري ڪي ڀهرين ڏينهن چاٻي ملي ويندي آهي، جنهن سان هر مشڪل ۽ مهمات جا تالا کولي سگهندو آهي، واضح هجي تہ حضرت پيران پير محي الدين رضي الله تعاليٰ عنہ پنهنجي طالبن ۽ مريدن جي حق ۾ ايئن آهي جيئن جسم ۾ ساهہ سندن مريد خواهہ صالح هجي يا طالح بد بخت پاڻ ان جي ڪنهن حال افعال اقوال ۽ اعمال کان واقف آهن ۽ قيامت تائين جدا نہ آهن، بلڪ هر موقعي تي انهن جي مدد بہ ڪندا آهن ۽ طالح بہ ڪي بہ صالح ڪندا آهن الله تعاليٰ جل شانہ وسيلي جناب رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جي ساڻن واعدو فرمايو آهي تنهنجي مريد کي دوزخ جي باهہ ۾ نہ وجهندس . ياد رکو جو دوزخ جو لائق هجي ۽ سندن مريد ٿيو تہ انشاءالله اهو صالح ٿيندو ۽ اهو بہ ساڻن گڏ هوندو جدا نہ ٿيندو ۽ دوزخ ۾ بہ نہ سڙندو پر سندن بي ادب ۽ حسد ڪندڙ جي جاءِ جهنم آهي

**نقل (121) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ چار تسبيحون ذڪر جون ۽ مرشد ڪريم جي صورت جو تصور اندر باطن ۾ اهو پڪو ڪريو اهو دل** کان ٻاهر نہ ڪڍو، پنج وقت نماز پڙهو ٽيهہ روزا رکو توهان ۽ اسان جا ضامن مرشد ڪريم وينا آهن، ۽ فرمايو اٿن تہ توهان جي ايمان جا اسان ضامن آهيون قبر ۾ بہ گڏ آهيون، اهو مڙس اسان سان ساڻ هجي قبر ۾ بہ ۽ سڪرات ۾ بہ آخرت ۾ بہ، پر نسبت پنهنجي مرشد سان ڪامل ڪريو اها تار ڳنڍيل آهي تہ توٽي اولهہ ۾ هجو توٽي اوڀر ۾ هجي دنيا جي ڪنهن بہ ڪنڊ ۾ هجي جيڪڏهن اها تار ڳنڍيل آهي تہ پاڻ ۾ گڏ آهيون پري نہ آهيون، توٽي لک هزار ڪوهہ پري هجي، پر جيڪڏهن نسبت ناهي پٽ پٽ سان آهي تہ ان جي نسبت جي تار ڪٽيل آهي .

**نقل** (122) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن جهڙي اخلاق ۾ هوندين اهڙي اخلاق ۾ تنهنجي صورت هوندي . جيڪڏهن حرص جي عادت اٿئي تہ ڪوئي جي شڪل ۾ ٿي اٿندين ، جيڪڏهن بيغيرتي جي عادت اٿئي تہ خنزير جي صورت ۾ ٿي اٿندين، جيڪڏهن شهوت جي عادت اٿئي تہ گڏھ جي صورت ۾ ٿي اٿندين، جيڪڏهن تڪبر جي عادت اٿئي تہ ڪول جي صورت ۾ ٿي اٿندين، پر جيڪڏهن اخلاق محمديءِ سان انهيءِ قلب کي سذاريندين تہ نور محمديءِ وانگر تنهنجي صورت روشن ٿيندي جڏهن اخلاق محمديءِ توهان جي سيني ۾ ايندا توهان جي دماغ ۾ ويهندا توهان جي روح سان گڏ ٿيندا تڏهن انساني صورت ڪامل ٿيندي .

**اي عزيز:** هڪ دفعي حضرت پير سائين روضي ڌڻي بادشاھ جي حضور ۾ هڪ فقير عرض ڪيو تہ قبلا سائين دعا ڪريو، پاڻ فرمايائون تہ " ابا الله سائين انسان ڪندئي " فقير وري عرض ڪيو تہ قبلا دعا ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ " دعا تہ ڪيم الله سائين انسان ڪندئي " فقير عرض ڪيو تہ قبلا سائين انسان تہ آهيون. پاڻ فرمايائون تہ هاڻي هيٺن ڪر منهنجي جتي ڪڻ مسجد کان ٻاهر دروازي تي وجهي نظر ڪر. فقير جڏهن جتي مبارڪ تي پير رکيو جان ڪٿي ڏسي تہ ڪي ٻاندر ڪي ڀولڙا ڪي ڪهڙا جانور تہ ڪي ڪهڙا.

هڪ صورت محمديءِ مرشد ڪريم جي آهي جيڪا سج چنڊ کان وڌيڪ روشن آهي. فقير قدمن تي ڪري پيو عرض ٿو ڪري تہ منهنجا سائين دعا ڪيو تہ اسان انسان ٿيون .

**نقل** (123) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ ڪامل مرشد هجي ان جي دامن وٺو. ڇو تہ اها اگر مرشد جيڪا قلب تي رکندو آهي. اها اگر مرشد

جي نہ سمجھہ اھا آگر رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سمجھہ اھا آگر الله جي سمجھہ . الله سائين تو فرمائي مان ساري روۓ زمين ۾ ستني آسمانن ۾ ستني زمينن ۾ عرش ڪرسيۓ ۾ نٿو ماپان مگر ھتي مومن ٻانهي جي دل ۾ تو ماپان. پوۓ پاڻ فرمايائون تہ ھي اھو گھر آھي جو چوڏھن طبق عرش عظيم ڪري وجھہ تہ اجا ھتي ڪنڊ ۾ پيو آھي .

**نقل (124)** فقير سائينداد جاکرو نقل ٿو ڪري تہ ھڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ الله سائين جل شانہ فرمائي ٿو تہ ھر ڪنھن قسم جو ورد وظيفو جيڪو بہ مرد عورت دل جي حضور سان پڙھندو تہ قبول ڪندس. بغير حضور قلب جي قبول نہ ڪندس باقي بہ ورد آھن. سي ڪھڙي بہ حال ۾ پڙھو مان الله وٽ قبول آھن. ھڪ درود شريف جو وظيفو ۽ ٻيو توبھ سورت جون پڇاڙيۓ واريون بہ آيتون .

بسم الله الرحمن الرحيم

فان تولو فقل حسبي الله لااله الاھو عليہ توكلت وھو رب العرش العظيم ہ

**اي عزيز:** جيڪو شخص سانجھيۓ نماز کان پوۓ ست دفعا پڙھندو تہ صبح تائين ۽ جيڪڏھن صبح نماز کان پوۓ ست دفعا پڙھندو تہ سانجھيۓ تائين الله سائين جي امن ۾ رھندو دشمنن جي شر کان محفوظ معمون رھندو. ايتري قدر جو انھن ڇويھہ ڪلاڪن ۾ مرندو بہ نہ ھڪ شخص اھا آيت سڳوري ستاويھہ ورھہ پڙھي ھئي پوۓ ھڪ رات سرڪار دوجھان صلي الله عليہ وسلم جي خواب ۾ زيارت ٿيس. پاڻ فرمايائون تہ " اي اسان جا غلام اسان کان ڪيترو پري ڀڄندين " عرض ٿو ڪري تہ قبلا سائين مان تہ توھان کي ڳولھيان پيو مان ڪيئن ڀڄندس. پاڻ فرمايائون

تہ اها آيت سڳوري پڙهين پيو ٿوتي موت جو دروازو ئي بند لڳو پيو آهي جيسين مرين نہ تہ اسان وٽ ڪيئن پهچندين، عرض ٿو ڪري تہ قبلا مان بس ڪئي، جڏهن سجاڳ ٿيو ۽ پڙهڻ بند ڪيائين تہ ٻي ڏهاڙي وجين محبوبن سان مليو .

**نقل** (125) فقير غلام محمد چنو سيتا روڊ جو رهندڙ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي آئون درگاهہ شريف تي آيس ، ۽ سائين بادشاهن ڪريمن جي زيارت نصيب ٿي پوءِ خيال ڪيم تہ هاٽي واپس ڳوٺ وڃان، جڏهن مسجد کان ٻاهر واپس ٿيس تہ ڏٺم تہ سائين ميان سائين بادشاهہ بيٺا آهن، پاڻ فرمايائون تہ " ابا ڪاڏي ٿو وڃين " عرض ڪيم تہ قبلا سائين سائين بادشاهن جي زيارت ٿي هاٽي ڳوٺ ٿو وڃان، پاڻ فرمايائون تہ " وڃين ٿو پر گاڏي تي ڊوڙي پهچندين " پوءِ جڏهن مان اسٽيشن جي ويجهو آيس تہ گاڏي اسٽيشن کان هلڻ لڳي پوءِ مان ڊوڙي ڊوڙي جڏهن ڦاٽڪ تي پهتس تہ ڊرائيور گاڏيءَ کي روڪيو ۽ مون کي ٻانهن کان ڇڪي ڪٽي انجڻ ۾ پاڻ سا گڏ وهاريائين .

بيت

اولياءِ اطفال حق اند اي پسر

در حضور عيب آگاهہ باخبر

ترجمو: اي پٽ اولياءَ الله حق جو عيال آهن حضور ۾ هر غيب کان باخبر آهن .

**نقل** (126) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ مرشد ڪريمن جي صورت مبارڪ اندر دل ۾ هجي ۽ پاس انفاس جو ذڪر جاري هجي، پاس انفاس جو ذڪر اهو اسان جي قادري طريقي ۾ آهي سائين مشورن واري جي

طريقي ۾ ٽيون سبق آهي، اهو اهو آهي جو وضو هجي نہ هجي مٿي تي تڙ هجي مٿي ۾ پليتي هجي، ليٽرين ۾ وينو هجي اهو هلي پيو، اهو ذڪر هلندو تہ ستہ لطائف جيڪي اندر بند ٿيل هوندا انهن کي روشن ڪندو، پرهي زمين ۽ آسمان ۾ جيڪو خلا آهي اهو بہ نور سان پربو، اهو ذڪر پاڪ اهڙو آهي . اهو سبق جن کي ورتل آهي انهن کي خبر آهي هيءَ اها شيءِ آهي جو بند لطيفا بہ جاري ٿي پون اهو فيض سيد عبدالقادر دستگير بادشاهہ جو آهي، اهڙي سٺائي طريقت ۾ اهڙي عشق جي محبت ۾ اهڙو بجلي جو پاور بين طريقن ۾ ڪونهيءِ هيءِ شير خدا جي طريقت آهي، هي بجلي جو هائوس پاور آهي جو آيو تہ انسان سارو ختم ڪري ڇڏي .

بيت

نگهدار دم راکہ عالم دمي است

دمي پيش دانا بہ از عالمي است

**ترجمہ** : پنهنجي ساهہ دم جي حفاظت ڪر ڇو تہ هي سارو جهان گويا هڪ دم آهي، دانائن وٽ هڪڙو دم تمام جهانن کان زياده افضل آهي،

حضرت سيدنا علي ڪرم الله وجهہ جن فرمائيندا هيا تہ هڪ دم منهنجو اگر بغير نالي الله پاڪ جي وڃي تہ ان ساعت ۾ مان پاڻ کي مومن نٿو سمجهان، يعني انئي پهر رات ڏينهن ٿيهہ ئي تاريخون منهنجو دم الله پاڪ جو ذڪر ڪندڙ آهي،

**اي عزيز:** اسان جا مربي شهنشاهہ سائين مشورين وارا قدس الله سره الاقدس فرمائيندا هيا تہ، اي فقيرو دم اوهان جو رات ڏينهن الله پاڪ جي ذڪر کان خالي نہ وڃي اندر ساهہ وڃي " الله " جو تصور ڪيو باهر ساهہ

نڪري تہ " هو " جي ذڪر ۾ خيال ڪريو. چپ بند هجن نڪ مان ساهہ ڪٹو اهو ذڪر آهي پاس انفاس جو وضو هجي نہ هجي بيت الخلاءَ ۾ هجين توڙي متي ۾ تڙ هجيو اهو ذڪر پساهي سيني لطيفن کي نور سان پريندو آهي، ۽ جاڳائيندو آهي، ۽ آسمان زمين کي نور سان روشن ڪندو آهي، انهيءَ ذڪر جي پڪاوت جائي نشان آهن .

هڪ هي تہ جڏهن رات جو سمهين ننڊ ڪرين تہ اهو خيال ڪري سمهہ وري جنهن مهل جاڳ ٿئي تہ اهو ذڪر هلندڙ ڏسين تڏهن سمجهہ تہ پڪو آهي،

ٻيو نشان پڪي ٿيڻ جو هي آهي تہ ٻن چئن ڏيهاڙن جي بک هجي ۽ اج هجي ان حالت ۾ طعام ماني،ٿڌو پاڻي شربت آڏو اچي تہ اهو ذڪر هلي پيو تڏهن سمجهہ تہ ذڪر پڪو آهي، ٽيون نشان اهو اٿس تہ جڏهن پنهنجي گهر واري سان حق شرع جي حالت ۾ ماڻهو هجي، ان وقت ماڻهو شهواني خيال ۾ مست هوندو آهي. ان وقت بہ اهو ذڪر نہ وسري ۽ ذڪر هلي پيو تڏهن سمجهي تہ ذڪر پڪو آهي، جيڪڏهن انهيءَ حالت ۾ ذڪر هلندڙ نہ آهي تہ ان لاءِ ڪوشش ڪرڻ کپي تہ جيئن ڪنهن بہ وقت اهو ذڪر نہ وسري .

مکن عمر ضايع بہ افسوس حيف

کہ حسرت عزيز است والوقت سيف

پنهنجي عمر ڏوڙچائي ۽ دنيا جي غم ۽ حسرت ۾ نہ وڃائي ڇو تہ وقت، جي ڪٽاري وهندي ٿي وڃي تنهنڪري فرصت کي غنيمت سمجهہ .

**نقل** (127) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ ڪلمون شريف " لاالٰہ الااللّٰہ " اهو آهي جو سٽئي جهنم وسائي ڇڏي، اهو ڪلمون شريف اهو آهي جو

انئي بهشتن جا دروازا کولي ڇڏي بهشت جي چابي لاالٰہالااللّٰہ آهي، اها شيءِ اها آهي جو مثل قلب کي زنده ڪندو آهي . فقير هو هڪڙو گذاري ويو هو تہ بہ قلب هن جو ٽپا پيو ڏي الله الله پيو ڪري، انسان جهڙي حال ۾ دنيا ۾ مرندو تہ قيامت جي ڏينهن انهيءَ حال ۾ اٿندو. جي صلواتہ شريف پڙهندي مري ويندو تہ اٿندو تہ صلوات شريف پڙهندي پڙهندي اٿندو جي ذڪر ڪري مري ويندو تہ ذڪر ڪندي اٿندو ويندو. پر جي حقو حقو ڪري مري ويندو تہ حقو حقو ڪري اٿندو .

**اي عزيز:** جيڪو شخص دنيا ۾ جنهن شغل ۾ مشغول آهي اهو انهيءَ ۾ مرندو ۽ قبر مان جڏهن اٿندو تہ انهيءَ خيال ۾ مشغول هوندو، هڪ شخص هو جنهن هڪ ڪروڙ صلوات شريف پڙهي هئي پوءِ جڏهن مري پيو تہ زبان تي صلوات شريف هلي پئي هٿ ۾ تسبيح هلي پئي صلوات پڙهندي پڙهندي پساهہ پورا ٿيا، هڪ ٻيو شخص هوجيڪو حقو پيئندڙ هو جڏهن مري پيو تہ ماڻهون پيا چونس تہ ڪلمون پڙهہ آخري وقت آهي . تہ چوي پيو تہ وارو ڪر حقو ڏي توبي ۾ ٽاندو وجهہ وارو ڪر... حقو حقو ڪندي مري ويو .

**نقل** (128) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ حضرت پير سائين جن جو خليفو هو ان کي هڪڙي شخص اچي عرض ڪيو تہ، سائين منهنجي گهر واري کي جن آهي خدا جي نالي تي مهرباني ڪري هلي ڇڏايوس، جڏهن پاڻ آيا تہ جن چيس تہ خليفا ويجهونہ اچجان مان هن کي نہ ڇڏيندس مان تڪليف ڏيندو سانءِ .

سائين جن فرمايو لاالٰہالااللّٰہ اندر طريقت دل ۾ هجي جن شيطان سڙي ويندا . پير دستگير جي قادري جماعت پير سائين روضي ڌڻي وارن جي جماعت کي جن ٿيندوئي ڪو نہ جي ٿيندو تہ سڙي ويندو انشاءِ الله تعاليٰ

خليفي چيس تہ مون کي چا ڪندين منهنجو مرشد ڪامل آهي، پاڻ ويندا هئا اسر جو تهجد نماز پڙهڻ مسجد ۾ جڏهن پاڻ ٻاهر نڪتا تہ ڏنئون تہ هڪڙي ڪاري بلا آهي هٿ ۾ ڪاتي اتس ڪنيو تي اچي خليفي کي اسم ذات پڪل هو اسم ذات جو توجهہ هن جي نرڙ تي اهڙو هنيائون جو نرڙ مان رت وهڻ شروع ٿيو ۽ هٺندو ويو هٺندو ويو خليفو اسم ذات جو توجهہ مٿئون لڳائيندو ويو جڏهن مسجد جي ٻاهران پوئين پيرين ڪريو تہ وٺي ٻاهہ لڳس جو پڙ پڙ سارو سڙي خاڪ ٿي ختم ٿي ويو، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اها آهي پير سائين غوث الاعظم جي طريقت ۽ پير سائين روضي واري جي طريقت جنهن جا اسان مريد آهيون .

بيت

ڏج فـــــقيــــردي وار ڪـــنــــون

جنهن دي لفظ تـڪـي تـــــلوار ڪنون

فــــقــيـر دا مـــاريا ڪنهن نہ سنواريا

جو ڏڪـــــي ڪـاري درٻـار ڪـــنـــون

آکي لعل شهباز قلندر جو فقيردا مناٿيوي

تـــ ٻـٽ ڪـديـــس حـڙ ٻـــاڙ ڪنون

**نقل** (129) فقير سائينداد جاڪرو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي مسجد ۾ صبح جي سنت پڙهي وينا هئاسين سياري جي موسم هئي سائين جن ڪمبل ۾ ويڙهجي آيا ۽ ننڍڙن طالبن کي خوش طبعي ڪندي ڊيڇاريائون تہ طالب ڀڄڻ لڳا. پوءِ جڏهن سائين جن جا قدم مبارڪ سجاتائون تہ اچي قدمن تي پيا . پاڻ خوش ٿي مرڪي فرمايائون تہ " ٻچڙا پيارا فجر نماز جي سنت پڙهي پوءِ سبحان الله وبحده پڙهو ۽

فسبح بحمد ربلڪ وستغفره پڙهندا ڪريو تہ روزگار ۾ برڪت پوي ۽ دل بہ روشن ٿئي .

**اي عزيز:** سرڪار دوجهان صلي الله عليہ وسلم الله جي ولين جي شان ۾ حضرت ابوذر غفاري رضي الله تعاليٰ عنہ کي فرمايو تہ . " اي ابوذر رضي الله تعاليٰ عنہ " فقيرن جو ڪلڻ عبادت آهي، انهن جي خوشطبعي تسبيع آهي انهن جي ننڊ ڪرڻ صدقو آهي.انهن فقيرن ڏي الله پاڪ جي نظر ( عنايت ) هر ڏينهن ۾ ٽي سؤ مرتبا هوندي آهي، الله پاڪ انهن ڏي ٽي سؤ ڦيرا ڏسندو آهي .

**نقل** (130) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ پاڻ ( حضرت پير سائين غوث اعظم ) فرمايو اٿن تہ ڪو بہ مرد يا عورت منهنجي طريقت جو ذڪر چار تسبيحون سومهاڻي نماز کان اڳم ۽ سانجهي نماز کان بعد مون کي اڳم يارهن قل هو الله شريف جو هديو بخشي اهو پڙهندو تہ انهيءَ جي ايمان جو بہ ظاس آهيان تہ قبر ۾ بہ ان سان گڏ آهيان . پوءِ سائين جن فرمايو تہ مرشد ڪريم اها شيءِ آهي جو جنهن جي طريقت جنهن بہ مرد عورت پڙهي تہ انشاءِ الله تعاليٰ انهيءَ جو درجو بلند آهي .

**اي عزيز:** ڪنهن بہ طريقي وارن جي انتها ۽ ڪماليت  قادري طريقي وارن جي ابتدا کي نہ ٿي پهچي سگهي خواه ساري عمر چلہ ڪشي ۽ رياضتن ۾ ڇو نہ صرف ڪري، ڇو تہ قادري طريقي جي شروعات ۾ مشاهدو حضوري هوندو آهي، ۽ انتها ۾ فنافي الله جو مرتبو حاصل ٿيندو آهي، پوءِ جو ماڻهون قادري طريقي وارن سان برابري ڪندو يا ان کي گهٽ ڄاڻندو سو ادب جي خلاف ڄاتو ويندو . قاذري طريقي ۾ سستي ۽ هسستي موهوم خودي ۽ خودپرستي هرگز نہ هوندي آهي .

**نقل** (131) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ توحيد ۽ رسالت جو " لاالٰہ الا اللہ " محمد رسول اللہ صلي اللہ عليہ وسلم پڙهندا ڪريو ورهن جا ڪافر ورهن جون دليون ڪٿيل هجن منٽ ۾ پري آهي هڪڙي سيڪنڊ ۾ اندر بجلي وانگي شعاع روشن ڪري

رود چهار هزار گناه چون گوئي
بصدق مد ڪشان لاالٰہ الا اللہ .

هڪڙو پيرو لاالٰہ الا اللہ جي پڙهڻ سان چار هزار گناه ڇٽي ٿا پون، لاالٰہ الا اللہ اها شيءِ آهي جڏهن عرش عظيم کي اللہ سائين پيدا فرمايو هو ۽ پاڻيءِ تي بيهاريو هوائين تہ سارو عرش عظيم گردش ۾ هو، پوءِ جڏهن لاالٰہ الا اللہ اسم پنهنجو لکيائين تڏهن بہ ڏکي پيو پوءِ جڏهن محمد رسول اللہ صلي اللہ عليہ وسلم لکيائين تہ پوءِ چپ ڪري ويو . پوءِ سائين جن فرمايو تہ جڏهن انسان مرد عورت جي قلب ۾ مرشد جي وسيلي سان اهو ڪلمون شريف آيو تہ انشاءِ اللہ تعاليٰ قلب بہ سڪون وٺندو ۽ عرش عظيم تي پهچائيندو .

**اي عزيز** : مرشد ڪامل وٽ تہ تنهنجي دل جي زنگار، ميراڻ دور ٿئي ۽ خطرات وسو سانڪري ۽ دل روشن ٿي چمڪي پوءِ رڳو عمر ۾ هڪ سؤ پيرا روزانو ذڪر پاڪ لاالٰہ الا اللہ پڙهہ تہ اللہ جلّ شانہ انهيءِ گهر جا ست ماڻهو دوزخ کان آزاد ڪندو، پاڻ بہ بهشت ۾ گهر جا ڀاتي بہ بهشت ۾ پر هميشہ جي رات ڏينهن جيڪو ماڻهون ذڪر پاڪ ڪندو رهي تہ پوءِ ڇا ٿو پائين، ڪيڏو درجو ۽ مرتبو ماڻيندو جنهن جي حد نہ آهي .

**نقل** (132) فقير سائينداد جاکرو نقل ٿو ڪري تہ فقير عثمان مهندو مون کي چوندو هو تہ سائين ميان سائين بادشاهن جي دعوت ڪجي تہ اسان جي غريب خاني کي شرف حاصل ٿئي، پوءِ جڏهن مون سائين جن کي

دعوت ڪئي ۽ منهنجي ڳوٺ برڪت پريا قدم رکيائون. ان کان اڳ فقير عثمان مهندو وفات ڪري ويو هو پوءِ سائين جن رات جو تقرير مبارڪ کان پوءِ ڪوٺ عالم ۾ فقير عمر ميمڻ وٽ آرام ڪرڻ لاءِ آيا ٿي، جڏهن گاڏيءِ ۾ سوار ٿيا تہ ڊرائيور کي ٻي رستي ڏي هلڻ جو اشارو ڪيائون، اهو رستو فقير عثمان مهندي جي گهر تي هو سائين جن ظاهري اڳيم اتي آيل نہ هئا. پوءِ جڏهن گاڏي فقير عثمان مهندي جي گهر وٽ پهتي تہ اتي جي ماڻهن چيو تہ هتان رستو ٻاهر نہ نڪرندو. سائين جن فرمايو تہ هي گهر ڪهنجو آهي، چيائون تہ فقير عثمان مهندي جو آهي، سائين جن فرمايو تہ فقير عثمان تہ مون کي هتي آندو آهي پوءِ سائين جن دعا خير جي گهري واپس روانا ٿيا .

**نقل**(133) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ اسان جي سائين نلاهہ شريف واري مرشد ڪريم وٽ هڪ شخص آيو چيائين تہ سائين چار هزار مون تي قرض آهي خدا جي واسطي منهنجي مدد ڪر. پاڻ فرمايائون تہ اسان فقير آهيون اسان وٽ پئسا ڪونہ آهن، باقي دعا گهرون ٿا ڏس ٿا ڏيون ايئن ڪر تہ تنهنجو قرض لهي ويندو. چيائين سائين تنهنجي مهرباني، پاڻ فرمايائون تہ ڳوٺ وچ هي لفظ ٻڌايون ٿا يارهن قدم ڪٽي قطب ستاري ڏي ويهي پڙهہ پوءِ انشاءِ الله تعاليٰ ڪم ٿي ويندئي. هن ايئن ڪيو جو نماز سومهاڻي پڙهي .ڳوٺ کان ٻاهر يارهن وکون ڪٽي قطب ستاري ۾ نظر وجهي پڙهيائين خبر تڏهن پئي جو قطب ستارو ڦاٽو هڪڙو شخص مرد پئدا ٿيو سائي لباس سان گهوڙي تي نيزو هٿ ۾ اتس اڏرندو اڏرندو اچي ان وٽ پاڻ بيهي رهيا. سارو ملڪ بريٺ ڪل مشڪ عنبر ڪٿوري هبڪار ٿي ويا . پاڻ فرمايائون تہ ابا ڇو گهرايو اٿئي، عرض ڪيائين تہ قبلا چار هزار مان جي مٿان قرض آهي مهرباني ڪري

پئسا ڏيو يا دعا گهرو تہ منهنجو مسئلو حل ٿئي. پاڻ فرمايائون تہ اهو تنهنجو حل ڪيوسين منهنجي گهوڙي جي چئن سنبن هيٺان ذرتيءِ ۾ هزار هزار روپيہ پيا اٿئي، جڏهن مان هتان وڃان تہ ڪڍي وڃج بيو ڇا ڪپئي چئي سائين بيو ڪجهہ بہ نہ کپي، پوءِ پاڻ اڏريا سڌو انهيءِ قطب ستاري ڏي ويا ستارو ڦاٽو ۽ پاڻ انهيءِ ۾ هليا ويا، پوءِ کوٽيائين تہ چار هزار روپيا پيا آهن. صبح جو پير سائين جو خدمت ۾ آيو پاڻ فرمايائون تہ ڪم ٿيئي چئي هائو سائين ڪم ٿي ويو. پاڻ فرمايائون تہ سڃاتئي ڪير مڙس هو چئي سائين مان کي خبر ڪانهي. پان فرمايائونس تہ دستگير بادشاهہ پير. پير سائين غوث الثقلين محبوب سبحاني قطب رباني اها هستي اٿئي، تنهنجي سفارش ڪئي سين پاڻ مهرباني ڪري قبول ڪيائون ۽ تنهنجو ڪم ٿيو پر ارمان آ تہ توکان پڇن پيا تہ ٻيو ڪجهہ ڏيون تہ انڪاريو ڪرين الله ۽ رسول نہ پيوگهرين تہ اهوبہ ڏينئي

**اي عزيز:** جو شخص پير سائين غوث الاعظم رحمت الله عليہ کي اخلاص اعتقاد يقين سان مشڪل جي وقتن ۾ مدد واسطي ياد ڪري ۽ هي وظيفو ٽي ڀيرا پڙهي ۽ ٽي ڀيرا ڪلمون طيب جي ضرب پنهنجي قلب تي هڻي تہ ٽين ضرب هڻڻ مهل پاڻ يا ظاهري جسم سان يا روحاني طرح يا نوراني بدن ۾ ان جي مدد فرمائيندا ۽ بعض وقتن ۾ ظاهر بظاهر ملاقات نصيب ٿيندي آهي جينءِ مٿيئن فقير سان مهرباني ڪيائون .

**وظيفو** : احضروا يا ملک الا رواح المقدس ومحي الحق والدين الشيخ عبدالقادر ( رضي الله تعاليٰ عنہ ) .

**نقل** (134) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي تہ هي قلب الله جو گهر آهي،اهو خيالاتن پريشانين کان

واندو ڪر ۽ پنهنجي مرشد جي صورت ڪي اندر ويهار. پوءِ جڏهن اهو اندر ويهندو تہ الله سائين بہ پنهنجي گهر ۾ اچي ويهندو. هي اهو گهر آهي جنهن ۾ مرشد ڪريم اچي وينو تہ اتي محبوب مدني سرڪار بہ پاڻهين اچي ويندا تہ الله بہ پاڻهين اچي ويندو. مرشد ڪريم وٽ الله سائين پاڻ قرآن شريف ۾ فرض فرمايو آهي . وهابي ان جا منڪر آهن پر انڌا آهن اها خبر انهن کي نہ پوندي آ. جو تہ مرشد ڪريم اچي ويهندا تہ اهو جيڪو نفس ڪتو آهي انهيءَ جي صورت آهي خنزير وانگر پوءِ اهو ذڪر جي رستي ۽ رياضتن جي رستي ناهي ناهي پوءِ طوطي جي صورت وانگر ڪندو. جيئن چتونءِ جي سهڻي صورت هوندي آهي، اهڙي طرح نفس جا اخلاق مٽجي ويا ۽ طوطي وارا اخلاق اچي ويا .

**اي عزيز:** مرشد ڪامل حضرت رسول الله صلي الله عليہ وسلم جن جو تابع ۽ سندن جي هر ڪنهن سنت تي مستقيم هوندو آهي، ۽ ان جي دل سدائين الله جلّ شانہ جي اسم سان مشغول هوندي آهي، پوءِ جنهن بہ طالب ڏي نظر ڪندو تہ هن کي منزل مقصود تي پهچائيندو آهي، مرشد ڪامل جي هڪ نظر هزار سالن جي سجدن کان زياده فضليت واري آهي ۽ علم رسمي کان زياده اثر واري آهي .

يڪ زمانہ صحبت با اولياءَ

بهتر از صد سال طاعت بي ريا

**ترجمہ :** هڪڙي گهڙي پنهنجي ڪامل مرشد جي حضور ۾ ويهڻ سؤ سال بي ريا عبادت ڪرڻ کان زور ڀلي آهي

آنها خاک را بنظر کيميا کنند

سگ را ولي کنند مگس راهماءَ کنند

**ترجمو** : انهن ولين جي نظر مٽيءَ کي ڪيميا سون ڪري ڇڏي ۽ انهن جي نظر مبارڪ جيڪڏهن ڪتي تي پوي ته ولي ڪري ڇڏي. ۽ جيڪڏهن مک تي پوي ته هماءَ ڪري اڏاري ڇڏي مولانا روم چيو آهي ته ،

دست مرد گيــر تامــرد شوي

جز بمردان نيست راه رهبري .

**يعني** : جوان مردن جو هٿ پڪڙ تان جو تون به جوان مرد ٿي وڃين، ڇو ته جوان مردن کان سواءِ تنهنجي رهبري نا ممڪن آهي .

**نقل** (135) فقير غلام نبي ابڙو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي درگاهه شريف تي مون سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيو ته قبلا سائين ڪوٽ عالم ۾ حڪمت خانو کولڻ جو ارادو آهي، سائين جن اجازت به ڏين ۽ دعا به فرمائين پاڻ فرمايائون ته فقير مشرق ۾ وڃ مغرب ۾ وڃ جنوب ۾ وڃ شمال ۾ وڃ تنهنجو وار به ڪوسو نه ٿيندو اسان تنهنجا ضامن آهيون.

**اي عزيز** : مريد سمجهندو آهي ته مرشد مون کان پري آهي، انهيءَ گمان سان پنهنجي مشڪل جي حل ڪرڻ واسطي سڏ ڪندو آهي، حالانڪ مرشد مڪمل هر وقت گڏ ۽ شامل حال هوندو آهي، بلڪ شهه رڳ کان به وڌيڪ قريب آهي .

آفتاب اندرون خانئہ ما ، در بدر ميد ويم ذره مثال .

يعني سج ته پنهنجي گهر ۾ آهي، اسان ذري وانگر ٻاهر پيا ڊڪون . محبوب طالب المولىٰ جي ڪڇ ۾ ويٺل آهي ۽ طالب محبوب کي پري سمجهي سڏ ڪندو آهي، چوندو آهي ته محبوب مون وٽ اچ محبوب ڪيس جواب ڏيندو آهي، مان ته تنهنجي وجود ۾ ويٺو آهيان تو کي ڇو

نتي خبر پوي . وفي انفسكم افلا تبصرون سچڻ تہ توهان جي ذات ۾ آهي چا توهان ڏسي نتا سگهو.

گڏيو ويني گڏ سچڻ ساھ پساھ سان
کهڙا ڪرين سڏ ههڙن هيڪا ندن کي .

**نقل** (136) فقير سائينداد جاکرو نقل ٿو ڪري تہ منهنجي نياڻي کي اولاد نہ هو پوءِ سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين اولاد کاڻ سڪا ٿي سائين جن مهرباني فرمائين، پوءِ پاڻ دعا فرمايائون ۽ چوهارا پڙهي ڏنائون، سائين جي نگاھ ڪرم سان منهنجي نياڻي کي ڇوڪري ڄائي دل ۾ ڇيائين تہ جيڪر پٽ هجي ها . پوءِ سائين جن خواب ۾ منهنجي نياڻي کي فرمايو تہ " امان ناراض نہ ٿي بختاور ڇوڪري کي وني ٿو وڃان" منهنجي نياڻي عرض ڪيو تہ نہ سائين نہ سائين " جڏهن اڪيون ڪليون تہ ڏاڍي پريشان ٿي . مون چيو تہ جيڪي بہ مالڪ اولاد ڏنو ان جو شڪر ڪجي جنهن ۾ سائين راضي. پوءِ ان ڇوڪري جو نالو بہ بختاور رکيوسين .

**نقل** (137) حسين فقير قنبراڻي رهندڙ خانپور جو پٽ فقير غلام ياسين نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي خواب ۾ ٿو ڏسان تہ بابو وصال ڪري ويو آهي، پوءِ گهر وارن کي چيم تہ بابي کي نہ کڻجو مان سائين جن کي وٺي اچان تہ نماز جنازہ سائين جن پڙهائين، پوءِ درگاھ شريف تي جڏهن سائين جن جي حضور ۾ پهتس تہ پاڻ اڳير تيار هئا. ۽ فرمايائون تہ ابا اسان اڳير تيار هئاسون " پوءِ فرمايائون تہ مالڪن کان اجازت وٺئون تہ پوءِ تا هلئون، پوءِ سائين بادشاهن جي روضي پاڪ ۾ پاڻ هليا، آئون قدم مبارڪن کان بيٺس ۽ پاڻ سيرانديءِ کان بيٺا پوءِ دعا گهريائون تہ سائين

بادشاهن جو هٿ مبارڪ ظاهر ٿيو جنهن ۾ ڪپڙي ۾ ويڙهيل ٽڪيٽون هجن ۽ هڪ ٽڪيٽ ان جي مٿان رکيل هئي جيڪي سائين جن ورتيون پوءِ پاڻ فرمايائون تہ تنهنجو ڪم ٿي ويو هيءِ بهشت جي ٽڪيٽ حسين فقير کي هٿ ۾ ڏج ۽ باقي ٽڪيٽون توهان جي مٿن مائٽن ۽ پاڙي وارن جون آهن انهن جو ذمون بہ اسان تي آهي .

بيت فارسي

نماند بعصيان ڪسہ درگروه

ڪہ دارد چنين سيد پيش روءِ !!

**ترجمہ** : جيڪڏهن اهڙو سردار مهندار هوندو تہ ڪوئي بہ شخص گناهن ۾ گرفتار نہ ٿيندو " سبحان الله"

**نقل** (138) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ فنافي الشيخ پاڻ کي بنائي، پنهنجي مرشد شيخ ۾ فنا ٿي پوءِ فنافي الرسول جي منزل تي آ، فنافي الرسول جي منزل تي آئين تہ فنافي الله جي منزل تي ايندين،جڏهن فنافي الله جي منزل تي آئين،تڏهن بقا باالله ماڻيندين،قبر ۾ پيا هونداسين هيئن گهمندا وتئون ڪو جهلڻ وارو ڪونهي.

**اي عزيز:** خان ڳڙهہ شريف واري سائين فرمايو آهي.

| | | |
|---|---|---|
| صورت کي نيئي صورت ۾ | : | هر صورت پاڻ ڪمايوسين |
| وهم وجودا نانيت وارو | : | هن صورت ساڻ وڃايوسين |
| مرشد صورت معنيٰ الله | : | پيت اتاهون پايوسين |
| پيت اتاهون پائي وارو | : | اقرب قرب وڏايوسين |
| اقرب قرب وڏائي يارو | : | شاهي طبل وڄايوسين |
| شاهي طبل وڄائي يارو | : | صحيح صديق سڏايوسين |
| صحيح صديق سڏائي يارو | : | پوءِ احمد ناءُ رکايوسين. |

**نقل** (138) فقير علي حسن چنو رهندڙ لاڙڪاڻي جو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي درگاهه شريف تي چوڪي ۾ حاضر هوس، ۽ چوڪي وارن فقيرن جي ڪوٺي ۾ ويٺو هوس، منهنجي هٿ ۾ ماچيس جي دبي هئي ان وقت رڪيل شاهه جو ڏوهيڙو پي جهونگاريم ته اوچتو دروازي تي حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاهه اچي بيٺا، اسان سيئي فقير اٿي بيٺاسون، پوءِ پاڻ فرمايائون ته ڪنهن جو ڏوهيڙو پڙهين ٿو وري ٻڌائي باقي ماچيس نه وڄائي، پوءِ هن ٻانهي وري اهو ڏوهيڙو حضور ۾ پڙهي ٻڌايو، ڏنم ته سندن اکين مبارڪن مان لڙڪ وهڻ شروع ٿي ويا جڏهن پورو ڪيم ته پاڻ فرمايائون ته اي فقير توهان ٻه پنهنجي مرشد ۾ ايئن فنا ٿي وڃو،

اهو ڏوهيڙو هي آهي،

سي زناور ضايع ٿيا جڏهن ٻيلي ۾ ٻيم شينهن
سنهون ثابت ڪينڪي، ٿلهو ٿورو پينهن
فتح پور تي ڦڙيو ڦڙيون ميران پور تي مينهن
سهڻا شاهه رڪيل ٻئو لڳو آ نينهن تڏهن جانب مليو جهوڪ ۾.

**نقل** (139) فقير عطاءِالله انڙ سڪرنڊ جو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي خواب ۾ ڏسان ٿو اخبار پيو پڙهان ان اخبار ۾ تصوير مبارڪ سائين بادشاهن جي آهي ان جي هيٺيان لکيل آهي ته هي وجود مبارڪ هڪ ئي وقت ستن ملڪن ۾ ڏٺو ويو آهي، پوءِ ان خواب جي حقيقت مون حضرت قبلا سائين ميان سائين جن جي حضور ۾ پيش ڪئي، پاڻ ڪريمن فرمايو ته "پٽ اهي ست ملڪ نه پر ست زمينون ۽ ست آسمان آهن جن تي هر وقت منهنجي سائينءَ جو ظهور آهي.

**اي عزيز:** انسان ڪامل جو وجود وسيع آهي، جنهن جي نور کان ساري ڪائنات جلو گر آهي، عرش عظيم کان تحت الثريٰ تائين هر آن مڪان ۾ ان جو ظهور آهي، وجود هر ڪنهن مخلوق جو انسان ڪامل کان آهي ۽ انسان ڪامل هي آهي،

" انا من نور الله وعالم كله من نوري "

آئون الله جل شانہ جي نور کان آهيان ۽ ٻيو سارو جهان منهنجي نور مان پئدا ٿيو آهي ..... انسان ڪامل الله جلّ شانہ جي ذات ۾ فنا ٿيل هوندو آهي، سڀ ڪنهن شخص کي سواءِ انهيءَ وسيلي جي وصال محبوب حقيقي جو مشڪل آهي، ڇو تہ انسان ڪامل جو وجود الله جلّ شانہ جي وجود کان آهي .

**نقل** (140) فقير عبداللطيف ٻگهيو نقل ٿو ڪري تہ منهنجا مائٽ مون کي ڳوٺ ۾ رهڻ نہ ڏيندا هوا، پوءِ مون سائين جن کي اهو عرض گذاريو، پاڻ فرمايائون تہ ڀائر مٿ ناراض ٿين تہ اها نبي سائين جي سنت آهي، مون عرض ڪيو تہ سائين اسان جو تو سر وڃي توهان کي سنت جي آهي، پوءِ پاڻ مون کي ٻانهن کان وٺي جلال ۾ اچي فرمايائون تہ تو کي ڇا کپي عرض ڪيم تہ سائين دعا گهرو تہ منهنجي ظالمن کان جان ڇٽي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ تنهنجا دشمن هوندائي ڪونہ توکي جاءِ ملندي، پوءِ سائين جن جي دعا سان اهي منهنجا مخالف ماڻهون پنهنجا گهر وڪڻي هليا ويا .

**نقل** (141) فقير عبداللطيف ٻگهيو نقل ٿو ڪري تہ هڪ شخص درگاهہ شريف تي آيو ۽ ڏنائين تہ حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاهہ جي روضي پاڪ ڏي منهن ڪري نماز پڙهن پيا، پوءِ ان دل ۾ خيال ڪيو تہ ايئن ڇو ٿا پڙهن، اهو شخص جڏهن سائين بادشاهن جي روضي پاڪ ۾

ويو تہ سائين بادشاهن جي ظاهر ظهور زيارت ٿيس، ۽ پاڻ فرمايائونس تہ غصو نہ ڪر ميان سائين جيڏانهن بہ منهن ڪري نماز پڙهي ٿو ان جو ڪعبو اوڏانهن آهي . اي عزيز جڏهن ظاهري ڪعبي جي داخل ٿيڻ شرط هر طرف نماز جائز آهي، تہ پوءِ جنهن جماعت کي حقيقي ڪعبي جو دخول نصيب آهي ان جي لاءِ سڄي روءِ زمين ڪعبو آهي جيئن تہ آيت شريف ۾ آهي تہ :-

اعوذ بالله من الشيطان الرجيم " فاينما تولو فثم وجہ الله "

جنهن طرف توهان منهن ڪندا ان طرف الله تعاليٰ موجود آهي.

**نقل** (142) فقير خالد راهو جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي فقير حاجي محمد ايوب چانديو مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ سائين جن توهان کي حاويلي شريف جي ڪم واسطي گهرايو آهي، مون چيو تہ آئون ڪو ايڏو وڏو مستري ڪونہ آهيان جو ايڏو ڪم ڪري سگهان باقي خدمت ۾ ڪڏهن حصو وٺندس، پوءِ درگاهہ شريف تي وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري آئون ڳوٺ ۾ رهي پيس. رات جو خواب ۾ ڏٺم تہ منهنجي گهر سائين جن تشريف فرما ٿيا ۽ مون وٽ اچي ويٺا. آئون هٿ ادب جا ٻڌي اڳيان بيهي رهيس، پوءِ سائين جن فرمايو تہ فقير اسان تو کان خدمت وٺنداسين، پوءِ پاڻ مون کي هٿ مان جهلي فرمايائون تہ هل ...! پوءِ آئون سجاڳ ٿيس ان وقت رات جو پويون حصو هو. آئون ان وقت ئي درگاهہ شريف روانو ٿيس جڏهن سائين ڪريمن جي حضور ۾ پهتس پاڻ فرمايائون تہ فقير پهچي وئين عرض ڪيم تہ جي قبلا سائين جن گهرايو.

**اي عزيز:** مريد مڇيءَ وانگر آهي ۽ پير ڪامل مڇيءَ ڦاسائيندڙ وانگي آهي، مڇيءَ ڦاسائيندڙ جڏهن لوهہ جي ڪنڊيءَ ۾ طعام رکي پاڻي ۾ وجهي ٿو تڏهن مڇيءَ اچيو ان طعام کي کائي ٿي ان وقت ڏنگي ڪنڊي

مڇي جي وات ۾ ڦاسي پوي ٿي، پوءِ مڇيءَ جو پاڻي کان ٻاهر اچڻ مڇيءَ ڦاسائيندڙ جي اختيار سان آهي، ڇو تہ ڪنڍيءَ جي رسي ان جي هٿ ۾ آهي، اهڙي طرح مريد جو پير ڪامل جي حضور ۾ اچڻ هن مثال وانگر آهي، ڇو تہ رابطي جي رسي ان جي دل ۾ مظبوط پيل آهي، جڏهن پير ڪامل پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو تہ بي اختيار پير جي خدمت ۾ حاضر ٿئي ٿو.

**نقل** (143) فقير عبداللطيف ٻگهيو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاھ، سائين مالڪن ڪريمن جي روضي اطهر جي صحن تي تشريف فرما هئا، تہ هڪ فقيراڻي ڪراڙي جنهن کي جنات جو اثر هيو، حضور ۾ عرض ڪيائين تہ سائين دعا ۽ تعويذ توهان کان ڏاڍا ورتا اٿم پر لڳن جو سور نٿو ڇڏي پاڻ ان کي ڏسي فرمايائون تہ امڙ تون مون کي بي حجاب تي زور سان پاڪر پائي، پوءِ ان ڪراڙيءَ سائين جن کي پاڪر نہ پاتو، پوءِ پاڻ ان کي پاڪر پائي زور جو ڏنائون تہ اها ڪراڙيءَ رڙيون ڪرڻ لڳي تہ سائين مون توبهہ ڪئي مان وري ڪراڙيءَ جي ويجهو نہ ايندس، پاڻ فرمايائون تہ صفا توبهہ ڪريو ۽ ان جن توبهہ ڪئي ۽ ننيڙي ٻار وانگر رڙيو ڪندو رائيس ڪئنال ڏي ڀڄي ويو ۽ ڪراڙي تڪليف مان آزاد ٿي .

**نقل** (144) فقير علي حسن سيال نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي هي عاجز درگاھ شريف تي سائين جن جي حضور اقدس ۾ حاضر هيو، ۽ پاڻ ڪريم مسجد شريف ۾ ويٺا هئا، ان وقت صوفي فقيرن تي مالڪن ڪريمن جو تازو جلال ٿيل هو، ۽ صوفي فقيرن جو ٽولو اچي سائين جن سان مليو، پاڻ فرمايائون تہ بابا سائين بادشاھ اوهان کان ناراض آهي مون سان نہ ملندا ڪريو پنهنجي سائين کي راضي ڪريو ۽ شريعت جي ڀڃڪڙي نہ ڪريو، سائين بادشاھ کي شريعت پاڪ ڏاڍي مني آهي،

اوهان بہ شريعت پاڪ تي هلو تہ سائين مديني شريف وارا راضي ٿي پوندا. مرشد ڪريم بہ تڏهن راضي ٿيندا جڏهن سرڪار مديني شريف وارا راضي ۽ خوش ٿيندا .

**نقل** (145) فقير سچيڏنو مگڻار رهندڙ سيتا روڊ جو نقل ٿو ڪري تہ آئون ڳوٺ ۾ پنهنجي مائٽن جي گهر ۾ رهندو هوس، اتي مون کي پنهنجو گهر نہ هيو پوءِ مون اتان سڱ ورتو ۽ شادي جي تاريخ بہ ٻڌي ڇڏي . شادي کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ مون کي چيائون تہ تون پنهنجو گهر نهرائي تہ پوءِ توکي شادي ڏيون جي نہ تہ اهو سڱ توکي نہ ڏينداسين ۽ توسان مائٽي ختم آهي، اهو ٻڌي آئون ڏاڍو پريشان ٿيس ۽ درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ پهچي زار زار روئڻ لڳس پاڻ فرمايائون تہ ڪهڙو ڏک اٿئي جو ٿو روئين، پوءِ حضور ۾ مٿيون سڄو احوال عرض ڪيم.... پاڻ ٻاجهہ ءِ شفقت مان فرمايائون تہ توکي گهر بہ ملندو ۽ توکان معافي بہ وٺندا، پوءِ جڏهن پنهنجي ڳوٺ پهتس تہ مون کان معافي بہ ورتائون ۽ جنهن گهر ۾ آئون رهندو هوس اهو گهر بہ مون کي لکي ڏنائون ۽ منهنجي شادي بہ ٿي وئي.

**نقل** (145) فقير علي حسن سيال نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ وينو هوس، تہ هڪ شخص آيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ قبلا سائين مون کي ڏاڍي ويسر ٿي پئي آهي منهنجي لاءِ دعا گهرو، پاڻ فرمايائون تہ بابا مون کي بہ ڏاڍي ويسر آهي، هيءَ ويسر بہ هڪ سنت آهي .

**نقل** (146) فقير منير احمد پٺو رهندڙ لاڙڪاڻي جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن لاڙڪاڻي شهر محلي مراد واهڻ ۾ هڪ جلسي ۾ تشريف فرما هئا، پوءِ اتي مولوي عبدالرحيم سڪندري تقرير ٿي ڪئي

ان وقت هڪ شخص چئني موڪلي تہ توهان سني چوندا آهيو تہ حضرت پيران پير مردي کي زندھ ڪيو ڇا پيران پير جي طاقت الله کان بہ مٿي هئي ... پوءِ مولوي صاحب ان کي علمي دليلن سان جواب ڏنو. ان کان بعد سائين جن تقرير مبارڪ فرمائي پاڻ فرمايائون تہ مولوي صاحب جواب تہ تو ڏنو پر اسان جي دل نہ ٺاريئي، الله سائين جيڪڏهن مردي کي زندھ ڪري ها تہ شريعت جو حساب ٿي پوي ها. الله سائين سبب سان ڪم ڪاهيندو آهي، پير دستگير حضرت محبوب سبحاني الله جي ذات ۾ فنا ٿيل هو، محبوب سبحاني جي صورت ۾ الله سائين پاڻ موجود هو جنهن مردي کي زندھ ڪيو، پوءِ پاڻ سوال ڪندڙ کي فرمايائون تہ پيءِ جو پٽ آهين تہ اڄ اسان وٽ اسان کي فنافي الله بنائڻ ايندو آهي، .

اي عزيز: مولانا روم فرمايو آهي !

ڪيميائي درنگاه ڪا ملان حق داشتہ

ديدن ايشان جلوه اڪثير اڪبر ميڪند !

الله تعاليٰ ڪيميا کي ڪاملن جي نگاھ ۾ رکيو آهي ، انهن جي نگاھ مبارڪ اڪسيراعظم آهي،

آنــهـا خــاڪ رابــنـظـر ڪيميا ڪنند

سگ را ولي ڪنند مگس راهماءَ ڪنند

انهن ولين جي نظر مٽيءِ کي ڪيميا سون ڪري ڇڏي، ۽ انهن جي نظر مبارڪ جيڪڏهن ڪتي تي پوي تہ ولي ڪري ڇڏي ۽ جيڪڏهن مک تي پوي تہ هماءَ ڪري اڏاري ڇڏي .

كيــميــــا گـــر تـامي كي چاندي ڪري يا طلاءَ
فقير ڪيسر اعظم آهي خاڪ نظر سان ڪري خدا !

**نقل** (147) فقير محمد موسيٰ سومرو درگاهي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي هڪ فقير باڊهہ جي طرف جو رهندڙهو ان سائين جن کي اچي عرض ڪيو تہ سائين مون کي پوليس اجايو تنگ ٿي ڪري، پاڻ فرمايائون تہ يارهن قل هوالله شريف پڙهي حضرت محبوب سبحاني کي ختمو بخشي پوءِ هي وظيفو پڙهہ تو کي پوليس تنگ نہ ڪندي، پوءِ اهو فقير پنهنجي ڳوٺ آيو ۽ يارهن قل هو الله جي بجاءِ تيرهن پڙهي ويو، ۽ خيال ڪيائين تہ وڌيڪ پڙهيم تہ وڌيڪ ثواب ٿيندو، پوءِ هڪ فقير اچي چيس تہ توکي پوليس پڪڙڻ ٿي اچي، پوءِ اهو فقير اتان پوليس کان لڪي اچي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ پهتو ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين مون کي هينئر بہ پوليس پڪڙڻ اچي پئي آئون ڀڄي جان بچائي اچي سائين جن جي حضور ۾ پهتو آهيان . پاڻ فرمايائون تہ اسان توکي وظائف ۾ يارهن قل چيا هوا تون جو تيرهن پڙهندين تہ پوليس نہ پڪڙيندئي تہ ٻيو ڇا ڪندئي ! فقير عرض ڪيو تہ قبلا سائين منهنجي غلطي آهي مون کي معاف ملي پوءِ پاڻ دعا جي مهرباني فرمايائون ۽ اهو معاملو بہ ختم ٿي ويو .

بيت

دشـــمن چہ کند چون مهربان باشد دوست
در ظــل خــوش نــگا هــــدا ارنــد اوست !

ترجمہ : جيڪڏهن دوست مهربان آهي تہ پوءِ دشمن ڇا ڪندو پنهنجي پاڇي ۾ حفاظت ڪرڻ وارو اهوئي آهي .

**نقل** (148) فقير آدم ڪلهوڙو نقل ٿو ڪري تہ سائين جن جي حاويلي شريف جو ڪم پيو هلي، پوءِ ان جي لاءِ سرون مون ٿي پهچايون پاڻ هڪ دفعي فرمايائون تہ اهي سرون تنهنجو رائگان نہ وينديون هڪڙي هڪڙي سر تنهنجي عبادت ۾ آهي .

**اي عزيز:** پنهنجي هادي مرشد جي خدمت ڪرڻ ۽ درگاهہ شريف تي ٻهاري ڏيڻ انهي صدارت وزارت ۽ روءِ زمين جي هن فاني بادشاهي کان وڏيڪ افضل آهي، ۽ ڪامل مرشد توکي اهي نعمتون عطا ڪندو جيڪي تنهنجي وهم گمان ۾ بہ نہ هونديون .

**نقل** (149) فقير محمد موسيٰ سومرو درگاهي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين بادشاهہ حاويلي شريف کان مسجد شريف ڏي تشريف فرما ٿيا.هن مسڪين کان پڇا ڪرڻ فرمايائون تہ " ميان علي محمد ڪاتي آهي ۽ ڇا ٿا ڪن " مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين مٿي ڪوٺي تي وظائف پڙهن پيا. " ان وقت مسجد جي لڳ پاڻ مٿي ڪوٺيءِ ۾ رهندا هئا " پوءِ پاڻ فرمايائون تہ جيڪر سڏ ڪري اچو تہ چڱو. پوءِ آئون سائين جن کي سڏڻ لاءِ اڳتي وڌيس تہ پاڻ فرمايائون تہ اسان بہ مٿي هلئون ٿا پوءِ پاڻ بہ مٿي ڪوٺيءِ تي تشريف فرما ٿيا. جڏهن اتي پهتا ۽ سائين ميان سائين جن کان پڇا ڪرڻ فرمايائون تہ ڇاپي ڪيو سائين جن عرض ڪيو تہ قبلا سائين وظائف پي پڙهياسين، پوءِ سائين بادشاهن توجهہ فرمائي هيٺ کان مٿي غور سان ڏسي فرمايائون تہ توهان جي ڇا ڪمائي آهي سا بہ اسان وٽ امانت ۾ رکيل آهي ۽ جيڪا سرڪار مديني شريف واري کان اوهان جي نالي امانت مليل آهي سابہ امانت ۾ رکيل آهي، درگاهہ جي خدمت ۾ جيڪا مهرباني ٿي آهي اها بہ اسان امانت ۾ رکي آهي، پر

جيڪا توهان جي پنهنجي امانت آهي اها جيڪر توهان کي ڏيون تہ توهان مٿا قبرن مان ڪڍي ملڪ ميدان ڪري ڏيکاريو .

**نقل** (150) فقير آدم ڪلهوڙو نقل ٿو ڪري تہ منهنجي ڇوڪري سائين جن جي حاويلي شريف تي خدمت ۾ رهندي هئي، پوءِ هڪ ڏينهن سائين جن جي اجازت کان سواءِ پنهنجي ڳوٺ آئي، پوءِ جڏهن وري حضور اقدس ۾ حاضر ٿي تہ پاڻ پڇا فرمايائون تہ اسان جي اجازت کان سواءِ ڇو وئي آهين، خبر اٿئي تہ ڪنهن جي خدمت تي ڪرين.... محبوب سبحاني جي خدمت تي ڪرين،

**اي عزيز:** هڪ دفعي پاڻ بغداد شريف جي سفر تي اسريا پوءِ جڏهن پاڻ اتي پهتا تہ جماعت حضور اقدس ۾ عرض ڪيو تہ قبلا سائين اسان نماز سفر پڙهون، پاڻ فرمايائون تہ اسان نماز پوري پڙهنداسين ڇو هي اسان جو وطن آهي باقي توهان سفر نماز پڙهو،

**اي جان من** : ان ذات بيمثال احد صمد جا ڪروڙين مظهر آهن، جڏهن مديني شريف ۾ ان نور جو مظهور ٿيو تہ انا احمد بلا ميم چئي محمد رسول الله جو نعرو هنيائين، جڏهن بغداد شريف ۾ محبوب سبحاني ٿي آيو، تڏهن ڪل ولين جي گردن تي قدم مبارڪ رکي حڪم ڪيائين تہ " قدمي هذا اعليٰ رقبتہ ڪل ولي الله " جڏهن ڪنگري شريف ۾ ان نور جو ظهور ٿيو تہ روضي ڌڻي بادشاهہ جو خطاب ڏئي ساري دنيا کي فيض سان منور ڪيائين، جڏهن مشوري شريف ۾ ان بيمثال ذات جو نور جلوگر ٿيو ۽ " والله يعطي ان قاسم " جو مظهر وڃي ساري جهان کي پنهنجي رحمت ۽ هدايت جي نور سان سيراب ڪيائين، ۽ اهوئي شفقت ڌڻي بادشاهہ مسڪينن بي سهارن تي شفقت ۽ رحمت جو ڪڪر بڻجي آيو ۽ ڪيئي ڪارا قلب پنهنجي نور بيمثال سان منور ڪيائين .

بيت

جــامـــن تـــي جـامان پرين پهري آيو

كامان ڙي كامان تہ كيڏ ولك قريب كيو .

**نقل** (151) فقير محمد موسيٰ سومرو درگاهي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين بادشاهن، حضرت ميان سائين جن کي فرمايو تہ محمد شاهہ واسو ڪلهوڙي واري وٿان تي اچو ۽ جيڪو ڪجهہ فرمائين ايئن ڪجو، پاڻ هن مسڪين کي بہ ساڻ وٺي هليا ان وقت مون کي بخار بہ ڏاڍو هيو، جڏهن اتي پهتاسين ۽ مغرب نماز پڙهي سائين جن شاهہ صاحب سان مليا ۽ رات بہ اتي رهڻ ٿيو شاهہ صاحب جن جي حاويلي شريف تان جيڪي بسترا آيا هوا پاڻ انهن تي آرامي نہ ٿيا ۽ نہ وري ٽيڪ ڏئي ويٺا ۽ آئون بخار هيٺ جي ڪري مسجد ۾ ٿڌي تي سمهي پيس سياري جي موسم هئي پاڻ شفقت فرمائي پنهنجي لوئي مبارڪ منهنجي مٿان وڌائون ۽ پاڻ سڄي رات ويٺا رهيا ۽ وظائف وغيره ۾ مشغول هوا. پوءِ صبح جو شاهہ صاحب عرض ڪيو تہ قبلا سائين جن حاويلي تي دعا جي مهرباني فرمائين، پاڻ انڪار ڪندي ڏاڍو گريو فرمايائون ۽ انڪساري ڪندي فرمايائون تہ مان لائق نہ آهيان جو اهلبيتن جي حاويلي شريف ڏي هلان، ان وقت شاهہ صاحب عرض ڪيو تہ قبلا سائين، سائين بادشاهن توهان کي فرمايو هو تہ شاهہ صاحب کي رنج نہ ڪجو جيئن چون تيئن ڪجو، اهو سائين جن کي ياد ڏياريائون، پوءِ جتي مبارڪ لاهي حاويلي شريف ڏي اسريا ان وقت شاهہ صاحب دانهن ڪئي تہ سائين جن جا پير مبارڪ اگهاڙا آهن، پوءِ پنهنجي صاحبزادي کي چيائون تہ وڃي سائين جن جي جتي مبارڪ کڻي اچ، جڏهن صاحبزادو جتي مبارڪ کڻڻ لاءِ اڳتي وڌيو،

تہ پاڻ ان کان تڪڙا تڪڙا ٿي جتي مبارڪ ڪڍڻ لاءِ اڳتي وڌيا. ۽ فرمايائون تہ اهلبيت کي جتي ڪڍڻ نہ ڏينداسون پوءِ پاڻ پنهنجي جتي مبارڪ ڪٽي هٿ ۾ جهليائون. ان وقت بزرگ محمد شاهہ عرض ڪيو تہ سائين جتي مبارڪ پايو جو منهنجي حاويلي کي اڄ عرش عظيم وارو شرف حاصل ڪرايو..... ان وقت پاڻ ڏاڍو گريو فرمايائون پوءِ شاهہ صاحب سائين جن کي زوري حاويلي شريف ڏي وٺي ويو ۽ پاڻ دعا جي مهرباني فرمايائون .

**اي عزيز:** عشق جي شهيد مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي رحمت الله عليہ فرمايو آهي،

عاشق احمد ڄام ڄا سي پڻ احمد ا

**اي مخاطب:** حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي عشق ۽ محبت ۾ جيڪي فنا ٿين ٿا. بظاهر اهي شخص هن.بشري وجود ۾ آهن جنهن بشري وجود جو لباس پائي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم هن جهان ۾ تشريف فرما ٿيا. مگر جيڪڏهن حقيقت کي ڏسندين تہ انهيءَ نور بيمثال ۾ ايئن فنا آهن جينءَ قطرو سمنڊ ۾ خدبي ڪنار سمنڊ بنجي ويو. رب العزت ۾ محويت کان پوءِاهو پانهون خد رب العزت بنجي ٿو پوي . جنهن جي قدسي روايت شاهد آهي .

" بيت "

منهن هن جو خدا جو منهن ڄاڻان

نور جينءَ از خود روشنيءَ ڄاڻان

ذات پاڪ ان جي جدا نتو ڄاڻان

## رتبو ان جو مصطفيٰ جاڻان

**نقل** (152) فقير آدم ڪلهوڙو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن درگاهہ شريف تي پنهنجي حجري شريف جي آڏو جلوءِ افروز هوا. ان وقت پاڻ پاڄهہ ۾ شفقت سان فرمايائون تہ آهي ڪو پٽ وٺڻ وارو تہ پٽ ڏيونس بيڙو پرجي آيو آهي، ان وقت حضور اقدس ۾ ڪجهہ فقير ويٺل هوا. سائين جن جي مهرباني سان انهن سيني کي پٽ ٿيا.

**نقل** (153) فقير محمد موسيٰ سومرو درگاهي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين بادشاهہ حاويلي شريف کان مسجد شريف ڏي تشريف فرما ٿيا. هي عاجز بہ حضور اقدس ۾ موجود هو. پاڻ فرمايائون تہ ميان علي محمد ڪٿي آهي، انہ وقت حضرت قبلا سائين ميان سائين جن مسجد شريف" لڳ مٿي ڪوٺيءِ ۾ رهندا هوا. پوءِ آئون سائين جن کي سڏڻ جي لاءِ مٿي ڪوني تي ويس تہ جتي پاڻ تشريف فرما هوا ڏٺم تہ پاڻ ڪتاب پڙهن پيا ان وقت سائين بادشاهہ بہ مٿي ڪوٺيءِ تي تشريف فرما ٿيا، ۽ فرمايائون تہ ميان علي محمد " ان وقت سائين جن چرڪ ڀري اٿيا ۽ فرمايائون تہ جي منهنجا سائين ....... سائين بادشاهن فرمايو تہ ڇا ٿو ڪرين عرض ڪيائين تہ قبلا سائين ڪتاب ٿو پڙهان پوءِ سائين بادشاهن فرمايو تہ تون اسان جي جاءِ تي آهين اسان هاڻ ٻي شيءِ آهيون .

**نقل** (154) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ الله سائين فرمائي ٿو تہ مان آسمانن ۽ زمينن ۾ نٿو ماپان مگر " قلب العبد المومن" يانهي مومن عاشق جي قلب ۾ مان الله سمائجي ٿو وڃان ، اهو ايڏو خزانو آهي پر ايڏهون توجهہ ناهي ، مرشد ڪريم هٿ رکي توجهہ فرمائيندو آهي تہ پوءِ هن جو ذيان اندر قلب ۾ هوندو آهي ، اها انهن کي خبر آهي جيڪي ذڪر ڪندڙ هوندا .

**نقل** (155) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ الله سائين فرمائي ٿو تہ منهنجي ڪلمي طيب ذڪر پاڪ نفي اثبات لاالٰہالاالله جو مثال ايئن اٿو جو ڪن وڻن جا ميوا ڪڏهن ٿيندا آهن تہ ڪن جا ڪڏهن. پر هن جا ميوا جڏهن ڪپئي پيو ڪاءِ، هن جو لامون عرش عظيم تي آهن هن سان چنبڙي پئو تہ توکي بہ عرش عظيم تي پهچائي .

**نقل** (156) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ خدا جا ٻانهان خلاق نہ ڳالهائيندا آهن خدا جا ٻانهان سچ ٿي سچ ڳالهائيندا آهن. ۽ اهي انهيءَ رستي جا واقف آهن ۽ سونها آهن انهيءَ گس جا. اسان ۽ توهان کي اهي گس جا ڏس ڏئي ويا اهي ڪنهن جي هٿان اهي پنهنجي مرشد ڪامل جي هٿان. اها ڦڙي جيڪا رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي سيني مبارڪ ۾ آئي اها ڦرندي ٿو اسان عاشقن جي سيني ۾ آئي جيڪي توهان ۽ اسان وينا آهيون .

**نقل** (157) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ جنهن کي پنهنجي محبوب جي محبت سڪ هجي تہ پنهنجي مرشد کي اندر قلب ۾ جاءِ ڏي تہ اها هن کي وني محبوب جي هٿ ۾ هٿ ڏيندي.

**نقل** (158) تہ هڪ دفعي سائين جن منهنجي پٽ غلام مصطفيٰ جي شادي جي موقعي تي جلوءِ افروز ٿيا. پوءِ اتي حاضرين جماعت کي تلقين ڪندي قرآن شريف جي هيءَ آيت پڙهيائين .

الم ترکيف ضرب الله مثل کلمة طيّبة کشجرة

اصلها ثابت وفرعهافي السمآءِ توتي اکلها

کل حين باذن ربها ٠

پوءِ فرمايائون تہ هن فقير جيڪا آيت پڙهي آهي ان ۾ قادري طريقي جو سبق آهي ۽ اهو ڪلمون شريف نفي اثبات جو سبق آهي نفي اثبات جيڪي ڇاڻو فقير آهن انهن کي خبر آهي، جن کي خبر ناهي تن کي هي فقير ٻڌائي ٿو. نفي چئبو آهي تہ پنهنجي وجود کي نفي ڪر. پوءِ پاڻ پنهنجو اسم مبارڪ کڻي فرمايائون تہ " علي محمد جو وجود آهي ئي ڪونہ جنهن ڏهاڙي بيعت ڪئي ۽ آگر مبارڪ پنهنجي پير جي سائين جي قلب تي رکي ان ڏهاڙي مري ختم ٿي ويو بس هيءَ صورت مبارڪ سائين مالڪن جي آهي، سڀني فقيرن جو اهو وجود سائين مشورن واري جو آهي، ايئن سمجهو تہ سائين پاڻ آهي فلاڻون آهي ئي ڪونہ... پوءِ فرمايائون تہ ڌاڙون ڪٽڪ جو مٽيءَ ۾ گڏجي پاڻ کي فنا نہ ڪندو ۽ گنديءَ ۾ پيو هوندو تہ سروڪائي ويندس، پر جڏهن مٽيءَ ۾ فنا ٿيو تہ اهي ساوا سلاپڊا ٿيندا جو راڄ کائيندس تہ ڪٽائي نہ سگهندس. اهو سبق اٿو فنائيت جو اهو فنافي الشيخ جو سبق آهي ياد ڪري ڇڏيو. ۽ هن پنهنجي صورت کي ناهيو جيسين فنائيت نہ کائيندو ۽ صورت نہ مٽائيندو تيستائين الله ملڻ مشڪل آهي .

**اي عزيز:** پنهنجي مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ ۾ ظاهر ۽ باطن قول ۽ فعل ۾ ايئن متحد ۽ فنا ٿي وڃ جو توکي تنهنجو وجود ڏسڻ ۾ نہ اچي. اهو تڏهن ٿيندو جڏهن تون عشق محبت جي انتها ڪمال درجي تي پهچندين. پوءِ توکي وڻ وڻ ۾ ڪک پن ۾ هر صورت ۾ مرشدڪريم جي صورت مبارڪ جو جلوو ڏسڻ ۾ ايندو. جڏهن تنهنجي نظر مان بيائي نڪري ويندي تڏهن توتي هر مظهر ۾ " فثم وجهہ الله " جو نور جلوگر ٿيندو .

بيت

درو ديوار من آئينہ شداز کثرت شوق
هر کجامي نگرم روءِ ترامي بينم !!

اي منهنجا محبوب تنهنجي ديدار جي شوق ۾ پٽيون ۽ دروازا سڀ منهنجي لاءِ آرسي آهن. جيڏاهن ٿو نظر ڪريان تہ اوڏاهن تنهنجو جلوو ٿو ڏسڻ ۾ اچي .

**نقل** (159) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ جن پنهنجي ڪامل پير ۾ فنا ڪاڏي آهي، انهن سان مهرباني ۽ قرب آهي انهن لاءِ موت بہ ڪونهي مرڻ ڪان بعد بہ گهمندا ڦرندا وتن. توهان صورت مبارڪ ناهيو ڏاڙهي مبارڪ پنهنجي مرشد وانگر ناهيو. موذو مبارڪ جيڪو پاڻ پائيندا هئاهو پايو اها ساڳي صورت پنهنجي مرشد واري ڪندا تہ فنائيت بہ ٿي پوندي ۽ اها صورت مبارڪ اسان ۽ توهان جي مٿان غالب ٿي پوندي .

مرشد صورت موليٰ ڪريم
ڏس پاڻ ۾ تون هو بهوءِ !

**اي عزيز:** خان ڳڙهہ شريف واري سائين فرمايو آهي .

صورت ڪي نيئي صورت ۾ . هر صورت پاڻ ڪمايوسين،
وهم وجود انانيت وارو . هن صورت ساڻ وڃايوسين،
مرشد صورت معنيٰ الله . پيت اتا هون پايوسين،
پيت اتا هون پائي يارو . غير گمان گنوايوسين،
غير گمان گنوائي يارو . اقرب قرب وڏايوسين،
اقرب قرب وڏائي يارو . شاهي طبل وڄايوسين،
شاهي طبل وڄائي يارو . صحيح صديق سڏايوسين،

صحيح صديق سڏائي يارو        پوءِ احمد ناءَ رکايوسين.

**نقل** (160) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ الله سائين جل شانہ توهان ۽ اسان کي پنهنجي ۽ پنهنجي حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي محبت عطا فرمائي.اسان ۽ توهان جي زندگي جيڪڏهن الله جي غفليت ۾ گذري ۽ محبوبن جي بنا عشق جي گذري تہ اها وبال آهي. پر جنهن بخت مند ۽ سعادت مند ٻانهي جي زندگي الله رب العزت جي محبت ۾ ۽ پنهنجي حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ياد ۽ محبت ۾ گذري تہ اها هڪ وڏي سعادت آهي.

بيت

هر کہ عشق مصطفيٰ سامان اوست

بحر بردر گوشہ دامان اوست .

جنهن شخص کي حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي محبت ۽ عشق نصيب ٿيو. بحر ۽ برجي بادشاهي ان جي چادر جي ڪنڊ ۾ ٻڌل آهي.

**نقل** (161) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ حضرت شير خدا اسان جي قادري طريقي جو مرشد آهي. اهي فرمائيندا هئا تہ اسان جو هڪڙو پساهہ جيڪڏهن الله جي ياد کانسواءِ غفلت ۾ گذاريءِ تہ انهيءِ وقت مان پاڻ کي ڪافر سمجهندو آهيان. هي اسان سيني قادرين جو مرشد آهي اهي فرمائن ٿا تہ هن قلب ۾ جو پساهہ نڪ کان ٻاهر نڪري ٿو جيڪر اهو پساهہ بنا ذڪر جي ٻاهر نڪري تہ مان انهيءِ مهل پاڻ کي ڪافر سمجهندس. اها تعليم اسان ۽ توهان کي هئي انهن کي پرواهہ نہ هئي.......... سؤ قطب لک غوث گڏ جن تہ بہ هڪ اصحابي جي مٽ ناهن الله سائين جلّ شانہ هن جو درجو بلند ڪيو اهي .

**نقل** (162) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ سائين مالڪن فرمايو اهي تہ اسان جي طريقت ۾ ست ذڪر آهن ۽ اٺوينهہ فڪر آهن جنهن کي مراقبو ڪوٺبو آهي . پاڻ هڪڙي سبق ۾ لکيو اٿن تہ اي طالب الله جا تون پنهنجي سيني کي پنهنجي مرشد جي سيني جي سامهون جهل اهو پنهنجي مرشد جي سيني جي سامهون ٿو جهلي، اهو سلسلو هلندو هلندو تان تہ مولي علي شير خدا تائين پهتو، اهو حضرت شير خدا رضي الله تعالىٰ عنہ جو سينو مبارڪ حضرت محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي سيني مبارڪ ۾ آهي، ۽ محبوب جو سينو مبارڪ الله جي قدرت جي سيني مبارڪ جي سامهون آهي، جيڪا ڦڙي الله جي طرف کان اتي ڪرندي اها منهنجي محبوب جي سيني ۾ آئي اها شير خدا جي سيني ۾ آئي نمبر وار اها ڦرندي.توهان ۽ اسان جي سيني ۾ آئي .

**اي عزيز:** هي ظاهري سج جيڪو دنيا تي هر وقت موجود آهي جنهن جي شعاع کان روءِ زمين منور آهي، روءِ زمين ۾ ڪنهن بہ جاءِ تي جيڪڏهن گهرجي ڇت مان سوراخ ڪندين تہ اُن جي روشني تو وٽ پهچندي......

اهڙي طرح ڪامل مرشد جيڪو الله جلّ شانہ جي حقيقت ۽ معرفت جو سج آهي، جيڪو ساري ڪائنات تي جلوگر آهي، جنهن جي نظر کان ڪابہ شيءِ ڳجهي ناهي ۽ ان جو نور ساري جهان کي گهيرو ڪندڙ آهي، اي طالب الله جا جيڪڏهن تون پنهنجي دل جو آئينو انهيءِ حقيقت جي سج ڏي ڪندين تہ ان جو عڪس تنهنجي قلب تي پوندو ۽ الله جلّ شانہ جي نور بيمثال سان تنهنجو قلب منور ٿيندو ۽ ان جي معرفت توکي حاصل ٿي پوندي .

**نقل** (163) فقير انور چنو رهندڙ سيتا روڊ جو نقل ٿو ڪري تہ منهنجو ڀاءُ ڪنهن مجازي عشق ۾ اچي ڪري بيمار ٿي پيو، اسان هن کي بيمار

سمجهي ڊاڪٽرن کان علاج ڪرايو پر هن کي ڪو بہ فائدو نہ ٿيو، ڏيهون ڏينهن ڳرندو پيو وڃي، پوءِ مون ياءَ کي چيو تہ ڪٿي محبت ۾ تہ نہ ڦاٿو آهين، پوءِ هن مون کي چيو تہ هڪ ماڻهو جي محبت ۾ گرفتار آهيان ۽ ان جي ڏسڻ کان بغير آرام ۽ سڪون ڪونہ ٿو ملي، پوءِ ان کي وٺي مون درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ پيش ڪيو، قدم بوسي ڪري ياءَ جي سچي حقيقت حضور ۾ پيش ڪئي، پوءِ پاڻ خوش طبعي ڪندي فرمايائون تہ " هن حرامي کي هٽايوس ڪاٺ ۾ پلي تہ خبر پويس " پوءِ پاڄهہ ۽ شفقت جي نگاهہ مبارڪ ڪري فرمايائون تہ ذڪر پاڪ گهٽون ڪر ۽ پنهنجي مالڪن ڪريمن جي صورت پاڪ ياد ڪر تہ مهرباني ٿي ويندي، ۽ ذڪر ڪرڻ مهل مالڪن ڪريمن جي صورت مبارڪ اڳو اٽي حاضر ناظر سمجهي ذڪر ڪندو ڪر تہ پاڻهي سائين اچي سيني ۾ ويهندا.۽ بي ڪابہ صورت ڪانہ رهندي ۽ گم ٿي ويندي، ۽ حقيقي مهرباني ٿي ويندي بس سائين ڪافي آهي .

**اي عزيز:** جيڪڏهن مجازي عشق حقيقي تائين پهچي وڃي تہ شهباز آهي، ۽ ان جو سير ۽ شڪار گاهہ لامڪان ۽ ان جو مقصود بي مثال آهي ۽ ان جي حالت " هل من مزيد " يعني اڃان زياده آهي، ورنہ تہ پوءِ بي بنياد ۽ فساد آهي !!! پاڻ فقير کي جيڪو امر فرمايائون تہ مالڪن ڪريمن جي صورت مبارڪ کي حاضر ناظر سمجهي ذڪر پاڪ ڪر..... جيڪڏهن هن حقيقت کي ڏٺو وڃي تہ اهائي صورت مبارڪ حق جي آهي جيڪا مجازي ۽ حقيقي عشق جي ابتدا ۽ انتها آهي، انهي ئي مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ جي تصور ۽ فڪر ۾ مستغرق ٿي فنائيت حاصل ڪجي انهيءَ کي ئي فنافي الله ۽ بقابالله چيو وڃي ٿو .

**نقل** (164) فقير علي حسن سيال رهنڊڙ سيتارو ڊ جو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي درگاهه شريف تي سائين جن جي حضور ۾ حاضر هوس، پاڻ هڪ طالب کي فرمايائون ته محمد موسيٰ فقير کٽيءِ کان ڪپڙا ڪڻي اچ جو اسان کي هن مهل دعوت تي وڃڻو آهي، ٿوري دير ۾ اهو طالب چوڪرو موٽي آيو ۽ عرض ڪيائين ته قبلا سائين، کٽي فقير چوي ٿو ته سائين جن جا ڪپڙا تيار ڪونه آهن ٿوري دير ۾ مان پاڻ کڻي اچان ٿو پاڻ ٿوري دير خاموش رهيا، پوءِ ٿوري دير ۾ محمد موسيٰ فقير به ڪپڙا کڻي اچي حضور ۾ حاضر ٿيو، پاڻ فرمايائون ته فقير دير ڪئي اٿئي اسان کي دعوت تي وڃڻو آهي، اسان توکي چيو هو ته ڪپڙا جلدي کڻي اچ جو دعوت تي وڃڻو آهي، فقير عرض ڪيو ته قبلا سائين ڪپڙا ڌوتل هوا استري جي ڪري دير ڪئي سون، پاڻ فرمايائون ته استري جي ڪهڙي ضرورت هئي اسان بنا استري جي به ڪپڙا پائيندا آهيون استري ڪا اڏاريندي ڇا اسان جا ڪپڙا ايئن آڻيندو ڪر، پوءِ پاڻ ڪپڙن جي استري کي ڊاهي پوءِ پاتائون ۽ فرمايائون ته پلا آهن ڪهڙي ضرورت آهي استري جي .

**اي عزيز:** سندن جي وجود مبارڪ ۾ ڪمال انتها درجي جي ڪسر نفسي ۽ سادگي هوندي هئي، ۽ پاڻ هميشه سادگي ۾ گذاريندا هوا. ۽ ظاهر پرستي ۽ مشائخي کي ناپسند ڪندا هوا هميشه صبح کان شام تائين پنهنجي حجري شريف جي آڏو تڏي تي جلوءِ افروز هوندا هئا. جنهن وقت به ڪو سائيل حضور ۾ ايندو هو ته مرادن سان جهوليون ڀري ويندو هو.

بيت

منم يڪ بنده مرد تمامي

كند با خوا جگي كارـ غلامي !

مان انهيءَ ڪامل مرد جو غلام آهيان.جيڪو سرداري باوجود ٻانهپ جو ڪم ڪندو آهي .

بيت

انـــد روش آشنــاؤ از بيــرون بيگان وش

با اين چنين زيبا روش ڪمتر بود اندرجهان !

اندر واقف ٻاهران بيگانو اهڙي سهڻي روش دنيا ۾ گهٽ هوندي آهي .

**نقل** (165) فقير علي مردان ٻگهيو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي مديني شريف ۾ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي حضور اقدس ۾ درود شريف پڙهي عرض ڪيم تہ قبلا سائين هن ٻانهي کي پنهنجي ديدار انوار کان مشرف فرمايو. پوءِ اهو عرض ڪري حرم شريف، ۾ سمهي پيس تہ خواب ۾ ڏٺم تہ هاتفي آواز آيو تہ مديني شريف جي شهنشاھ جو اڄي ديدار ڪريو. پوءِ هي ٻانهون جڏهن روضي پاڪ جي ويجهو آيو تہ ڏٺم تہ مرشد ڪريم حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاھ جلوءِ افروز آهن. ۽ روضي شريف مان ٻاهر اچن پيا پوءِ مون اڳتي وڌي سائين جن جي قدم بوسي ڪئي. پاڻ ٻاجھ ۽ شفقت سان فرمايائون تہ فقير آيو آهين. مون عرض ڪيو تہ جي قبلا سائين اهو سڀ اوهان جو ڪرم ۽ ٻاجھ آهي جو اوهان گهرائي ديدار کان مشرف فرمايو .

**اي عزيز:** جنهن پنهنجو ڪامل مرشد ڏٺو انهيءَ ڄڻ حضور پر نور صلي الله عليہ وسلم کي ڏٺو.جنهن مديني شريف جي شهنشاھ کي ڏٺو . انهيءَ ڄڻ الله جلّ شانہ کي ڏٺو. مريد کي مديني واري سائين جو ديدار پنهنجي ڪامل مرشد جي صورت ۾ ٿيندو آهي. مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ

جي وسيلي کان سواءِ جيڪڏهن حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو ديدار ٿيو تہ سجاڻي نہ سگهبو. ۽ قبر ۾ بہ اهائي صورت مبارڪ رهنمائي ڪندي.

**نقل** (166) هڪ دفعي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور اقدس ۾ حاضر هوس. فقير مولوي قمردين مغيري حضور ۾ آيو ۽ قدم بوسي ڪري عرض ڪيائين تہ قبلا سائين آئون جماعت جي لاءِ رلهيون وٺڻ لاءِ موري ۾ فقير لال بخش ميمڻ وٽ ويو هوس، جنهن مون سان تعاون تہ نہ ڪيو پر ماني جي صلاح بہ نہ ڪيائين. پاڻ جلال ۾ آيا ان وقت فقير لال بخش جي گهر جون فقيراڻيون درگاهہ شريف تي موجود هيون. پاڻ انهن کي فرمايائون تہ فقير لال بخش کي چئجو تہ. فقير فقير وٽ آيو تہ جڻ سائين آيو فقير سان تعاون تہ نہ ڪيائين پر ننگر جي صلاح بہ نہ ڪيائين ارمان آهي . اي عزيز: عارف جي نظر خاڪ جي ذري تي نہ پرحقيقت تي هوندي آهي، عارف جي نگاهہ جي اڳيان بيائي ڪجهيو وجي ۽ هر صورت ۾ مشاهدو محبوب حقيقي جو جلوگر هوندو آهي .

حافظ شيرازي فرمايو آهي،

نديم ومطرب وساقي همہ اوست

خيال آب وگل در راه نباشد !!

دوست ساز وارو ۽ پيارينڊڙ مڙئي اهو آهي. معرفت جي واٽ ۾ پاڻي ۽ مٽي جو خيال نہ هجڻ گهرجي،

ايـن است کمال مرد راه يقين

در هرچہ نظر کند خدارابيند .

يقين واري ڪامل مرد جو هي ڪمال آهي،جو جنهن بہ صورت ۾ نظر ڪندو خدا ڪي ڏسندو. نقل (167) هڪ دفعي درگاهہ شريف تي هي پانهو سائين جن جي حضور ۾ موجود هو. پاڻ حاضرين جماعت سان گفتگو ڪندي فرمايائون تہ خليفو حسين رحہ حضور صلي الله عليہ وسلم جي روضي شريف جي اڳيان مراقبو ڪري ويهندو هو. پوءِ هڪ رات ڏٺائين تہ هڪ شخص نقاب پوش آيو ۽ روضي شريف جي ديوار مان اندر داخل ٿي ويو ۽ رات جي پوئين حصي ۾ نڪري ويو. اهڙي طرح ٻي رات ۽ ٽي رات بہ ايئن ٿيو. ٽيئن رات جڏهن باهر نڪتو تہ پاڻ هڪدم سندس دامن ۾ چنبڙي پيا، ۽ چيائون تہ تونکي حضور صلي الله عليہ وسلم جو واسطو آهي، مون کي ٻڌائي تہ تون ڪير آهين. پوءِ پاڻ نقاب مٿي ڪيائون جان ڪٿي ڏسي تہ هي تہ منهنجو مرشد خليفو محمود ڪڙيي گهنور وارو آهي .

اي **عزيز:** هي سارو جهان چئن عنصرن يعني مٽي پاڻي باهہ ۽ هوا مان ٺهيو آهي، خدا جي ولين جي انهن چئن عنصرن تي حڪومت آهي، ۽ انسان بہ انهن چئن عنصرن مان پيدا ٿيو آهي، جنهن شخص جا اهي چارئي عنصر فناٿين ٿا ان جو وجود اهڙو لطيف ٿئي ٿو جو اهو باهہ ۾ هلندو تہ باهہ ان کي نہ ساڙيندي، جيڪڏهن پاڻي ۾ هلندو تہ سڪيءِ وانگر گهمندو، ۽ جيڪڏهن چاهيندو تہ هوا ۾ بہ پرواز ڪندو،جيڪڏهن چاهيندو تہ ديوار مان بہ بناڪنهن سوراخ جي لنگهي ويندو ڇو تہ انهن جو وجود الله جلّ شانہ جي ذات مقدس ۾ فنا ٿيل آهي .

**نقل** (168) فقير سائينداد جاڪرو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ درود شريف پڙهڻ وارو ۽ ذڪر شريف وارو عزت ۽ محبت وارو

ٿيندو قيامت جي ڏينهن محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي رحمت جي ڇانو ۾ هوندو. پوءِ فرمايائون تہ :

جمالڪ في عيني وذڪرڪ في فهمي

وحبڪ في قلبي فاين تغايني

تنهنجو حسن منهنجي اک ۾ آهي تنهنجو ذڪر منهنجي وات ۾ آهي تنهنجي محبت منهنجي قلب ۾ آهي تون ڪٿي غائب آهين....... هٿ ڪار ۾ دل يار ۾ فقير جيتري مرشد سان محبت ايتري مهرباني سهڻون يار اهڙو پلو مليو اٿو جو عيدان ڪيو رب العلمين جا شڪرانا ڪريو . "

بيت فارسي "

نازم بچشم خود کہ جمال تو ديده است

افتم بپائۂ خود کہ بکويت رسيده است

هر روز بوسہ هازنم اين دست خويش را

گودامنت گرفتہ بسو يم کشيده است .

مون کي ناز آهي پنهنجي اکين تي جنهن سان تنهنجو جمال مبارڪ ڏٺم، پيرين پوان پنهنجن پيرن تي جنهن تو تائين پهچايو هر روز چميون ڏيان پنهنجن هٿن کي جنهن سان تنهنجي دامن مبارڪ کي ورتم .

**نقل** (169) ساڱيو فقير نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي منهنجي منهن ڇورائجي وئي جنهن کي ٻارهن مهينا ٿي ويا هئا. پوءِ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي حاضري نصيب ٿي، حضور ۾ عرض ڪيم تہ قبلا سائين منهن ڇورائجي وئي آهي تنهن کي ٻارهن مهينا ٿيا آهن گم آهي سائين جن دعا ڪن تہ ليپي پوي، پاڻ فرمايائون تہ اسم يا رقيب پڙهندورهہ انشاءِ الله

تعاليٰ منهن لپي پوندي ۽ پوءِ آئون اسم مبارڪ پڙهندو رهيس، مالڪن جي مهرباني سان ٻن سالن کان پوءِ منهن ملي وئي .

**نقل** (170) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ مرشد جو راز رسول الله جو راز آهي، رسول الله جو راز الله واحد القهار جو راز آهي، شڪرانا ڪيو جو ههڙن يارن جون صحبتون ٿيونٚ هي تاج مبارڪ اسان کي نشان پهرائي ويا آهن، جيئن ڪتي کي پنهنجي مالڪ جو پٽو هوندو آهي، جيئن هن جو نالو ڪوئي بہ نہ وٺندو آ، انشاءِ الله تعاليٰ نظر نيڪ نيت وارن جي لاءِ جنهن کي تاج هوندي ان جو ادب رکندو توڙي مريد هوندو يا نہ هوندو، .

**نقل** (171) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ صوبيدار هو هڪڙو جيڪو درگاهہ شريف تي مالڪن وٽ آيو، پهرين نمبر جو راشي ظالم هو (5) پنج لک ڪمايا هئائين پوءِ ان جي مٿان ڪيس ٿيو، گوڏي جي مٿان ڪانچ هجيس ماني جي ڪاڻ سڪندو پنندو پيو وتي پوءِ خوار خراب ٿي سائين جن وٽ آيو، چيائين تہ قبلا جڏهن صوبيدار هوس تہ حرام ڪائڻ ۾ چست هوس چوندو هوس تہ نہ الله آ نہ رسول آ زمين مان اچ ڏٺي آ نہ تہ مان عرش تي هوس.

**نقل** (172) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ فقير هو هڪڙو جيڪو عبادت ڪندو هو، الله سائين جلّ شانہ ماني مٿان موڪليندو هو تہ ڪائيندو هو پوءِ بہ ٽي ڏيهاڙا ٿيا الله سائين جلّ شانہ ماني هن جي بند ڪئي...... پوءِ پاڻ فرمايائون تہ الله سائين امتحان وٺندو آهي، شل امتحان ۾ الله سائين نہ ڦاسائي پاڻ پاڪ ڪري تہ الحمد الله نہ تہ ٻانهي جي جاءِ ناهي پاڻ ڏنائون تہ منهنجو ٻانهون سچو آهي يا نہ..... ٻہ ڏيهاڙا بک تي هو پوءِ نصارن جو ڳوٺ هو اتي ويو تہ ڪتي هن کي اچي ورايو، هن ڪتي کي چيو تہ ڪتا تنهنجو ڏوهہ اسان ڪهڙو ڪيو آهي آهي جو

تون اسان کي ڪائين ٿو. ڪتي ان کي ورندي ڏني تہ اي عابد مون کي ٻارهون مهينو آ مالڪ ٽڪر نہ ڏيندو آ تہ بہ هن جي در تي ڪريو پيو آهيان. توهان کي بہ ڏيهاڙا ماني الله نہ موڪلي اٿس تہ دشمن جي در تي ٿا وڃو .

**اي عزيز:** طالب موليٰ کي گهرجي تہ پنهنجي مالڪ جو در ڇڏي غيرن ڏي نظر بہ نہ ڪري، ڏک ۽ سک ۾ پنهنجي مالڪ جي حضور کان پري نہ ٿئي. جڏهن ڪامل مرشد شفقت ۽ ٻاجھہ جي نظر ڪندو تہ تنهنجي باطن جا حجاب ٽٽي پوندا ۽ توکي وحدت حاصل ٿي پوندي.

" بيت "

هيچ ميداني کہ سگ راچيست غو غابرگدا

منع مي سازد کہ جز حق بر در ديگر ميا

اها خبر اٿئي تہ ڪتو پينوءَ تي ڇو ڀئو نڪدو آهي. هن لاءِ تہ سائل پنهنجي الله جو در ڇڏي ڪٿ-ن وٺ نہ وڃي.

" بيت "

روشيوءِ بندگي زشيطان آموز

يک قبلا گزين و سجده بر غير مکن

جيڪڏهن بندگي جو حق سکڻ چاهين ٿو تہ شيطان کان سک. جڏهن مالڪ سائين جي اڳيان جهڪيو تہ غير ڏي نگاھ ڪٿي بہ نہ ڏٺائين شاھ صاحب فرمايو آهي.

ڪتو ٿي گهار وجين در دوستن جي

ڪن وڏينئي ڪين ڪيچ پر ڪتائي پار

صباح ويندا شڪارمن نيئي گڏينئي پاڻ سين .

**نقل** (173) فقير رجب علي ميمڻ رهندڙ نوشهرو فيروز نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن هن مسڪين جي گهر تشريف فرما ٿيا، اتي حضور ۾ منهنجي سس عرض ڪيو تہ قبلا سائين اسان جي ڳئون تمام ڪٽر ۽ ڏنگي آهي ڪير اصل نہ ٿي ڏي، پاڻ فرمايائون تہ ڳئون جي ڪن ۾ منهنجا سلام ڏئي چئو تہ سائين چوي ٿو تہ " ڪير نہ ڏيندينءِ تہ قيامت جي ڏينهن توکي ظالم زميندار ڪمدار پوليس عملدار ۽ تپيدارن جي ٽولي سان گڏ جهنم ۾ موڪلبو " پوءِ سائين جن جي حڪم موجب ڳئون کي ڪن ۾ پيغام پهچايوسين، پوءِ ان ڳئون بنا ڦر ڏائڻ جي ڪير لاٿو ۽ تمام سياڻي ٿي پئي ٿانو ڪير ڏهڻ لاءِ هٿ ۾ کڻبو هو تہ اڳيئي ٿڻ ڪير سان ڀري ايندي هئي .

**اي عزيز:** جانورن کي بہ ادب ۽ سڃاڻپ پنهنجي مالڪ جي ۽ قيامت جو خوف آهي، نافرمان جن ۽ نافرمان انسانن کان سواءِ هر مخلوق پنهنجي مالڪ کي سڃاڻي ٿي .

**نقل** (174) فقير رجب علي ميمڻ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي حاضري نصيب ٿي پوءِ سائين جن کي عرض ڪيم تہ قبلا سائين مون گهرجي جاءِ نئين نهرائي آهي صبح کان صفر مهينو بيهندو ماڻهون چون ٿا تہ صفر مهيني ۾ لڏو نہ ڪڻ، پاڻ فرمايائون تہ ڀلي ٽيڙ کڻي پنهنجي جاءِ ۾ ويهہ صبح هجي شام هجي رات هجي ڏينهن هجي وڃين ويهہ پنهنجي گهر ٿو وڃين پرائي گهر ڪونہ ٿو وڃين .

**نقل** (175) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي لعل محمد وينل ڳوٺ ڪرم پور جو مون وٽ آيو ۽ مون کي چيائين تہ مون جو پائج چريو ٿي پيو آهي گهڻون علاج ڊاڪٽرن حڪيمن کان ۽

پيرن فقيرن کان دعائون ڪرايون آهن، مگر فائدو نہ ٿيو آهي مهرباني ڪري مون سان گڏجي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ هل، پوءِ ان شخص کي جيڪو زنجيرن ۾ ٻڌل هو ان کي وٺي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ پهتاسون ۽ سڄو احوال عرض ڪيوسون، پاڻ فرمايائون تہ منهنجي سامهون وهاريوس پوءِ ان چريي شخص جي نظر جڏهن سائين جي چهري مبارڪ تي پيئي تہ خاموش ٿي ويو، پاڻ فرمايائون تہ هيڏي ڏس، ان چريي ڪنڌ ڪڍي سائين جن ڏانهن ڏٺو ڪجهہ وقت ڏسي يڪدم سائين جن جي قدمن مبارڪن تي هٿ رکي ۽ هٿ مبارڪ کي چميو. سائين جن مرڪي ۽ هٿ ملايو پوءِ پاڻ ڪجهہ پڙهي ان تي ڦيٽو وڌائون ۽ هن ٻانهي کي مخاطب ٿي فرمايائون تہ ابا فقير حافظ محبوب هن کي نہ ڪنهن تعويذ وڌا آهن ۽ نہ وري ڪو جن اٿس، باقي نشو گهڻون ڪيو اٿس ان جي ڪري هن جي مغز جا طاق سڪي ويا آهن، پوءِ پاڻ دعائون ڏنائون ۽ فرمايائون تہ پنج پنج ڏينهن پيا ريوس ۽ هڪ تعويذ ڳچيءَ ۾ ٻڌي، پوءِ سائين جن جي دعا سان اهو شخص بلڪل نيڪ ٿي ويو .

**نقل** (176) فقير حافظ محبوب علي هاليپوٽو نقل ٿو ڪري تہ هن عاجز جي امڙ وصال ڪري وئي پوءِ ڪجهہ وقت کان بعد درگاهہ شريف تي حاضر ٿي حضور ۾ دعا جو عرض ڪيم تہ قبلا سائين امڙ جي لاءِ دعا گهرو ۽ ختمون قرآن شريف جو پڙهيو اٿم اهو بہ بخش ڪيو، پوءِ پاڻ انالله وانااليہ راجعون پڙهي دعا گهريائون، پهرين دعا جا الفاظ مبارڪ آهستي فرمايائون جيڪي ٻڌڻ ۾ نہ آيا، ۽ پڇاڙي دعا ۾ ڏاڍيان فرمايائون تہ منهنجا مولا هنن جي روزي رزق ۾ برڪت وجهہ ۽ پنهنجي امن ۽ پناهہ ۾ رک ۽ آخر دعا پوري ڪيائون، ان وقت مون کي دل ۾

خيال ٿيو تہ سائين پڇاڙي ۾ الفاظ مبارڪ ڏاڍيان چيا جيڪي اسان جي حق ۾ هئا، ۽ دعا جو پهريو حصوآهستي چيو اهو ڇو ۽ دعا تہ مون پنهنجي امڙ لاءِ گهرائي هئي دل ۾ خيال ڪيم تہ هي ڇا اسرار آهي، پوءِ جڏهن واپس ڳوٺ آيس ۽ اهو خيال ڪري سمهي پيس خواب ۾ ڏٺو تہ آئون پنهنجي امڙ جي قبر تي ويو آهيان ۽ اتي قرآن شريف پڙهان پيو ايتري ۾ ڏٺم تہ حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاهہ تشريف فرما ٿيا ۽ وڏي جماعت ساڻن گڏ آهي، پوءِ هن ٻانهي قدم بوسي ڪئي پاڻ مون کي ڇڪي سيني سان لاتائون ۽ ڪجهہ پڙهي دعا گهريائون ۽ ان کان بعد پاڻ تشريف فرما ٿي ويا. پوءِ آئون پنهنجي گهر آيس ڏٺم تہ امڙ گهر ۾ ويٺي آهي ان کان بعد سجاڳ ٿي پيس . پوءِ اها حقيقت مون فقير محمد رفيق سان ڪئي جيڪو سائين جن جي خدمت ۾ رهندو هو ان اها ساري حقيقت سندن حضور ۾ پيش ڪئي، پاڻ فرمايائون تہ حافظ محبوب جنهن وقت اسان کي دعا لاءِ عرض ڪيو هو اسان انهيءَ مهل وجي حافظ محبوب جي امڙ جي قبر تي دعا گهري هئي، حافظ سمجهيو تہ سائين جن فقط اسان جي حق ۾ دعا گهري هئي ۽ امڙ جي حق ۾ دعا نہ گهري ڇو تہ هن اهي الفاظ ٻڌائي ڪونہ هئا. پوءِ فرمايائون تہ الله جا پيارا ويٺا ڪٿي ڪٿي بہ هجن مگر هر جڳهہ تي پهچي سگهن ٿا. اسان هرهڪ فقير ننڍي توڙي وڏي سان سک توڙي ڏک ۾ گڏ آهيون. فقيرو دلگير نہ ٿيو. پوءِ فرمايائون تہ حافظ محبوب پنهنجي ماءُ کي وري گهر ۾ ويٺي ڏٺو آهي، سو جيڪو الله پاڪ جو ڇنل ٻانهون هوندو آهي انهن کي مرڻ کان پوءِ ڪابہ تڪليف نہ هوندي آهي ۽ انهن جا ارواح گهمندا وتندا آهن .

**نقل** (177) فقير رجب علي ميمڻ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاھ شريف تي حاضري نصيب ٿي پوءِ هي مسڪين ۽ سيد حسين شاھ رائيس ڪٺنال جي ڪپر تي وينا هئاسون. تہ پاڻ ڪريم رائيس ڪٺنال سان لڳ ڪوھ واري زمين تي وڃي رهيا هئا. پاڻ جڏهن اسان وٽ پهتا تہ السلام عليڪم چيائون اسان سندن قدم بوسي ڪئي پاڻ خوشطبعي ڪندي حسين شاھ کي فرمايائون تہ تون حسين شاھ آهين پر هي رجب فقير رجب شاھ اٿئي پوءِ اسان ٻئي سائين جن سان گڏ هلڻ لڳاسون. پوءِ مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين مهدي شاھ شاھ پور جهانيان وارو حقو بہ ڇڪيندو آهي نشو بہ ڪندو آهي شاعر بہ آهي سڳي بہ پائيندو آهي پاڻ فرمايائون تہ بدگمان نہ ڪر الله سائين انهن جي مٽ ۾ آهي اهو چئي مٺ بند ڪري هٿ مبارڪ کي بہ پيرا لوڏيائون .

**اي عزيز:** هي جهان مثال انداهيءِ رات جي آهي جنهن ۾ چڱن ۽ بڇڙن جو فرق گڏيو پيو آهي سڀ ڪنهن ۾ چڱو گمان رکڻ گهرجي ڇو تہ سياڻي پاڻ کي انهيءِ چڱي گمان جوئي فائدوملٺون آهي ۽ هن بيت موجب تہ .

هربيشہ گمان مبرکہ خالي است

شايــد کـــہ پــلنگ خفتہ باشد !!

سڀ ڪنهن جهنگ ۾ اهو خيال نہ ڪندو ڪر تہ خالي آهي متان ڪو شينهن لڪو پيو هجي .

**نقل** (178) فقير رجب علي ميمڻ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي هي عاجز ۽ فقير مير محمد عمراڻي درگاھ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ وينا هواسون تہ هڪ فقير اچي قدم بوسي ڪئي پاڻ ان وقت جلال ۾ اچي ڪري ان فقير کي فرمايائون تہ ڏاڙهي ڇو نہ ٿو وڌائين تمام ننيڙي نٿي

نهي هنن فقيرن کي ڏس ته ڪئين نهن تا ڏاڙهي پوري مٺ اٿن وار وڏا سهٽان ۽ پهراڻ اٿن توڪي ڪالر ڪتي جا ڪن آهن .

**نقل** (179) فقير رجب علي ميمڻ نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي درگاهه شريف تي هن مسڪين کي حاضري نصيب ٿي، آئون سندن حضور ۾ وينو هوس پاڻ مون کي مخاطب ٿي فرمايائون ته فقير لاهور کان هڪ رسالو نڪرندو آهي ان جو نالو آهي " الحڪيم " ان ۾ لکيل هو ته 25 ورهن جو پوڙهو 80 ورهن جو جوان ان حڪيم صاحب لکيو آهي ته سگريٽ چانهه پان ۽ نشي واريون شيون استعمال ڪرڻ وارا 25 ورهن جا به پوڙها آهن، ۽ پرهيزگار 80 ورهن جا به شادي ڪري سگهن ٿا جوانن کان به جوان آهن،

**نقل** (180) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سياري جي موسم هئي مون گهر ۾ باهه جو مچ ٻاري اتي ويني ذڪر شريف پڙهيم، جڏهن هڪ بجي جو ٽائم ٿيو ته ٻاهر ضروري حاجت جي خيال سان وڃين وري وضو ڪري آيس ته تهجد جا نفل ۽ صلوات قدسي پڙهان جڏهن نفل پڙهڻ لاءِ اٿيس ته ان باهه جي مچ ۾ ڪري پيس، ۽ از خود مون کان دانهن نڪري وئي ته " او مشورن وارا سائين پهچ نه ته مري ويندس " اها دانهن ڪيم ته بابا ننڍ مان سجاڳ ٿي پيو ۽ ڊوڙي اچي مون کي مٿي ڪيائين، ۽ چيائين ته بچا ٿيو آهي، مون چيو ته آئون سائين ميان سائين جي جهولي ۾ وينو آهيان، آئون نيڪ آهيان بابا جڏهن مون کي باهه مان ڪڍيو ته منهنجو ڪپڙو به سڙيل ڪونه هو، پوءِ ڏٺم ته بابا روئي به پيو ۽ چوي به پيو ته برابر تون سائين ميان سائين جي جهولي ۾ هيئن جو تنهنجو ڪپڙو به ڪونه سڙيو آهي، پوءِ ان وقت سمهي پيس خواب ۾ ڏٺم ته جينءَ آئون باهه ۾ ڪريو آهيان ته سائين جن هٿ وجهي مون کي

پنهنجي جهولي ۾ کڻي کنيو آهي..... ڇا باهه ۽ ڇا انسان آئون گهٽ ۾ گهٽ پنج منٽ اٽڻ لاءِ باهه ۾ ڦٽڪندو رهيس، عضون کان معذور هئڻ جي ڪري اٿي نه ٿي سگهيس.جڏهن بابا سهارو ڏنو ته پوءِ اٿيس اهي مالڪن جاڪرم نه ته سڙي خاڪ ٿي وڃان ها

**اي عزيز:** ڪامل مرشد جي نظر هر وقت مريد تي هوندي آهي، ۽ هر مشڪل وقت ۾ ان جي نگهباني ڪندو آهي. مريد توڙي هزار ڪوهه پري هجي پر مرشد مڪمل ان سان گڏ آهي ۽ هر حال ۾ هر هنڌ موجود آهي.

" بيت "

گڏيو ويني گڏ سڄڻ ساهه پساهه سان

ڪهڙا ڪرين سڏ ههڙن هيڪاندن کي !

**نقل** (181) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري ته هڪڙي فقير مون سان ڳالهه ڪئي ته اسان جي پاڙي ۾ اسان جي ذات وارا رهندا هئا. جيڪي چور ۽ ظالم هئا، ۽ اسان جي پوک ۾ مال ڇڏي ڏيندا هئا. ۽ چوندا هئا ته توهان واري پوک ۾ مزو آهي مال ڦري ڦري توهان واري پوک ۾ ٿو اچي، پوءِ اها دانهن سائين جن کي ڏني سون ۽ عرض ڪيوسون ته جيڪڏهن اجازت ملي ته لڏي وڃون. پاڻ فرمايائون ته بس ڪري ويهي رهو لڏي نه وڃو باقي هولڏي وڃن ته پلي لڏي وڃن. باقي ان تورڻ وقت توهان جي پوک ۾ ان گهٽون ٿيندو. پوءِ جيئن فرمايائون ايئن ٿيو پوک ٻه انهن جي پلي پر ان اسان جو گهٽون ٿيو .

**نقل** (182) فقير محمد صفر ماڇي نقل ٿو ڪري ته جڏهن حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاهه وصال ڪري ويا ته پوءِ هزارين خلق هئي جنهن سائين جن جو ديدار ٿي ڪيو. آئون به ان خيال سان وڃي حاضر ٿيس، فقيرن جي گهڻي هجوم جي ڪري مون کي ذڪو جو آيو ته وڃين

ديوار سان لڳس ۽ ڪري پيس، پوءِ ان وقت مون سائين جن کي عرض ڪيو تہ سائين مون کي زيارت بہ ڪرائي ۽ پنهنجي هٿن سان اچي اٿار، پوءِ ڏنم تہ سائين جن ظاهر ظهور آيا ۽ اچي مون کي اٿاريائون ۽ جتي ڏک لڳو هو اتي پنهنجو هٿ مبارڪ گهمايائون ۽ فرمايائون تہ اسان تو سان گڏ آهيون .

**اي عزيز:** ڪامل مرشد سدائين حيات آهي، ان تي موت ناهي پاڻ فرمايو اٿن تہ اسان جو طريقو اويسي آهي، ظاهري حياتي ۾ هيڪوڻ تي ۽ وصال کان پوءِ ڏهوڻ تي فيض ڏيندا آهيون...! جيڪو ڪامل مرشد فنافي الله ۽ بقابالله آهي ۽ حقيقت محمدي جو مظهر آهي، موت خودان جو غلام آهي، "" حديث شريف ۾ آهي ""

ان اولياءَ الله لايموتون بل ينتقلون من الدار الي الدار بيشڪ الله تعاليٰ جا ولي مرندا ناهن بلڪ هڪڙي گهر کان نڪري ٻي گهر ۾ اچي ويندا آهن . شاهہ صاحب فرمايو آهي ،

مرڻان اڳي جي مئاسي مري ٿين نہ ممات

هونداسي حيات جيئڻان اڳي جي جي ويا .

**نقل** (183) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي حاضر ٿي سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيم تہ قبلا سائين آئون بيمار آهيان ڪا مهرباني ڪريو پوءِ پاڻ هڪ دوا جو نسخو لکي ڏنائون ۽ ترتيب بہ سمجهايائون تہ دوا ناهي ڪاءَ تہ نيڪ ٿي ويندين، پوءِ جڏهن آئون گهر پهتس تہ پاڻ رات جو خواب ۾ ديدار جي مهرباني ڪيائون، ۽ فرمايائون تہ هلي اچ درگاهہ شريف تي سڄي رات ديدار جي مهرباني ڪيائون ٻي رات ۽ ٽي رات بہ ساڳي طرح ديدار جي مهرباني

تي ۽ فرمايائون تہ هاڻي سواچار ٿيا آهن هاڻي اسان وڃون ٿا. پوءِ صبح جو خبر پئي تہ سائين جن وصال ڪري ويا آهن. پوءِ جڏهن درگاهہ شريف تي آيس ۽ سائين منير احمد جن کي اها حقيقت پيش ڪيم تہ پاڻ فرمايائون تہ واقعي سائين جن جو وصال صبح جو سواچار بجي ٿيو آهي.

**نقل** (184) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري تہ هڪ فقير مون کي هي نقل ٻڌايو تہ اسان جي علائقي ۾ هڪڙو ڏاڙيل پيدا ٿيو جنهن فقيرن کي اچي ڏاڍو تنگ ڪيو. فقير ويچارا مسڪين هيا. انهن فقيرن وٽ سائين جن دعوت تي تشريف فرما ٿيا. پوءِ فقيرن گڏجي حضور ۾ اها ساري حقيقت عرض ڪئي تہ قبلا سائين ڏاڙيل اسان کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. پوءِ پاڻ ڪريمن جڏهن تقرير مبارڪ فرمائي تہ انهيءَ ڏاڙيل جو نالو ڪٺي فرمايائون تہ تو هڪڙي مومن جي دل ڏکائي ڄڻ ڪعبتہ الله شريف کي شهيد ڪيو. فقيرن کي تنگ نہ ڪر نہ تہ پاڻ هوندين ٿي ڪونہ ياد رک .... پوءِ اهو ڏاڙيل هفتي اندر مارجي ويو جنهن جو لاش ٽن ڏينهن کان پوءِ هٿ آيو جيڪو بدبو ڪري ويو هو .

**اي عزيز:** جنهن شخص ڪنهن مومن جي دل ڏکائي انهيءَ ڄڻ الله ڪعبتہ الله شريف کي بيهي پنهنجي هٿن سان شهيد ڪيو. ڇو تہ مومن ٻانهي جو قلب الله جل شانہ جو گهر آهي.

جوڙي قلب بيت ربي انسان ۾ سمايو
ڏسي ذات کي صفات ۾ ملڪن ٿي سرنوايو.

بيت فارسي

دل بدست آور کہ حج اکبر است
از ڪعبہ هزار ان يک دل بهتر است

کعبہ بنگاھ خليل آذر است
دل گذر گاھ جليل اکبر است.

ترجمو: جنهن دل ۾ الله جل شانہ جو گهر آهي، اها دل هٿ ڪر، ڇو تہ هزارن ڪعبن کان اها هڪ دل بهتر آهي، ڪعبتہ الله شريف آذر واري خليل جو ناهيل آهي ۽ دل تہ الله جل شانہ جي گذر گاھ آهي .

**نقل** (185) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ ڪو الله جو ٻانهون هڪڙي وڻ جي هيٺان ويهي عبادت ۾ مشغول هوندو هو، ان جي گهر واري کي خيال ٿيو تہ اڄ وڃين مڙس کي ڪٿيءَ جو وڏو وٽو پوري ڪري ڏئي اچان، جڏهن مائي اتي پهتي تہ مڙس چيس تہ آئون نہ ٿو کاوان درياءَ جي هن طرف هڪڙو فقير وينو اٿئي ان کي وڃين ڏي تہ کائي، مائي عرض ڪيو تہ درياءَ وهي ٿو مان ڪيئن وڃان، تنهن تي مڙس چيس تہ درياءَ کي منهنجا سلام ڏج تہ اهو مڙس سلام ٿو چوئي جيڪو ساري حياتي پنهنجي گهر واري سان مليو ناهي، جڏهن درياءَ تي پهتي ۽ درياءَ کي سلام ڏنائين تہ درياءَ سڪي ويو ۽ هن کي واٽ ملي وئي درياءَ ٽپي وڃين ان فقير کي ڏنائين فقير کائي جڏهن ڍئو ڪيو، تڏهن مائي فقير کي چيو تہ اڳي ان جوان مون کي درياءَ پارڪرايو هاڻي آئون ڪيئن وڃان، فقير چيس تہ درياءَ کي منهنجا سلام ڏج ۽ چئج تہ ان شخص تون کي سلام چيا آهن، جنهن سڄي حياتي ۾ ڪجهہ ڪونہ کاڌو آهي، مائي جڏهن درياءَ کي اچي سلام ڏنا تہ درياءَ سڪي ويو ۽ اچي مڙس وٽ پهتي، ۽ مڙس کي چيائين تہ تون مون سان سڄي حياتي مليو آهين پار پچا ٿيا آهن ۽ چوين ٿو تہ سڄي حياتي نہ مليو آهيان، ۽ هن فقير منهنجي روبرو ڪٿيءَ جو پريل وٽو کاڌو ۽ چوي پيو تہ مون سڄي حياتي

ڪونہ ڪاڏو آهي ۽ اوهان جي چوڻ تي درياءَ بہ سڪي ويو اهو ڇا اسرار آهي، مڙس چيس تہ آئون جيڪو توسان مليو آهيان اهو فقط محبوبن جي سنت خاطر مليو آهيان ۽ نفس جي ڪري نہ ۽ درياءِ جي هن طرف فقير بہ سنت خاطرڪائيندو آهي ۽ نفس جي خاطر نہ

**نقل** (186) فقير اصغر علي جمالي رهندڙ چودگي لڳ دادو جو نقل ٿو ڪري تہ 1995ع ۾ اسان وٽ وڏي ٻوڏ آئي جنهن ۾ ماڻهون مال مري ويا ۽ ڪي سربچائي گهر ڇڏي هليا ويا. اسان جي ڳوٺ ۾ فقط اسان ٻہ ڀائر ۽ امڙ رهياسون امڙ چيو تہ آئون اوهان کي ڇڏي ڪونہ ويندس، مون کي سائين ميان سائين بادشاهن تي پڪ آهي اسان کي ڪونہ ٻوڙيندو. پوءِ رات پئي تہ جيڏانهن ڪٿي نهاريون تہ پاڻي ئي پاڻي پيو نظر اچي، سڀ ماڻهون نڪري ويا بس اسان سائين جن کي ياد ڪريو ويٺا هئاسين، هر ڪوڪلاڪ ڪلاڪ چوڪي پيو ڏي تہ متان پاڻي گهرن اندر گهڙي اچي، جڏهن منهنجي امڙ جو وارو آيو تہ ڪوٺ ڪان ٻاهر نڪري وڃين ويهي رهي، ڪو وقت گذريو تہ اچي خوشبوءِ ٿي ۽ سڄو ملڪ روشن ٿي ويو ۽ ٿوري دير ٿي تہ گهوگهٽ ٿيو جينءِ هوائي جهاز جو ٿيندو آهي، خبر تڏهن پئي جو امڙ جي اڳيان ٿوري پنڌ تي ٻہ صورتون اچي لٿيون، ڏنائين تہ هڪ سائين ميان سائين بادشاهہ آهن ۽ ٻي صورت نہ سڃاتائين، سائين جن منهن مبارڪ تان نقاب مٿي ڪيو ۽ هٿ مبارڪ ۾ عصا مبارڪ هيئن، عصا مبارڪ کي جيڏانهن پيو ڪري تہ پاڻي اوڏانهن هليو پيو وڃي، ۽ پاڻ پيو فرمائي تہ اسان جي فقيرن جا گهرڙا اٿئي پاسو ونيو وڃ، پوءِ پاڻ دعا جي مهرباني ڪيائون ۽ دل جاءِ بہ ڏنائون پوءِ عصا مبارڪ کي اتر طرف ڪري اڏامي هليا ويا. پوءِ امڙ اچي اسان سان اهو

احوال ڪيو ۽ ڪلاڪ سوا مس گذريو تہ پاڻي بہ لهي ويو ۽ اسان جو ذرو بہ نقصان ڪونہ ٿيو .

**نقل** (187) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي هن مسڪين جي درگاهہ شريف تي حاضري ٿي، رات جي وقت پهتس سائين جن جي قدم بوسي بہ ڪانہ ڪيم ۽ ننگر جي پيچا بہ ڪانہ ڪيم بک بہ ڏاڍي لڳي هئي دل ۾ خيال ڪيم تہ مالڪ جو در آهي اسان بکين کي پاڻهي ڪارائندو بس اهو خيال ڪري مسجد ۾ سمهي پيس، اجان ڪلاڪ سوامس گذريو تہ فقير محمد رفيق هاليپوٽو آيو جنهن اچي مون کي ننڊ مان اٿاريو تہ سائين جن توکي ياد ڪري رهيا آهن، خيال ڪيم تہ هاڻي وڃين ٿو قدم بوسي ڪريان، جڏهن سائين جن جي حجري شريف ۾ پهتس تہ پاڻ ڪريم ننگر تناول فرمائي رهيا هئا، آئون بہ ماٺ ڪري ويهي رهيس پاڻ بہ ٽي گراهہ ننگر جا کائي باقي سموو ننگر مون کي ڏنائون ۽ فرمايائون تہ فقير بکيو آهي ۽ فقير کي ڏيو تہ کائي، دل ۾ خيال ڪيم تہ واهہ مشورن وارا سائين تنهنجي ٻاجهہ ۽ شفقت جو اسان جهڙن مسڪينن کي کارائين ٿو، پوءِ پاڻ خاص مهرباني ڪري مون کي پنهنجي هٿن مبارڪن سان خرچي لاءِ پئسا بہ ڏنائون جي مون وٽ اجان تائين محفوظ آهن.

**اي عزيز:** اها سندن ٻاجهہ ۽ شفقت مسڪينن تي هونديٰ هئي ۽ اها ڪامل مربي جي حقيقت آهي جو بکين کي کارائي ۽ عيبدارن ۽ اگهارن جا عيب ڍڪي ۽ گنهگارن کي شفقت ۽ ٻاجهہ جا ڀاڪرپائي، اها مالڪ جي ستاري صفت آهي جو ٻانهن جا عيب ڏسي وريو ڍڪي ڇڏي.

" شاهہ صاحب فرمايو آهي "

بيت

جيڪي ڏڏن ڏي ڳجائي ڳجهه ۾
سوجي سڻن ڪڌهن ڪرت وارا ڪي
تہ ساز مڙوئي سي هوند پٿون ڪن پلڪ ۾ .

**نقل** (188) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري تہ اسان جي پاڙي ۾ سائين جا فقير رهندا هئا. جيڪي تمام مسڪين هيا انهن جو گذر سفر کير تي هوندو هو کير کپائي گذر ڪندا هئا. کير وٽڻ وارو فقيرن کي چوندو هو تہ توهان کير ۾ پاڻي ٿا وجهو. فقير هر روز سائين جن کي عرض ڪندا هئا تہ مالڪ سائين تون ڏسين ٿو اسان مسڪينيءِ جي ڪري کير ۾ پاڻي ٿا وجهون، تون ڍڪڻ هار آهين تون ڍڪجان. کير واري چيو تہ مان سياڻي سئي ڪٺي ايندس، کير کي چيڪ ڪندس توهان فقيرن جي خبر پئجي ويندي، پوءِ ٻي ڏهاڙي جڏهن کير چيڪ ڪيائين ۽ چيائين تہ توهان جو کير صاف آهي باقي ٻين جا جيڪي بہ کير ڏٺم تہ انهن ۾ پاڻي هيو. پوءِ رات جو فقير خواب ڏٺو تہ جڏهن کير واري کير ۾ سئي وڌي تہ ڏٺم تہ سائين ميان سائين بادشاهہ سوئي کي هيٺئون هٿ ڏيو بيٺا آهن. عرض ڪيم تہ سائين اهو ڇا ٿا ڪريو تہ پاڻ فرمايائون تہ اسان اگهاڙن تي ڍڪ ڏيندا آهيون اسان جو ڪم آهي عيب ڍڪڻ . " سبحان الله "

**اي عزيز:** ڪامل مرشد ۾ ستاري صفت موجود آهي. جيئن الله جلّ شانہ جو شان ستارالعيوب ۽ غفارالذنوب آهي جيڪو ٻانهن جا عيب ڏسيو ۽ ڍڪيو ڇڏي ۽ قيامت جي ڏينهن بہ اها صفت موجود هوندي، اهڙي طرح ڪامل مربي مرشد جي بہ ساڳي حقيقت آهي ڇو تہ رب العزت ۾ فنائيت

ڪان پوءِ ان جي صفتن ۾ بہ فنائيت حاصل ٿير پوي جيڪڏهن تون پير ڪامل جي حقيقت ڪان بي خبر آهين تہ تون مرده جي مثال آهين .

مولانا جلال الدين رومي فرمايو آهي .

کيست ڪافر = غافل از ايمان شيخ

کيست مرده = بي خبر از جان شيخ

ڪافر ڪير آهي ڪافر اهو آهي جيڪو پنهنجي مرشد ڪريم تي ايمان ڪامل نٿو رکي، مرده ڪير آهي مرده اهو آهي جيڪو پنهنجي مرشد جي حقيقت ۽ معرفت ڪان بي خبر آهي .

**نقل** (189) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين ميان سائين جن فرمايو تہ بينظير ۽ نواز شريف دنياجي ڪرسي تي وڙهي رهيا آهن، پر جي خبر پوي تہ تڏي جي بادشاهي ۾ ڪهڙو مزو آهي تہ هي اسان فقيرن جو تڏو مبارڪ بہ ڪٿي وجن، پوءِ هڪڙي فقير عرض ڪيو تہ سائين تڏي جي بادشاهي ۾ ڪهڙو مزو آهي، پاڻ فرمايائون تہ هن تڏي جي هيٺئون هيرن لعلن جو وڏو درياءَ وهي ٿو، فقيرن عرض ڪيو تہ سائين اسان کي بہ ڏيکار تہ ڏسون . سائين جن فرمايو تہ ترهان فقير واعدو ڪيو تہ نہ ڪڻندا، فقيرن عرض ڪيو تہ سائين اسان ڇا ڪنداسين اسان جي لاءِ مالڪ تون ڪوڙ آهين، پوءِ هڪڙو پاسو تڏي جو مٿي ڪيائون تہ هڪڙو وڏو درياءِ هيرن جواهرن جو وهندي ڏسڻ ۾ آيو هي اکين ڏٺي ڳالهہ آهي خواب ناهي .

**اي عزيز:** اسان جا مربي مرشد ڪريم مشوري شريف وارا سائين فرمائيندا هوا، تہ حڪومت جي ڪرسي جو نشو شراب جي نشي ڪان بہ خراب آهي ............

دنيا جو طالب اهڙو آهي جهڙو سمنڊ جي پاڻي پيڻ وارا جو جيترو وڌيڪ پيئندو اوترو وڌيڪ اڃ لڳندس ۽ اوترو ئي پئندو جو مري ويندو ته به سندس اڃ نه لهندي مديني شريف جي شهنشاهه حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي، " الدنيا ملعونة ملعون مافيها الاذكرالله وما والاه " دنيا پاڻ لعنت ڪيل آهي ۽ جيڪي منجهس آهي اهو سڀ لعنت ڪيل آهي، سواءِ ذڪر الله جي ۽ جيڪي ان کي مدد ڪري

**نقل** (190) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي اسان جي ڳوٺ جي پاڙي وارن جي چوري ٿي وئي، پاڙي وارن چيو ته توهان فقيرن اسان جو سامان چورايو آهي، اسان مسڪين اڃي ڦاٿاسين ته هاڻي ڇا ڪيو هو وڏيرا ماڻهو ۽ اسان فقير ماڻهر هر اسان کان پرائي سگهن پيا پر اسان ۾ پرڻ جيتري وصيت به ڪانه هئي، پوءِ مون دل ۾ خيال هلايو ته سائين تون اڄ اسان جي مالڪي نٿو ڪرين ته اسان جو به حال پورو آهي، پوءِ رات جو سمهي رهيس پاڻ خواب ۾ ديدار جي مهرباني ڪيائون ۽ سامان چوري ٿيل هٿ مبارڪ ۾ هين کنيو آيا، اڃي منهنجي والد کي ڏنائون ۽ فرمايائون ته وٺ فقير رات دانهون پيو ڪري، پوءِ صبح جو سوير چورن اڃي منهنجي والد کي چوري ٿيل سامان ڏنو ۽ چيائون ته اسان کي خوار نه ڪج، پوءِ مالڪن جا شڪرانا ڪيم ته واهه مالڪ سائين تنهنجي مهرباني جو هن مصيبت کان ڇڏائيئي .

**نقل** (191) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي هڪ فقير مون سان ريل گاڏي ۾ مليو، ۽ گفتگو ڪندي چيائين ته آئون ڄامشوري ۾ رهندو آهيان ، پوءِ مون کي خيال ٿيو ته آئون مشورن واري سائين جو فقير ٿيان، پوءِ درگاهه شريف تي آيس ۽ حضرت قبلا سائين ميان سائين

بادشاهن ذڪر شريف جي مهرباني فرمائي، پوءِ آئون پنهنجي ڳوٺ ڄامشوري هليو آيس. هڪ مهينو گذريو تہ هڪ عورت هئي جنهن سان مون کي محبت هئي دل ۾ خيال ڪيم تہ ان سان ملي اچان، جڏهن ان گليءَ ۾ پهتس تہ ڏٺم تہ سائين ميان سائين جن بيٺا آهن، مون جڏهن سائين جن کي ڏٺو تہ مون کي شرم اچي ويو تہ مرشد سامهون بيٺو آهي آئون ڪينءَ وڃان پوءِ موٽي گهر آيس، وري ٻي رات وڃڻ ٿيو ڏسان تہ سائين جن دروازي تي بيٺا آهن، اڳتي وڃڻ جي طاقت نہ ٿي واپس موٽي گهر آيس، وري ٽي رات خيال ڪيم تہ اڄ جيڪڏهن سائين جن هوندا تہ بہ مان ضرور ويندس، جڏهن دروازي تي پهتس تہ ڏٺم تہ سائين ميان سائين جن بيٺا آهن، ۽ عصا مبارڪ هٿ ۾ اٿن جڏهن اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيم تہ پاڻ مون کي هڪل ڏنائون تہ اڳتي وڌڻ جي نہ ڪر مون سمجهيو تہ سائين رهي ٿو درگاهہ شريف تي هي فقط منهنجي دل جو خيال آهي، ان ڪان پوءِ ٽي چار قدم اڳتي وڌيس تہ پاڻ جلال ۾ اچي مون کي هڪل ڏنائون، ان هڪل ۾ ايڏي دهشت ۽ اثر هيو جو مون سمجهيو تہ آسمان ۽ زمين مالڪن جي خوف ۽ دهشت مان لرزي پئي، خيال ڪيم تہ جيڪڏهن واپس نہ ٿو موٽان تہ آسمان ۽ زمين اجهوٽا ڊهن پوءِ آئون بيوس ٿي موٽي آيس... هفتي ڪان بعد درگاهہ شريف تي حاضري نصيب ٿي جمع جو ڏينهن هيو پاڻ ڪريسن تقرير مبارڪ ڪندي فرمايائون تہ " ڪي فقير اهڙا آهن جو اسان کي چوڪي تي ڏيئي پوي .

**اي عزيز:** ڪامل مرشد مريد سان هر وقت ۽ هر حال ۾ گڏ هوندو آهي، پاڻ فرمايو اٿن تہ توهان پنج وقت نماز ۽ چارتسبيحون ذڪر جون پڙهو، توهان جي ايمان جا اسان ضامن آهيون ڳڻتي نہ ڪر توهان سان دنيا ۾ بہ گڏ مرڻ وقت بہ گڏ قبر ۾ قيامت ۾ بہ گڏ هونداسين منڪر نڪير کي

طاقت ناهي جو توهان کي منجهائي سگهن، انهن جي سوالن کي بہ اسان پاڻ جواب ڏينداسين .

" بيت فارسي "

نماند بعصيان کسي در گروه

کہ دا زد چنين سيد پيش روءِ

جيڪڏهن اهڙو سردار مهندار هوندو تہ ڪوئي شخص گناهن ۾ گرفتار نہ ٿيندو .

**نقل** (192) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تيَ سائين جن جي حضور ۾ وينو هوس تہ هڪڙا چار فقير حضور ۾ آيا ۽ قدم بوسي ڪري عرض ڪيائون تہ قبلا سائين چورن اسان کي ڏاڍو تنگ ڪيو آهي، اجان ٽي چار ڏينهن مس ٿا گذرن تہ وري چور ٿا اچن، ڏينهن جو ڪم ٿا ڪريون ۽ رات جو چوڪي ٿا ڏيون هاڻي جيڪا سائين جن جي مرضي اسان غريب ڇا ڪريون، پاڻ فرمايائون تہ جيڪو ڪتابن جي ڳالهہ نہ سمجهي تہ ان کي پادر هڻو، پوءِ فرمايائون تہ بندوق اٿو، عرض ڪيائون تہ هائو سائين، پوءِ پان پنهنجي سيني مبارڪ تي هٿ مبارڪ هڻي فرمايائون تہ چور اچن تہ هڻي ماري وجهو مان وينو آهيان توهان کي تورو بہ ڏک ڏئي نہ سگهندا. سائين جن جي نگاهہ مبارڪ سان وري چور فقيرن جي درتي ڪو نہ آيا .

**نقل** (193) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي آئون فقيرن وٽ رات رهيل هوس، پوءِ پاڻ خواب ۾ فرمايائون تہ پنهنجي گهر اچ عرض ڪيم تہ هائو سائين، پوءِ آئون صبح جو سوير گهر پهتس شام جو پنهنجي بنيءِ تان گهمين جڏهن گهر پهتس تہ دروازي تي نانگ بيٺو

هو جنهن مون کي ڏنگ هنيو دل ۾ خيال ڪيم ته ايتري لاءِ مون کي سائين چوي پيو ته گهر اچ، هاڻي مان علاج به ڪونه ڪرائيندس، مون کي ماڻهن چيو ته علاج ڪرائي نه ته نقصان ٿيندئي، مون چيو ته مشورن وارو سائين ويٺو آهي پناهه ڏيندو. رات جو نماز پڙهي سائين کي ياد ڪري سمهي پيس، رات جو سائين جن ديدار جي مهرباني ڪئي ڏنم ته پاڻ ڏاڍو مسڪرائين پيا. ۽ فرمائن پيا ته صبح جو سويل اسپتال وڃجان، پوءِ صبح جو اسپتال ويس اتي ڊاڪٽرن رت چڪاس ڪري چيو ته تونکي ڪجهه به ڪونهي تون ٺيڪ آهين، پر تنهنجو مرشد مشورن وارو سائين تو سان گڏ آهي، باقي نانگ ڪاڏل ماڻهون نند ڪندو ته زهر مغز تي چڙهي ويندس ۽ نقصان ڪري وجهندس .

**نقل** (194) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سائين جن پنهنجي حجري شريف ۾ وينا هوا. ۽ پاڻ ان وقت سرمون پيا پائين اتي هڪڙي فقير عرض ڪيو ته قبلا سائين مون کي پٽ ڏيو پاڻ فرمايائون ته توکي پٽ ڪونه آهي ڇا. فقير عرض ڪيو ته سائين هڪڙو پٽ آهي ۽ ٻيو به ڏيو، پوءِ سائين جن فرمايو ته چڱو توکي پٽ ڏنم، پوءِ جنهن سرائي سان پاڻ سرمون پائن پيا اها سرائي پاڻ دن جي پاسي رکي فرمايائون ته هن سرائي جو نشان هوندس ته جئجو ته ميان سائين ڏنو آهي نه ته ڪنهن ٻي ڏنو آهي، پوءِ اهو فقير گهر آيو ۽ ڪنهن سان اها ڳالهه ڪانه ڪيائين، ڪجهه وقت کان پوءِ فقير جي گهر پٽ ڄائو جنهن کي ظاهر ظهور اهو نشان دن تي هيو جيڪو سائين ميان سائين بادشاهن فرمايو هو، پوءِ ڪجهه وقت کان پوءِ ان ڇوڪري کي جڏهن درگاهه شريف تي سائين جي حضور ۾ ڪٺي آيو، ته پاڻ ڏسي خوشطبعي ڪندي

فرمايائون تہ هي ڇوڪرو تنهنجو آهي ۽ هو ڇوڪرو تنهنجي گهر واري جو آهي، .

**نقل** (195) فقير مينهن وسايو خاصخيلي رهندڙ نئين جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي رات جو خواب ۾ ڏٺم تہ آئون مري ويو آهيان. پوءِ جڏهن مون کي قبر ۾ دفن ڪري ويا تہ ان وقت مونکي ڪجهہ خوف محسوس ٿيو پوءِ ڏٺم تہ سائين ميان سائين بادشاهہ تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون تہ"اهو تصور ٿي نہ ڪر تہ قبر ۾ آهين" پوءِ سائين جن جي مهرباني سان اهو خوف ختم ٿي ويو ۽ دل کي ڏاڍي خوشيءِ فرحت حاصل ٿي پئي، ان کان بعد سجاڳ ٿي پيس .

**اي عزيز:** حضرت مرشد ڪريمن جو فرمان مبارڪ آهي تہ اسان پنهنجي فقيرن سان دنيا ۽ آخرت ۽ قبر ۾ بہ گڏ هونداسين. ۽ قبر جو توهان ڀئو نہ ڪريو. قبر ۾ توهان ائين محسوس ڪندا تہ وڏي ڪنهن باغ بنگلي ۾ آهيون. ۽ منڪر نڪير جو بہ توهان خوف نہ ڪريو .

بيت

گڏيو وينئي گڏ سڄڻ ساهہ پساهہ سان

ڪهڙا ڪرين سڏ ههڙن هيڪاندن کي !

**نقل** (196) هڪ دفعي درگاهہ شريف تي هي ٻانهون سائين جن جي حضور ۾ موجود هو. پاڻ فرمايائون تہ ٽن ڪمن کان پاڻ کي روڪجو. هڪ ڇوڪرن جي صحبت کان. ٻيو عورتن جي صحبت کان. ۽ ٽيو دنيا جي حرص ۽ محبت کان پاڻ کي بچائجو اهي ٽئي ڪم خطري کان خالي نہ آهن. پوءِ فرمايائون تہ پاڻ ۾ گڏجي ذڪر شريف ڪندا رهو. ۽ ٻيو جتي بہ هجو صورت پنهنجي مرشد ڪريم جي خيال ۾ رکو. جيترو پنهنجي

مرشد جي صورت خيال ۾ رکندا اوتروئي اوهان جو روح منزل تي چڙهندو. سيني اوليائن جو ادب ڪندا وجو ايئن سمجهو تہ جا امانت اسان جي سيني ۾ آهي، اهائي امانت انهن جي سيني ۾ موجود آهي .

**اي عزيز:** مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ ٿي آهي، جيڪا طالب موليٰ کي مٿينءَ منزل تي پهچائي ٿي، انهيءِ صورت مبارڪ جي فنائيت حاصل ٿيڻ کان سواءِ حقيقت کي پهچڻ مشڪل آهي، ڪامل مرشد جي صورت مبارڪ جو تصور طالب جي لاءِ آبحيات آهي، ۽ صورت مبارڪ جو هڪ گهڙي جو تصور ڪرڻ هزارن سالن جي بي ريا عبادت ڪرڻ کان افضل آهي، مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ ۾ فنائيت حاصل ڪرڻ کان پوءِ جنهن بہ اولياءَ الله جي مزار تي توهان ويندا تہ اتي صورت مبارڪ توهان کي پنهنجي مرشد ڪريم جي ڏسڻ ۾ ايندي ڇو تہ باطن سڀ جو هڪ آهي .

**نقل** (197) فقير ميانداد برڙو نقل ٿو ڪري تہ سائين جن جي وصال کان پوءِ بارهن ربيع الاوّل جي موقعي تي درگاهہ شريف تي حاضري نصيب ٿي، صبح جي وقت خيال ڪيم تہ سائين منو سائين جي اوطاق تي ڇانهہ پي اچان پوءِ جڏهن اتي پهتس تہ ڏٺم تہ سائين جن اتي ڪرسي مبارڪ تي ويٺا آهن، پوءِ پاڻ مون ڏي نگاهہ مبارڪ فرمائي هڪ آڱر مبارڪ مٿي ڪيائون تہ مون کي ڇانهہ ملي ان کان بعد بہ فقير آيا تہ پاڻ وري بہ آڱريون هٿي ڪيائون تہ انهن کي بہ ڇانهہ ملي. ان کانپوءِ مون کي پنجاهہ روپيہ خرچي بہ ڏنائون.

**نقل** (198) فقير گل حسن مشوري رهندڙ منياٽي جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ ويٺو هوس تہ هڪ شخص حضور قدس ۾ آيو، قدم بوسي ڪري عرض ڪيائين تہ قبلا

سائين مال ۾ بيماري پئي آهي، دعا جي مهرباني ڪريو، پاڻ فرمايائون تہ ڪير ٿو چوي تہ بيماري آهي، اهي اسان جا عمل آهن جيڪي انهن تي پون ٿا .

**نقل** (199) پيارو فقير خاصخيلي نقل ٿو ڪري تہ حضرت مرشد ڪريم سائين بادشاهن جي وصال کان پوءِ هڪ جمع تي سائين جن تقرير مبارڪ ۾ فرمايو تہ جيئن ظاهر ۾ سائين بادشاهہ مون سان گڏ هوندا هيا، تيئن اڄ بہ باطن ۾ مون سان گڏ آهن، ۽ جيئن فرمائيندا هيا تہ اڄ هي خطبو پڙهجان ۽ اڄ هي خطبو پڙهجان، تنهن وانگر اڄ بہ سندن امر سان خطبو پڙهندو آهيان، ۽ جماعت لاءِ فرمائيندا هيا تہ اڄ جماعت ڪيتري ايندي ۽ ننگر ڪيترو ڪجو ۽ ديڳيون ڪيتريون لاهجو، ۽ اڄ بہ باطن ۾ ايئن فرمائن ٿا، ۽ هڪ ڪلاڪ بہ مونکان جدا نہ آهن، پر ظاهري اکين جو مزو ويو آهي، ۽ جيڪا جماعت روضي پاڪ تي ديدار لاءِ اچي ٿي انهن کي پاڻ جيئن هٿ مبارڪ سان ڪيڪاريندا هيا، اڄ بہ مزار شريف تي وينا آهن ۽ جماعت کي ايئن هٿ مبارڪ سان ڪيڪارين ٿا، اهو ساڳيو ئي سلسلو جيئن ظاهر ۾ هوتيئن باطن ۾ بہ آهي .

**نقل** (200) فقير عبدالرحمان سيال سيتا جو رهندڙ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي ڪي ظالم ماڻهون هئا جن منهنجي زمين تي قبضو ڪيو، پوءِ آئون درگاهہ شريف تي حاضر ٿي حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاهہ کي حضور ۾ اهو عرض ڪيو، پاڻ دعا گهريائون ۽ فرمايائون تہ خير ٿي ويندو، پوءِ آئون موٽي ڳوٺ آيس ۽ ڏٺم تہ اهي ظالم ماڻهون زمين تي ڦرن پيا ۽ مون کي چيائون تہ اسان کي پئسا ڏي تہ زمين تنهنجي آهي، جي نہ تہ اسان زمين اباد ڪرڻ نہ ڇڏينداسين، دل ۾ خيال ڪيم تہ سائين جن فرمايو تہ خير ٿي ويندو پر هي ظالم تہ مون کي ڌمڪيون پيا ڏين،

پوءِ هڪ رات خواب ڏٺم تہ سائين ميان سائين بادشاھ ان ڪيڙي تيل زمين تي مصلو وڇائي نماز پڙهن پيا. پوءِ آئون بہ وڃي حضور ۾ حاضر ٿيس. ۽ عرض ڪيم تہ قبلا سائين مسجد ڳوٺ ۾ آهي. سائين جن هتي ڪيڙيءَ ۾ نماز پڙهن ٿا. پاڻ فرمايائون تہ اسان ظالمن کي ختم ڪري توکي زمين ڏيڻ آيا آهيون. پوءِ آئون سجاڳ ٿي پيس.ٿورن ڏينهن کان بعد اهي ظالم ماڻهون پاڻ ۾ وڙهي پيا ۽ هڪ ٻي کي ماري وڌائون .

**نقل** (201) هڪ دفعي بادھ جي طرف جا مشوري ذات جا ڪي شخص حضور ۾ آيا ۽ اچي سائين جن جي قدم بوسي ڪيائون. پاڻ انهن کان پڇيا ڪيائون تہ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي. انهن عرض ڪيو تہ سائين رمضان مشوري ڪان سنگ ورتو آهي ان جو نڪاح ڪرڻ آيا آهيون. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ سنگ ڏيندو آ وڏو. شادي ڪرائي ويندئو يا صرف نڪاح. پوءِ انهن عرض ڪيو تہ سائين سنگ ڏيندو آ صرف نڪاح وڃهي ويندا سين پاڻ فرمايائون تہ پئسن تي ورتو آهي ڇا. پوءِ انهن عرض ڪيو تہ هائو سائين 34000 چوٽيھ هزارن ۾ سنگ ورتو آهي. پاڻ فرمايائون تہ افسوس آ. اهو نياڻين جو پئسو حرام آ. اهو اسان جي شيخن پائرن ۾ گهٽون فرض آ. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ نياڻي جو پئسو ايئن حرام آ جو لوڻ مٽي تي روزيءَ جي پوريان ڍڪندو پر نہ وني سگهندو. پوءِ پاڻ فرمايائون ڇئن ڪمن جو پئسو حرام ۽ برڪت نہ اٿس. هڪ نياڻي ٻيو ڪتي جو ٽيون رنڊيءَ جو.چوٿون رشوت جو. اهي حرام آهن خدا پناھ ڏي .

**نقل** (202) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ هيڪر سائين بادشاھ ٻپهري نماز پڙهي طالبن کي سبق تي ڏنو. ان وقت سيد وزير حسين شاھ حضور ۾ عرض ڪيو تہ قبلا سائين ڪڙيئي وارا بزرگ خليفو حضرت محسود عليہ الرحمت. جي احوال مطابق ڪفر حقيقي ۽ اسلام حقيقي ڇا آهي.

پاڻ فرمايائون تہ ڪفر حقيقي اها منزل آهي، جو اهو ماڻهون نہ نماز پڙهي سگهي نہ ماني کائي سگهي، يعني مجذوبن وانگي.....
۽ اسلام حقيقي اهو آهي، جو جڏهن خليفو محمود عليہ رحمت وچ ڪفر حقيقي ۾ پهتو تہ پير سائين خليفي کي پنهنجي چادر مبارڪ ڏينس پيا، تہ خليفو نہ پيو وٺي ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين اسين لئا وٺڻ ڪونہ تا اچون بي مهرباني ٿئي، پوءِ پير سائين جن فرمايو تہ هيءَ چادر اسلام حقيقي واري آهي وٺ، پاڻ خليفي کي ڪفر حقيقي کان ڪڍي اسلام حقيقي ڏي داخل فرمايائون . پوءِ پير سائين جن فرمايو تہ جي منصور اسان جي وقت ۾ هجي ها تہ انهيءَ منزل کان ڪڍي توڙ پهچايونس ها.
**نقل** (203) فقير غلام محمد آرائين سيتا روڊ جو رهندڙ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي هي ٻانهون درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ حاضر هو، پاڻ ارشاد فرمايائون تہ مرشد ڪريم جي صورت مبارڪ جو تصور هڪ گهڙي بہ آڻيندئو تہ اهو پنج سؤ سال بي ريا عبادت کان وڌيڪ افضل آهي، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسان جي درگاهہ شريف جي ٻهاريدار جو شان دنيا جي بادشاهن کان بہ مٿي آهي .
**اي عزيز:** مولانا روم چيو آهي،

صحبت ايشان خاک را اکسير کرد
لطف شان هردلي تاثير کرد
هر کہ با ايشان نشيند يک دمي
روز محشر اوکجا دارد غمي !!

ترجمہ: انهن الله جلّ شانہ جي ولين جي صحبت مٽيءَ کي اڪسير ڪيو، انهن جي لطف هر ڪنهن جي دل تي تاثير ڪيو، جنهن شخص انهن سان هڪ ساعت گذاري تہ قيامت جي ڏينهن انهن کي ڪهڙو غم آهي.

اي طالب الله جا ان طالب جي حال تي افسوس ۽ ارمان آهي، جنهن پنهنجي مرشد ڪريم جي حقيقت کي نہ سڃاتو، مرشد ڪريم کي سڃاڻڻ هن ظاهري اکين سان نہ آهي، بلڪ اها سڃاڻپ دل جي بصيرت واري نور سان آهي، جنهن پنهنجي مرشد ڪريم کي محض ظاهري بشري صورت سان ڏٺو ۽ حقيقت کان بي خبر آهي ان ڪجھ بہ حاصل نہ ڪيو ۽ پنهنجي سموري عمر برباد ڪري ڇڏيائين .

**نقل** (204) هڪ دفعي سائين جن تقرير مبارڪ ۾ فرمايو تہ حضرت محبوب سڀحاني قطب رباني سيد عبدالقادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنہ جي حضور ۾ هڪڙي عورت آئي ۽ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين مون کي پٽ جي اولاد ڪونهي هڪڙي ڌيءَ آهي پندرهن سالن جي تنهن تي پاڻ فرمايائونس تہ اهو تنهنجو پٽ آهي، پوءِ ان ڇوڪريءَ کي مردانہ عضوا پيدا ٿيا ۽ ڏاڙهي بہ ڦٽڻ شروع ٿي، .

**نقل** (205) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ جيڪب جج وٽ " جنهن جي نالي سان جيڪب آباد آهي " هڪ خوني جو ڪيس آيو ۽ ان وقت انگريز حڪومت هئي، قاتل ست ڪافر ماريا هئا، جيڪب هن کي پيو چوي تہ تون هن ڏوهہ جو ڏوهي آهين، هو ڪنڌ هيٺ ڪيو چپ ڪيو وينو هو، جج بہ پيرا چٽي ويو ۽ تيون پيرو هن کي ڦاسيءَ جو حڪم پيو ڪري تہ هن مجرم هڪ شعر فارسي جو پڙهيو.

زمانہ بر جنگ است ياعلي مددي

قلم بد ست فرهنگ هست ياعلي مددي

جڏهن اهو شعر پڙهيائين تہ جج قلم وات ۾ ڪري ۽ چيائين تہ حڪومت توکي انصاف ڪري ۽ آزاد ڪيو پوءِ هو ڇٽي ويو.

**نقل** (206) بخشل فقير نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن خميسي فقير درگاهي کي فرمايو تہ سکر هلون قاضي صاحب ڏي، تنهن تي فقير اعتراض ڪيو تہ سائين هو مجذوب آهي، ۽ ايڏانهن ڪاڏي هلون. ان تي پاڻ جلال فرمايائون، پوءِ ڏنم تہ سائين مشورن وارا مالڪ ڪريم بيٺا آهن پوءِ مون توبهہ ڪئي ۽ گڏجي ويس، .

**نقل** (207) فقير حاجي سومار عمراڻي نٺي جو رهندڙ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن منهنجي گهر تشريف فرمان ٿيا اتي هڪ عورت عرض ڪيو تہ سائين مون کي پٽ جي اولاد نہ آهي مهرباني ڪريو، پاڻ ان کي فرمايائون توکي ٻہ پٽ ٿيندا، پوءِ ان عورت کي ٻہ پٽ ٿيا.

**نقل** (208) فقير الهورايو شيخ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي منهنجي ننڍڙي ڇوڪري گم ٿي وئي، جنهن کي ٻہ ڏينهن گذري ويا، پوءِ درگاهہ شريف تي حاضر ٿي حضرت قبلا ميان سائين جي حضور ۾ اهو عرض ڪيم تہ قبلا سائين هن مسڪن جي ننڍڙي ڇوڪري گم ٿي وئي آهي، ڏاڍو پريشان ٿيا آهيون، مهرباني ڪري عنايت فرمايو. پاڻ فرمايائون تہ اسان بہ پريشان آهيون تہ منو سائين بہ اسان کان وڇورجي ويو آهي، هن مسڪين عرض ڪيو تہ قبلا هن مسڪين جو ڪم ڪريو. پوءِ پاڻ بہ دعائون ڏنائون بارجي هينان رکڻ واسطي، پوءِ منجهد جو موٽي آياسون ٿوري خبر پئي تہ ڇوڪري رسول آباد محلي ۾ آهي، پر صحيح نموني سان خبر نہ پئي، پوءِ وري درگاهہ شريف تي آياسون پاڻ قدم بوسي ڪرڻ کان اڳيم پڇاڪيائون تہ ڇوڪري ملي، هن مسڪين عرض ڪيو تہ قبلا

سائين نہ .... پاڻ فرمايائون تہ وري دعائون ڏيون ٿا. هن مسڪين عرض ڪيو تہ قبلا سائين ڇوڪري توهان وٽ آهي، مهرباني ڪري پريشان نہ ڪريو ۽ عنايت ڪريو، پاڻ مرڪي فرمايائون تہ ڇوڪري مون وٽ آهي، هن مسڪين عرض ڪيو تہ هائو سائين، پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اڄ ضرور بہ ضرور ڇوڪري ملندي ۽ پريشان نہ ٿيو. پوءِ اسان لاڙڪاڻي موٽي آياسين تہ خبر پئي تہ هڪڙي ڇوڪري رسول آباد محلي ۾ آهي، وڃين ڏٺوسين تہ ڇوڪري اسان جي آهي پوءِ ڇوڪري وٺي گهر آيس .

**نقل** (209) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليہ کي سندس والد صاحب حبيب شاهہ رحمت الله عليہ ڪنهن مڪتب ۾ پڙهڻ واسطي ڇڏيائين، استاد هن کي قرهيءِ تي پڙهائڻ شروع ڪيو جڏهن استاد الف چيو تہ شاهہ صاحب عليہ الرحمت الف چيو جڏهن استاد بي چيوتہ شاهہ صاحب فرمايو تہ اها وڃين ٻين کي ڏيو ۽ اسان کي الف ئي ڪوڙ آهي.

1: اڪر پڙهہ الف جو ٻيا ورق سڀ وسار
اندر تون اجار پنان پڙهندين ڪيترا ،
2: اڪر پڙهي اياڳيا قاضي ٿئين ڪيٿان
پيـــريـــن ۽ پـائـيـن اوڏا ائين م آ
ان سرڪي سندو ساءَ پڇج عزازيل کان ،

**نقل** (210) فقير محمد موسيٰ سومرو درگاهي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين ميان سائين بادشاهہ ڪنهن دعوت تي اسريا. هي مسڪين بہ ساڻ هيو. پوءِ پاڻ جڏهن سيوهڻ شريف جي ويجهو آيا تہ فرمايائون تہ آيا آهيون تہ قلندر شهباز جي درگاهہ تي حاضري ڀريون، پوءِ جڏهن قلندر شهباز جي درگاهہ کان هڪ ڪلو ميٽر باقي پند هيو تہ پاڻ فرمايائون تہ

ڪار ڪي روڪ، پوءِ پاڻ ڪارمان لهي پنڌ هلڻ فرمايائون، مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين سخت گرمي آهي پنڌ ڪرڻ نہ فرمايو، پاڻ فرمايائون تہ پنڌ ۾ وڏو ثواب آهي، جڏهن پاڻ ڪريم هلن پيا تہ اڳيان ۽ پويان پيا ٿين، پوءِ مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين پنڌ تہ سٺو آهي، پاڻ فرمايائون تہ جتي ڪار مان لٿاسين اتي قلندر شهباز اسان جي استقبال جي لاءِ بيٺو هو، پوءِ گاڏيءِ تي ڪينءِ هلون، ۽ هٿ هٿ ۾ ڏئي مزار شريف ڏي تا هلئون، مان قلندر شهباز کي ٿو چوان تہ اڳ۾ توهان هلو، ۽ قلندر شهباز ٿو چوي تہ اڳ۾ توهان هلو .

**نقل** (211) فقير الهورايو شيخ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي عرس شريف جي مهيني جي آخري تاريخ هئي، پاڻ ڪريم لاڙڪاڻي جي جماعت جي دعوت تي تشريف فرما ٿيل هئا . هن مسڪين عرض ڪيو تہ قبلا سائين هن مسڪين جي گهر ۾ مهرباني فرمايو، پوءِ جڏهن هن مسڪين جي اڱڻ تي پنهنجا نوراني قدم مبارڪ رکيائون، ۽ فرمايائون تہ نفل پڙهنداسون، مصلي جو انتظام ڪيو، پوءِ پاڻ نفل پڙهيائون هن مسڪين حضور ۾ عرض ڪيو تہ قبلا سائين ڪجهہ ماڻهون چون ٿا تہ هن گهر ۾ جن جو اثر آهي مهرباني ڪري مدد فرمائيندا، پاڻ فرمايائون تہ پٽ هن گهر ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي، ۽ اسان جي فقيرن وٽ اها شيءِ نہ هوندي آهي...... اڳ۾ گهر ۾ ڪجهہ آواز وغيره ايندو هو پوءِ جڏهن فرمايائون تہ ڪجهہ بہ نہ آهي تہ اڄ ڏينهن تائين مالڪن ڪريمن جي مهرباني سان ڪجهہ بہ نہ آهي .

**نقل** (212) نور محمد چنو لاڙڪاڻي رحمت پور جو رهندڙ نقل ٿو ڪري تہ 1972ع ۾ هڪ دفعي آئون درگاهہ حضرت مخدوم بلاول رحمت الله عليہ تي ويوس، جمع جو ڏينهن هو مسجد جي پيش امام وٽ ويس ۽

ڇيومانس تہ منهنجي حق ۾ دعا گهر جو پريشاني آهي. مون کي ڇيائين تہ ڪهڙي پريشاني آهي، ان کي چيم تہ مون تي هڪ لک روپيہ قرض آهي، ان چيو تہ مون کي ايڏي طاقت نہ آهي جو تنهنجي لاءِ مخدوم سائين وٽ دعا گهران. باقي جمع جي رات سومهڻي نماز تي هڪ شخص نقاب پوش ايندئي جيڪو سومهڻي نماز مصلي تي جماعت کي پڙهائيندو ۽ فرض پڙهڻ کان پوءِ اهو بزرگ مخدوم سائين جي مزار شريف تي مراقبو ڪري ويهندو. ان کان پوءِ اهو بزرگ جلدي مسجد شريف کان هليو ويندو. جڏهن روضي کان ٻاهر مسجد شريف جي دروازي وٽ اچي تہ ان جي قدمن تي ڪري پئجان ۽ عرض ڪجان تہ مون کي پنهنجو ديدار بہ ڪرايو ۽ پريشاني واسطي دعا بہ گهرو، پر جيڪڏهن دعا نہ گهرن تہ مديني جي شهنشاهہ جو.واسطو وجهجان پوءِ توکي زيارت بہ ڪرائيندو ۽ دعا بہ گهرندو. پوءِ مون سومهڻي نماز تي ڏٺو تہ هڪ نقاب پوش شخص آيو صرف اکيون ظاهر هيس ڏٺم تہ سومهڻي نماز فرض مصلي تي پڙهائي هڪدم مخدوم سائين جي روضي تي ويو. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ جڏهن اهو بزرگ ٻاهر مسجد شريف جي دروازي وٽ آيو. تہ مان قدمن مبارڪن تي ڪري پيس ۽ عرض ڪيم تہ خدا واسطي مون کي پنهنجي زيارت بہ ڪرائي، ۽ دعا بہ گهرو تہ منهنجي پريشاني حل ٿئي، پوءِ اهو بزرگ چوڻ لڳو تہ مون کي ڪابہ طاقت نہ آهي، پوءِ وري الله سائين ۽ مديني جي شهنشاهہ جو واسطو وجهي عرض ڪيم تہ زيارت بہ ڪرائي ۽ دعا بہ گهر. پوءِ ان نقاب پوش بزرگ منهن مبارڪ کان پردو مٿي ڪيو تہ ڏٺم تہ اهي سائين ميان سائين جن پاڻ هئا. پوءِ فرمايائون تہ سچاتئي جنهن مقصد لاءِ توهان هتي آيا' آهيون اهو توهان جو پورو ڪيم توهان جي مٿان فرض آهي عرض ڪيم تہ مان ڪير آهيان. مون عرض ڪيو تہ

توهان مشورن واري سائين جا وڏا صاحبذاده آهيو. پوءِ پاڻ مرڪي مون کي فرمايائون تہ هائو قبلا سائين .... پوءِ جيڪو منهنجي مٿان قرض هو اهو ڪن معاف ڪري ڇڏيو ۽ باقي رقم ٻن مهينن جي اندر انهن کي ڏئي ڇڏيم. پوءِ سائين جن جي حضور ۾ درگاهہ شريف تي آيس، پاڻ فرمايائون تہ ٻچا پريشاني دور ٿي عرض ڪيم تہ هائو قبلا سائين توهان جي وڏي مهرباني .

**نقل** (213) فقير حاجي محمد صديق جاگيراڻي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي منهنجو نياڻون سعودي عرب ويل هو ڪيترو وقت گذري ويو تہ نہ خط لکيائين ۽ نہ وري ڪا خبر پئي، مون کي ڪن ماڻهن ٻڌايو تہ تنهنجي نياڻي کي ان جي دوستن مارائي ڇڏيو آهي، پوءِ آئون سڌو درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ آيس، ۽ عرض ڪيم تہ قبلا سائين ماڻهون چون ٿا تہ تنهنجو نياڻون مري ويو آهي، ان تي پاڻ هڪدم فرمايائون تہ توهان روئو نہ توهان جو نياڻون زندهہ آهي مان ڏسي رهيو آهيان، سمنڊ وٽ هڪ جڳهہ آهي ۽ اتي پنهنجي دوستن سان گڏ سلامت آهي، اسان دعا ٿا گهرون تہ تنهنجو نياڻون جلدي توهان سان اچي ملندو، پوءِ مان موٽي گهر آيس ۽ چاليهہ ڏينهن ۾ منهنجو نياڻون گهر پهتو، مون ان کي چيو تہ تون سائين ميان سائين جي دعا سان هت پهتو آهين، پوءِ چيائين تہ ڇهہ ڏينهن ٿيا آهن تہ منهنجي پيرن هيٺان ڇڻ تہ باهہ ٻري وئي چيم تہ هڪدم پنهنجي ٻچن سان وڃين ملان، پوءِ درگاهہ شريف تي اچي حضور ۾ ديدار کان مشرف ٿياسون، .

**نقل** (214) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ جڏهن حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ذات بابرڪات معراج شريف تي ٿي اسريا تہ ان وقت سواري ڪهڙي هئي.... پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اهو حضرت محبوب

سبحاني قطب رباني سيدنا عبدالقادر جيلاني رضي الله عنہ جو روح مبارڪ هو جنهن جي ڪلهن تي سوار تيا. ۽ حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو تہ اسان جا قدم پاڪ تنهنجي مٿان ۽ تنهنجا قدم مبارڪ ڪل ولين مٿان. قيامت تائين جيڪو توهان جي قدم پاڪ جو انڪاري ٿيو، ان وٽ فيض ولايت ڪرامت ۽ حافظ القرآن نہ هوندو ۽ وتندو منهن مٿو پٽيندو. مڪ وانگر نہ هن کي حلال جي خبر پوندي نہ حرام جي سدائين ٽوٽي ۾ هوندو .

بيت

سگ دربار جيلان شو

اگر خواهي قرب رباني

کہ بر شيران شرف دارد

سگ دربار جيلاني !! جيڪڏهن الله جل شانہ جو قرب چاهين ٿو، تہ حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنہ جي دروازي مبارڪ جو ڪتو سڏائي، ڇو تہ جيڪو دروازي مبارڪ جو ڪتو آهي، تنهن جي شينهن تي بہ بادشاهي آهي، .

**نقل** (215) هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ حضرت سائين ميان غلام صديق رحمت الله عليہ وٽ بہ پائر آيا. پاڻ هڪڙي کي پڙهايائون ۽ ٻي کي ڊيگيون چارايائون. آخر جڏهن ٻڳ جو وقت آيو تہ جيڪو ڏنار هو اهو روئڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ سائين جيڪڏهن مون کي پڙهائي ها تہ مان بہ هن وانگر ٻڳ ٻڌان ها. پوءِ اهو عرض وڃين پيش ڪيائون. تنهن تي پاڻ فرمايائون تہ اڳيم ان جي ٻڳ ٻڌرائيندا سين پوءِ هن جي. پوءِ هن کي گهرائي توجهہ فرمايائون ۽ دستار شريف ختم ڪرائي پاڻ فرمايائون تہ

هاڻي اسٽيج تي چڙهي ۽ تقرير ڪر. پوءِ اهڙا تہ اڇي راز ۽ اسرار کوليائين جو عالمن سڳورن جا وات پٽجي ويا. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ علم جا ٻہ قسم آهن هڪ ظاهري ۽ ٻيو باطني فقط ظاهري علم وارو گمراهہ ۽ باطني علم وارو عارف بالله آهي. حضرت غلام غلام عمر رحمت الله عليہ پاڻ شريف وارن بزرگن کان پڙهيا ۽ پاڻ شريف وارا وري پڙهيا حضرت ميان سائين شهداد ڪوٺ رحمت الله عليہ وارن کان. ۽ اسان جا مالڪ وري ظاهري علم سونا جتوئي وارن بزرگن کان. اهو سلسلو هلندو رهندو.

**اي عزيز:** مولانا روم چيو آهي

علم رسمي سر بسر قيل است قال
نہ ازو کيفتي حاصل نہ حال
علم بود غير علم عاشقي
مابقي تلبيس ابليس شقي.

ظاهري علم سراسر ڳالهيون آهن. نہ ان مان ڪا ڪيفيت کلي ٿي نہ حال تو حاصل ٿئي. علم تہ فقط عشق ۽ محبت وارو علم آهي.باقي سڀ ڪجهہ بد بخت ابليس جو فريب آهي .

بيت فارسي

گر تو سنگ صخره مرمر شوي
چون بصاحبدل رسي گوهر شوي !

جي تون پٿر سخت يا مرمر ڪٿي هوندين پرجڏهن ڪنهن ولي سڳوري وٽ پهچندين تہ گوهر بي بهابڻجي پوندين .

**نقل** (216) سيد انور علي شاھ نقل ٿو ڪري تہ ھڪ دفعي منھنجو پٽ سعودي عرب عمري تي ويل ھو، ۽ پڪڙ ۾ اچي جيل ۾ پيو ان وقت عراق ۽ سعودي عرب جي جنگ لڳل ھئي، پوءِ درگاھ شريف تي حاضر ٿي سائين جن کي عرض ڪيم تہ قبلا سائين ڇوڪرو عمرو ڪرڻ ويو ھو ۽ خبر پئي آھي تہ جدي شريف ۾ ڪم ڪندي پڪڙجي پيو آھي ۽ ھن وقت جيل ۾ آھي سو ڏاڍو گھر ڏي ۽ مون کي پريشان ڪري وڌو اٿس، سو دعا جي لاءِ عرض ڪٽي آيو آھيان مھرباني فرمائي عرض قبول ڪندا. ان وقت نماز جو ٽائم ھيو پاڻ فرمايائون تہ ھي ڪتاب دعائن وارو کڻي مسجد شريف ڏي ھلو تہ نماز پڙھون، پوءِ آئون ڪتاب کڻي مسجد شريف ۾ آيس ۽ پاڻ بہ مسجد شريف ۾ تشريف فرماٿيا. نماز کان پوءِ مون ڏي توجھہ فرمائي ٿورو خيال سان وينا فرمايائون تہ توھان جو ڪم ٿي ويو شاھ صاحب ڇوڪرو خير سان ايندو، پوءِ مان سائين جن جي قدم بوسي ڪري ڳوٺ پھتس، عراق ۽ سعودي عرب جي جنگ جي ڪري جھازن جي آمدرفت بند ٿي وئي ۽ آخري جھاز ۾ منھنجو ڇوڪرو خير سان پاڪستان پھتو ان کان بعد ڪيترو وقت بيو جھاز نہ آيو، پوءِ اچي درگاھ شريف تي سائين جن جي قدم بوسي ڪيم پاڻ فرمايائون شاھ صاحب ڇوڪرو پھتو، عرض ڪيم تہ ھائو قبلا سائين توھان جي مھرباني .

**نقل** (217) فقير اصغر علي جمالي نقل ٿو ڪري تہ ھڪڙي فقير مون سان ھي نقل بيان ڪيو تہ ھڪ دفعي دادو ۾ مولوي علي بخش چانڊيو جي دعوت تي سائين جن تشريف فرما ٿيا. ۽ پاڻ ڪريم مدرسي ۾ جلوہ افروز ھئا، تہ ان وقت اھل شيعت طريقو رکڻ وارا ڪي سيد بادشاھ حضور ۾ آيا ۽ عرض ڪيائون تہ سائين اسان توھان کان ڪي سوال پڇڻ

آيا آهيون، پاڻ فرمايائون تہ پلي سوال پڇو ۽ ڪيترا بہ پڇو هي فقير توهان کي انشاءالله تعاليٰ صحيح جواب ڏيندو. پر هي فقير بہ توهان کان سوال ڪندو جي توهان صحيح جواب ڏنو تہ اسان اوهان جي پنيان لڳنداسين، ۽ جيڪڏهن اسان صحي جواب ڏنو تہ توهان اسان جي پنيان لڳندا. پوءِ انهن شيعن چيو تہ سائين اسان کي قبول آهي، پوءِ سائين جن فرمايو تہ توهان دعوا ٿا ڪريو تہ موليٰ علي اسان جو آهي..... هاڻي گهڻان سوال ڪونہ ٿا ڪريون يا تہ موليٰ علي اسان کي ڏيکاريو تہ اسان توهان جا مريد ٿا ٿيون، يا وري اسان توهان کي ڏيکاريون تہ توهان اسان جا مريد ٿيو . پوءِ پاڻ ڪريمن اهڙي نگاهہ مبارڪ فرمائي جو اهي شاهہ صاحب خاموش ٿي ويا ۽ چيائون تہ توهان اسان جا مرشد ۽ اسان توهان جا مريد آهيون. پوءِ مڇون ڪترائي سنت تي ڪرايائون ۽ پاڻ انهن تي ذڪر شريف جي تلقين ڪيائون .

**اي عزيز:** اها ڪامل مڪمل مربيّ جي نگاهہ مبارڪ آهي اها شفقت جي نظر مبارڪ جيڪڏهن ڪنهن ڪٽيل قلب ۽ گناهن ۾ بيمار ۽ آلوده ٿيل دل تي پوي تہ ان دل کي شمس و قمر کان وڌيڪ روشن ڪري ڇڏي، ۽ سڄي عمر جي ڪيل گناهن جي سياهي ۽ ڪاراڻ کي قلب تان هڪ سيڪنڊ ۾ ڌوئي صاف ڪري .

**نقل** (218) فقير نياز حسين ڪلهوڙو سکر جو رهندڙ نقل ٿو ڪري تہ هڪ شخص اسان جي ذات وارو ان جو ڇوڪرو گم ٿي ويو هو، جنهن کي پندرهن ڏينهن ٿي ويا هئا، گهڻي ڳولها ڪيائين پر ڪو بہ ڏس نہ پيو، پوءِ جمع ڏينهن درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين، پاڻ ان کي بہ تعويذ ڏنائون ۽ فرمايائون تہ هڪ تعويذ کي پسائي ان جو پاڻي گهر پاسي کان ڇنڪار ۽ ٻيو تعويذ پڪي ۾ ٻڌي

اهو پکو سچي رات هلائي، چوکرو پاڻهي اچي ويندو ۽ هاڻي تون
ڪيڏانهن بہ نہ وڃ مات ڪري گهر ويهي رهہ. پوءِ اهو گهر آيو جڏهن ٽي
ڏينهن گذريا ۽ گهر کان ٻاهر نڪتو تہ ڏسي تہ ڇوڪرو ٻاهر بيٺو
آهي، پوءِ ان کان پڇيائين تہ تون ڪٿي هئين، ڇوڪري چيو تہ مون کي
ڪابہ خبر ڪانهي تہ آئون ڪٿي هئس مون فقط ايترو ڏٺو تہ هڪ سفيد
پوش بزرگ آيو جنهن مون کي پانهن مان جهلي اشارو ڪيو تہ آئون گهر
پهچي ويس.

**نقل** (219) فقير حاجي دائود شيخ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سول
اسپتال ڪراچي ۾ هڪ شخص مليو ۽ چيائين تہ اوهان جي سائين جو تہ
ڪو مثال ڪونهي پر ميان سائين جن سان وڏي مهرباني اٿو. هڪ دفعي
جناح باغ لاڙڪاڻي ۾ جلسو هيو جتي ميان سائين بادشاهہ تقرير فرمائي
رهيا هيا. ۽ عام اعلان ڪري رهيا هئا تہ جيڪي وٽي لکي رکو ۽ مٿي
پهچايو اسان حق جو ڪلمون اوهان مسلمان آفيسرن آڏو چونداسون
............ اتي خليفو غلام رسول ابڙو مديني شريف وارو بہ هن عاجز
سان گڏ ويٺو هو. چيائين تہ شينهن جي اولاد بہ شينهن ٿيندي آهي.

**نقل** (220) فقير محمد صفر ماڇي درگاهي نقل ٿو ڪري تہ سائين
بادشاهن جي فقير ٿيڻ کان اڳي آئون لاڙڪاڻي لڳ درگاهہ حضرت
يوسف شاهہ جيلاني رحہ تي وڃي رهيس ۽ اتي خدمت ڪندو هوس ۽ پاڻي
جا مٽ ڀريندو هوس. هڪ مهينو خذمت ڪيم پر ڪابہ مهرباني نہ ٿي.
پوءِ دل ۾ خيال ڪيم تہ هتي خالي قبر آهي ۽ ٻي ڪابہ شيءِ ڪانهي.
پوءِ چيم تہ اڄوڪي آخري رات رهي صبح جو ڳوٺ هليو ويندس. پوءِ
رات جو خواب ۾ بزرگ کي ڏٺم تہ چيلهہ جيترو قبر کان ٻاهر نڪري آيو
۽ چيائين تہ تنهنجو فيض اسان وٽ ڪونهي تون درگاهہ مشوري شريف

تي وڃ ۽ حضرت ميان سائين علي محمد کي منهنجا سلام چئج ۽ توهان کي اتان فيض ملندو. پوءِ صبح جو درگاهه شريف تي پهتس ۽ سائين جن کي سلام پيش ڪيم. پاڻ فرمايائون ته پاڻ وٽ ڪونه هئس جو اسان ڏي موڪليائين ڦانوڙا دهل وڄندا تا وتن صبر به نتا ڪن........ پوءِ فقير سائين بادشاهن کان ذڪر پاڪ وٺي اچي درگاهه شريف تي حضور ۾ رهيو جيڪو اڄ ڏينهن تائين درگاهه شريف تي موجود آهي.

**نقل**(221) هڪ شخص درگاهه شريف تي سائين جن جي حضور ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين ته قبلا سائين منهنجو ڇوڪرو گم ٿي ويو آهي. گهڻو ڳولها ڪئي اٿئون پر ڪو به ڏس نه پيو آهي. سائين جن تعويذ ڏين ته ڇوڪرو لڀي پوي. پاڻ فرمايائون ته توکي تعويذ ڪو نه ٿا ڏيون ۽ دعا ٿا گهرون ڇوڪرو تو کي ملي ويندو. پوءِ پاڻ دعا جي مهرباني فرمايائون. پوءِ اهو شخص هليو ويو. رستي ۾ هڪ شخص مليس ان پڇيس ته ڪيڏانهن ويو هئين. چيائين ته ڇوڪرو گم ٿي ويو آهي. ان جي لاءِ سائين جن وٽ تعويذ وٺڻ ويو هئس سائين جن تعويذ ته ڪونه ڏنو پر خالي دعا گهريائون ان شخص چيو ته ڇوڪري جا پارپتا ڪهڙا آهن پوءِ ڇوڪري جا پار پتا ڏنائين. ته ان شخص چيس ته اهو ڇوڪرو وڏا واهڻ ۾ موجود آهي. پوءِ جڏهن اتي ويو ته ڏسي ته برابر اهو ڇوڪرو اتي موجود آهي.

**نقل**(222) فقير حاجي دائود شيخ نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سائين جن هڪ تعويذ هڪ ويم واري عورت لاءِ ڏنو جنهن وقت سنڀال ٿئي ته هڪ پيارييو ۽ هڪ پارايو. پوءِ رات جو اوچتو سنڀار ٿي ڊاڪٽرياڻي چيو ته هن وقت آپريشن ڪرايو نه ته مائي نه بچندي. نه ئي ٻار بچندو. پوءِ تعويذ پيارييو سون ۽ هڪ تعويذ ٻڌوسون ته بلڪل آساني سان هڪ ٻار ڄائو ۽

ويم تي ويو. ۽ هن وقت ٻئي خوش آهن. جنهن کي تقريبن ڏيڍ سال گذري ويو آهي.

**نقل**(223) فقير منظور احمد پٽو رهندڙ ڳوٺ مهر وڏا جو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي منهنجي گهر ۾ جنات جو اثر ٿي پيو. جيڪي سمهڻ به نه ڏيندا هئا ۽ گهر ۾ ڪرفتي ۽ ڇيٽا هڏا ۽ سروٽا اڇليندا هئا ايتري قدر جو هڪ ڏينهن سروٽن ۽ هڏهن کان گهر جو سارو اڱڻ ڀرجي ويو. پوءِ صبح درگاهه شريف تي آيس ۽ حضرت قبلا ميان سائين جي حضور ۾ اهو عرض پيش ڪيم. ان وقت مدئجي جا فقير به موجود هئا. پاڻ خوش طبي ڪندي فرمايائون ته اهي خبيث آهن جائي ڇڏيو هليو وڃ. فقيرن عرض ڪيو قبلا سائين توهان جي هوندي به جائي ڇڏي وڃي پوءِ عرض ڪيم ته قبلا سائين توهان مهرباني ڪريو ته ڪا مشڪل نه رهندي، ۽ هي در ڇڏي ٻئي در تي نه وڃبو اهو اسانجو ايمان آهي. پوءِ پاڻ فرمايائون ته توهان کي اکر ٿا ڏسيون اهي پڙهو ته انشاءالله تعاليٰ مشورن وارا سردار پاڻ مهرباني ڪندا. پوءِ قدم تي ڪري عرض ڪيم ته قبلا سائين اسان جو دنيا ۽ آخرت ۾ توهان کان سواءِ ٻيو ڪير آهي، اسانجي گناهن کي نه ڏسندا ۽ پنهنجو ڪرم ڪندا. پوءِ پاڻ فرمايائون ته سومهڻي نماز کان بعد جڏهن گهر جا ڀاتي سمهي پون ته پوءِ تون وضو ڪري مصلي تي اچي نفل ادا ڪر ۽ هڪ تسبيح صلوات شريف جي پڙهه پوءِ اتر طرف منهن ڪري قدم کڻي اهي لفظ پڙهه (ياشيخ عبدالقادر جيلاني شيئاالله) وري ٻيو قدم کڻي پڙهه (ياشيخ عبدالقادر جيلاني شيئاالله) اهڙي طرح يارهن قدم کڻ يارهين قدم تي وڏي آواز سان پڪاريندي دل جي درد سان، (ياشيخ عبدالقادر جيلاني شيئاالله) پوءِ موٽي اچي مراقبي ۾ ويهي رهه، پوءِ مون ايئن ڪيو ۽ آخري سڏ ڪري سائي چادر ويڙهي

مراقبي ۾ ٿي ويٺس، تہ خبر نہ پئي جو اڪين مان لڙڪ وهڻ لڳا ۽ ڏسان پيو تہ اڳيان هڪ وڏو دريا وهي رهيو آهي، پري کان ڏٺم تہ سردار مشورن وارا سائين اچن ٿا. سائي شال مبارڪ اٿن ۽ عصا مبارڪ هٿ ۾ اٿن جڏهن آيا ۽ مصلي تي قدم مبارڪ رکي فرمايائون تہ فقير اسان خبيث تڙي ڇڏيا پوءِ انهيءَ مهل مون کي حال اچي ويو ۽ ڪافي وقت کان پوءِ هوش آيو ۽ ڏٺم تہ اکين مان پاڻي وهي پيو ان کان پوءِ خير ٿي ويو..

**نقل** (224) فقير حاجي غلام شبير جتوئي پراڻ جتوئي جو نقل ٿو ڪري تہ هيڪر سائين جن فرمايو تہ اسان توهان کي هڪڙي دعا ڏيون ٿا، جا ڏاڍي اڪسير آهي، توهان پڙهندؤ تہ محبت مرشدن ڪريمن جي حاصل ٿي پوندي اها دعا هيءَ آهي !

(ياعزيز من كل عزيز بحق ياعزيز) هي دعا روزانو ٽي دفعا پڙهجي، پر جيتري گهڻي پڙهجي اوترو ترو ڪير ۾ ڪند پر دعا ايتري پڙهو جيتري مقرر ڪري سگهو ۽ هميشہ پڙهندا اچو تہ انهيءَ ۾ فائدو پوندو.

**اي عزيز:** هيءَ دعا معنيٰ جي لحاظ کان دشمن کي مغلوب ڪرڻ لاءِ سندن رٿن کي ناڪام بنائڻ لاءِ ۽ پنهنجي فتح ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ بهترين دعا آهي، جو اجابت لاءِ اڪسير جو در جو رکي ٿي .

**نقل** (225) خليفو عبدالحڪيم ملڪاڻي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي هئس، ان وقت حضرت مرشد ڪريم سائين بادشاهن جو، حضرت قبلا ميان سائين جن تي ڏاڍو جلال هيو، مون کي اچي فڪر ٿيو تہ اهو جلال ڪهڙي سببان آهي، جيڪر حضور اقدس ۾ اهو عرض ڪريان، پوءِ هڪ رات واقعات ۾ ڏٺم تہ هڪ وڏو بيڪنار سمنڊ آهي ان ۾ سائين بادشاهہ آهن، ۽ حضرت ميان سائين جن کي ان ۾ ٽوٻاٽا ڏين، اهڙي طرح ست دفعا ٽوٻا ڏنائون، ۽ ان کان پوءِ سمنڊ کان ٻاهر آيا، پوءِ

هن ٻانهي حضور ۾ عرض ڪيو تہ قبلا سائين اها ڪهڙي حقيقت آهي، پاڻ فرمايائون تہ هي ست سمنڊ فيض جا آهن. جيڪي ميان سائين جي سيني ۾ پلٽي ڇڏياسون .

**نقل** (226) فقير سليم يعقوب ميمڻ ٽنڊو محمد خان جو رهندڙ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي آئون بس جي ذريعي حيدرآباد کان ڪراچي وڃين رهيو هوس، بس جڏهن نوري آباد کان ويجهو پهتي تہ ڌاڙيلن بس کي روڪيو ۽ بس جي سامهون شيشي ۾ ڪلاشنڪوف جا برسٽ هلايائون، آئون شيشي جي سامهون ويٺو هوس، ۽ ان وقت سائين جن کي سڏ ڪيم ۽ ڏٺم تہ بس جو شيشوذرا ذرا ٿي ويو مگر هڪ گولي بہ اندر ڪانہ آئي.

**نقل** (227) فقير ممتاز خشڪ رهندڙ رڪ اسٽيشن جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي اچڻ لاءِ گاڏيءَ ۾ چڙهيس پئسا نہ هجڻ جي ڪري ٽڪيٽ نہ ورتم. پوءِ ٽڪيٽ چيڪ ڪرڻ لاءِ آفيسرن ڇاپو هنيو تہ آئون پريشان ٿي پيس ۽ لڪڻ جي ڪوشش ڪيم. پوءِ آفيسر هليا ويا ۽ مون کي ڪونہ ڏٺائون. رات جو خواب ۾ سائين جن فرمايو تہ اسان تو سان گڏ نہ هئاسين جو تون لڪين پيو.

**نقل** (228) فقير اصغر علي جمالي دادو جو نقل ٿو ڪري تہ منهنجا چاچا جيڪي مست ڪيهر شاهہ جا فقير آهن، انهن چيو تہ پاڻي جي تڪليف آهي تنهنڪري 10 محرم جي ڏينهن نلڪو لڳائينداسين ۽ پنهنجي مرشد مست ڪيهر شاهہ کي سڏ ڪنداسون تہ پاڻي منو نڪرندو، پوءِ ڏهين محرم شريف جي ڏينهن ٽن جاين تي نلڪو لڳايائون پر پاڻي کارو نڪتو، پوءِ چوٿين جاءِ تي لڳايائون تہ پاڻي منو نڪتو پر جيڪي پاڻي پين پيا تہ انهن کي پيٽ ۾ گهمرا ٿي پيا ٿي، اڄ ڏينهن نلڪو اتي لڳل هو، پوءِ مون سائين جن کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين مهرباني ڪريو تہ

پاڻي منو ٿي پوي جو ڏاڍي تڪليف آهي، پوءِ خواب ۾ ڏٺم ته هڪ وڏو درياءُ آهي جيڪو درگاهه شريف کان وهندو اسان جي ڳوٺ جي پرسان واهيءَ کان اچي لنگهيو آهي، پوءِ ڏٺم ته حضرت قبلا مرشد ڪريم ميان سائين بادشاهه جلوءِ افيروز آهن ۽ فرمائن ٿا ته هن واهيءَ ۾ جاڻي به نلڪو هٽائيندين ته پاڻي منو نڪرندو، پوءِ اهو نلڪو ڪڍي اتي هٽايوسين ته پاڻي منو نڪري پيو.

**نقل** (229) فقير غلام رسول ميربحر رهندڙ رڪ اسٽيشن جو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي آئون درگاهه شريف تي آيس، مالڪن ڪريمن جي روضي شريف تي حاضري ڏئي پوءِ سائين ميان سائين بادشاهه جي قدم بوسي ڪرڻ لاءِ حضور ۾ ٿي آيس، ڏٺم ته حضور اقدس ۾ ڪجهه فقير وينا هئا جيڪي خدمت ۾ مشغول هئا، مون دل ۾ خيال ڪيو ته جيڪر مون تي خدمت ڪرڻ جي مهرباني ٿئي، پوءِ جڏهن قدم بوسي ڪيم ته پاڻ مرڪي ۽ فرمايائون ته فقير تون اسان کي متي تي زور ڏي .

**نقل** (230) فقير محمد ابراهيم سکر جو رهندڙ نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي تاريخ 15 رجب 1425 هجري جمع جي ڏينهن درگاهه شريف تي اچڻ جو ارادو ڪيم، پوءِ سکر اسٽيشن تي ريل گاڏي جي ٽڪيٽ وٺي گاڏي ۾ چڙهڻ جي ڪوشش ڪيم بيمار هئڻ جي ڪري گاڏي ۾ چڙهي نه سگهيس ۽ گاڏي مون کان هلي وئي، دل ۾ ڏاڍو فڪر ٿي پيو پوءِ جڏهن واپس ايوب گيٽ وٽ آيس ته سائين ميان سائين بادشاهه ظاهر ظهور تشريف فرماٿيا ۽ عصا مبارڪ به هٿ ۾ هين، مون کي فرمايائون ته فقير ڇو پريشان ٿيو آهين اسان توسان گڏ آهيون، پوءِ مون وچين سندن قدم بوسي ڪئي، ۽ عرض ڪيم ته قبلا سائين ڇانهه جي مهرباني ٿئي، پوءِ پاڻ هوٽل تي هلي ڇانهه بسڪوٽ جي مهرباني فرمايائون ان کان بعد

پاڻ فرمايائون تہ فقير هاڻي اسان هلون ٿا. ان وقت هڪ ٻيو فقير ٿي آيو ان کي سڏ ڪيم تہ اچي سائين جن جي زيارت ڪر. جڏهن اهو فقير آيو تہ پاڻ غائب ٿي ويا. اها ديدار جي مهرباني سندن جي وصال مبارڪ کان پوءِ جي آهي .

**اي عزيز:** اها آهي ڪامل مربي مرشد جي حقيقت جهڙي طرح الله سائين جلّ شانہ هر هنڌ تي حاضر ناظر آهي، ۽ جهڙي طرح حضور ڪريم صلي الله عليہ وسلم هر هنڌ تي حاضر ناظر آهي، اهڙي طرح ڪامل مرشد جيڪو فنافي الله ۽ بقابالله آهي اهو بہ هر هنڌ تي حاضر ناظر ۽ موجود آهي . " قرآن شريف ۾ آهي تہ! "

نحن اقرب اليہ من حبل الوريد

مان پنهنجي ٻانهي کي شہ رڳ کان بہ ويجهو آهيان !

بيت

الله ترا نزديک از بشہ رگ خدائي

آن خدا نيست تو از وي جدائي.

اي انسان الله جلّ شانہ توکي ساهہ جي رڳن کان بہ ويجهو ۽ گڏ آهي، مگر تون پاڻ کي خدا کان جدا سمجهيو ويٺو آهين .

**نقل** (231) فقير ممتاز خشڪ رهنڊڙ رڪ اسٽيشن جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درياءِ جي بند جي پرسان مينهون ٿي چاريم تہ اوچتو هڪ مينهن گپ ۾ اندر ڦاسي پئي جنهن جون چارئي ٽنگون زمين ۾ اندر هليون ويون ۽ فقط پني ڏسڻ ۾ ٿي آئي. ڏاڍا زور ڏناسون مگر ڪانہ نڪتي پوءِ اتي هڪ شخص مون کي چيو تہ تون پنهنجي مرشد کي چو نٿو

سڏين پوءِ ان وقت درگاهه شريف ڏي منهن ڪري سائين جن کي فرياد ڪيم، پوءِ ڏٺم تہ اها مينهن پاڻهي گپ مان ٻاهر نڪري آئي .

**نقل** (232) فقير محمد عثمان پنهور ٽنڊو محمد خان جو رهندڙ نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن دڙو شهر لڳ فقير علي محمد زنئور جي ڳوٺ دعوت تي تشريف فرماتيا. ان ڳوٺ ۾ سڀ فقير پير صاحب غلام جيلاني جا هيا ۽ فقط هڪ فقير علي محمد سائين جن جو فقير هيو. پوءِ اتي هڪ ننڍڙي ڇوڪري هئي جنهن کي ڊاڪٽرن لاعلاج ڪري ڇڏيو هو ۽ اها فوت ٿي وئي. پوءِ ان ڇوڪري کي ڪٽي سائين جن جي حضور ۾ پيش ڪيائون. پاڻ مرشدن ڪريمن ان تي ڪجهہ پڙهي دم ڪيائون تہ ان ڇوڪريءِ اکيون کوليون ۽ نهارڻ لڳي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ اسان ڇوڪري جنت مان واپس آندي آهي

**اي عزيز:** جو شخص الله جل شانہ جي ذات مقدس ۾ فنا آهي ان جي زبان ڪن فيڪون آهي. قدسي حديث ۾ آهي تہ. " اناعند ظن عبدي " اسان ٻانهي جي گمان وٽان آهيون. پوءِ جيڪو مرشد کي ٻانهون سمجهندو تہ پاڻ بہ ناسوت ۾ هيٺ ڪريل آهي. ۽ جيڪڏهن مرشد ڪامل سمجهندس تہ اجا پنڌ ڪري ۽ طريقت پاڪ ڪاهي. پر جيڪڏهن مالڪ الملڪ سمجهائين تہ پوءِ " وهو معكم اينما كنتم " ان طالب جون سڀ منزلون طئي ٿي ويون. فنافي الشيخ. فنافي الرسول. فنافي الله ۽ بقابالله جي مرتبي کي پهتو. ۽ ان جي حقيقت هيءَ آهي.

" اذااراد شيئاان يقول لہ كن فيكون "

پوءِ جيئن چوندو تيئن ٿيندو ۽ هن جي مرضي آهي هتي رهي يا هتي هو مرضي جو مالڪ مختيار آهي .

بيت

ويهہ وجيــن تــن وٹ قلم جن جي هٿ ۾
مـيــٺـي انـگ اڳيـان واري بيـــو لـــڪن
اڳيـان مـحبوبن ڪيجڻ جاءِ نہ ڪنهنجي.

**نقل** (233) فقير محمد عمر جمالي رهندڙ دادو جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي آئون بيمار ٿي پيس، پوءِ هڪ رات خواب ۾ ڏٺم تہ هڪ سفيد پوش شخص آيو ۽ اچي منهنجي مٿي تي هٿ رکيائين تہ منهنجو ساهہ پيرن ڪان وٺي سسيءِ تائين ڇڪجي آيو. پوءِ مون کي چيائين تہ مون کي سڃاڻين ٿو تہ مان ڪير آهيان. مون چيو تہ مان توکي ڪونہ سڃاڻان. ان شخص چيو تہ مان عزرائيل آهيان ۽ مون کي سائين ميان سائين موڪليو آهي تون مون سان هل، مون هن کي چيو تہ سائين ميان سائين ڪٿي آهي، پوءِ مون کي چيائين تہ سائين ميان سائين ڏيکاريائين سڃاڻندين.......... مون چيو تہ هائو. پوءِ ان وقت سائين جن جي صورت مبارڪ ظاهر ٿي، مون ان کي چيو تہ اهو منهنجو سائين آهي، پوءِ سائين جن مون کي فرمايو تہ اسان سان هلندين، مون عرض ڪيو تہ قبلا سائين مون کي ٻہ ٽي ڏيهاڙا اجان مهلت ڏيو. پوءِ پاڻ عزرائيل کي فرمايائون تہ هن کي ڇڏيو. پوءِ آئون سجاڳ ٿي پيس .

بيت

سڪ پريت جـو سـبق سريـو جـن کي
جــبـرائيـل عـزرائيـل نـہ پهتا تن کي
پهرين قدم سان پورو ڪيائون زمين کي
ٻـي قـدم سـان پـهتـا پنـهنجي پرين کي
اهـو انـعـام تـہ مـليـل آهي غـلامـن کـي

آقا جي عزت احيان بہ اڳتي.

**نقل** (234) فقير غلام رسول ميربحر رهنڊڙ رڪ اسٽيشن جو نقل ٿو ڪري تہ ڪيترا سال ٿي ويا جو مون درگاهہ شريف تي اچڻ وڃڻ ڇڏي ڏنو ۽ تاج شريف بہ لاهي ڇڏيم. پوءِ هڪ دفعي منهنجي پاڻتي بيمار ٿي پئي ۽ مون کي چيائين تہ چاچا تون درگاهہ شريف تي نٿو وڃين پر مون کي بہ وٺيو نٿو وڃين. مون چيس تہ ڪڏهن توکي وٺي ويندس. پوءِ ٿوري دير کان بعد مون کي گهرائي چيائين تہ چاچا توکان پوءِ سائين جن مون وٽ آيا ۽ فرمايائون تہ تنهنجي وڏن تہ اسان کي وساري ڇڏيو آهي پر اسان نہ وساريو آهي. هي وٽ ڪاٺ تون خوش ٿي ويندينءِ. پوءِ ڏنم تہ ناسي رنگ جون ڪجهہ گوريون هيون جيڪي اچي منهنجي بستري تي ڪريون....... پوءِ اهي گوريون کاڌائين تہ چڱي ڀلي ٿي پئي. پوءِ آئون اچي درگاهہ شريف تي حاضر ٿيس .

بيت

کـــر کـــرم اپنـــي نـــہ آئيـــنہ کرم کو بهول جا

هم تجهي بهولهي هين ليکن تو نہ هم کو بهول جا

**نقل** (235) فقير محمد ابراهيم مشوري نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين ميان سائين بادشاهہ حاجي قادن شاهہ جي ڳوٺ فقيرن جي دعوت تي جلوءِ افروز ٿيا. سيد قادر بخش شاهہ مون کي چيو تہ ڏسان تہ سائين ميان سائين بادشاهہ مون کي سڃاڻن ٿا يا نہ...... پوءِ جڏهن پاڻ ڪريم تشريف فرما ٿيا تہ فقيرن سائين جنکي گلن جا هار ٿي پارايا. پهرين هار سائين جن سيد قادر بخش شاهہ کي پارايو ۽ فرمايائون تہ قبلا هارن جا لائق اوهين آهيو هي پانهيءَ جو پار ڇا هار پائيندو .

**اي عزيز:** مثنوي شريف جي صاحب مولانا روم فرمايو آهي

پيش اهل دل ادب بر باطن ست

زانکہ دل شان برسرائر قاطن ست !

الله جي ولين جي حضور ۾ پنهنجي دل کي حاضر رک ۽ ادب جو پابند رکڻ مناسب سمجهہ ڇو تہ انهن جي دل تي مخفي ڳالهيون ظاهر آهن .

**نقل** (236) فقير عبدالرحمان مشوري نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي غلام مجتبيٰ جتوئي نوان جتوئي وارو درگاهہ شريف تي آيو هو، پوءِ اتي حضرت قبلا ميان سائين جن فرمايوس تہ مجو جتوئي تون آهين، عرض ڪيائين تہ سائين آئون مجتبيٰ آهيان، پوءِ سائين جن فرمايوس تہ تون چوين ٿو تہ ساون تاجن وارا فقير خون ڪرائين ٿا سائين جا فقير خون نہ ڪرائيندا آهن، ان وقت غلام مصطفيٰ جتوئي بہ موجود هو ان سائين جن کان معافي ورتي .

**نقل** (237) فقير امير بخش جتوئي نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور ۾ قدم بوسي ڪري جهولي جهلي ويهي رهيس، سائين جن فرمايو تہ فقير ڇا کپئي...... عرض ڪيم تہ قبلا سائين آئون غريب آهيان ڏوڪڙ کپن، سائين جن فرمايو تہ فقير ڏوڪڙ نہ گهر ايمان هليووينديئي، غرض ڪيم تہ قبلا سائين ڏوڪڙن کان سواءِ ايمان نٿو بيهي سائين جن فرمايو تہ توکي گهڻان ٿا ڏيون هاڻي تہ بس ...... سائين جن جي دعا سان اهو فقير ڪروڙ پتي ٿي ويو .

ڏوڪڙن کان سواءِ ايمان نٿو بيهي، سائين .

بيت

کريم سائل راغني کنند يک بار

دو بار لب نہ کشايد ابر بهار.

ڪريم سائل کي هڪ ڀيري ئي غني ڪندو آهي هڪ قطرو سپ کي جيڪڏ هن ڪڪر بهار جي ڪان ٻن ڇپن ۾ پيو تہ ٻيو ڀيرو چپ نہ کوليندي .

**نقل** (238) فقير غلام شبير ڪوري نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور اقدس ۾ وينو هوس تہ هڪ شخص جيڪو ٺارو شاهہ جو رهندڙ هيو. ان سائين جن کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين دعا گهرو تہ مون کي نوڪري ملي، پاڻ ان کي فرمايائون تہ نماز پڙهندو آهين. ان شخص عرض ڪيو تہ نہ سائين نماز نہ پڙهندو آهيان. پوءِ سائين جن فرمايو تہ مسلمان نماز نہ پڙهندا آهن تون نماز نہ پڙهجان. اهي الفاظ سائين جن ٽي دفعا فرمايا. ۽ ان شخص بہ ٽي دفعا نہ ڪئي. پوءِ پاڻ جلال ۾ اچي ان شخصن کي فرمايائون تہ اٿ نماز جا انڪاري جڏهن اهو شخص ٻاهر ويو تہ آئون بہ ٻاهر ويس ۽ ان کي چيم تہ سائين جن کان معافي وٺ. پوءِ ان شخص حضور انور ۾ اچي عرض ڪيو تہ قبلا سائين مون کي معافي ملي آئون نماز پڙهندس، پوءِ پاڻ راضي ٿيا ۽ فرمايائون تہ چڱو نماز پڙهندو ڪر. تون کي نوڪري ملي ويندي. انين ڏينهن وري موٽي اچجان. نقل ڪندڙ فقير ٿو چوي تہ آئون هڪ مهيني کان پوءِ درگاهہ شريف تي حاضر ٿيس تہ اهو شخص مون کي مليو. ۽ مٺائي سائين جن جي حضور ۾ پيش ڪيائين. ۽ چيائين تہ مون کي پنجين ڏينهن نوڪري ملي وئي هئي، پوءِ سائين جن ان شخص کي فرمايو تہ نماز ڇڏيئي تہ نوڪري بہ نہ رهندي .

**نقل** (239) فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي درگاهہ شريف تي سائين جن جي حضور انور ۾ قدم بوسي ڪري ويٺي رهيس، ان وقت

سائين جن فرمايو تہ وزيراعليٰ لياقت علي جتوئي اسان کي پاڙي نتو ڏي ان کان حڪومت کسي بي کي ڏينداسون نقل ڪندڙ فقير ٿو چوي تہ هڪ هفتو مس گذريو تہ لياقت علي جتوئي جي حڪومت ختم ٿي وئي

**اي عزيز:** الله سائين جلّ شانہ پنهنجي دوستن کي پنهنجي خدائي جو مختيارُ ڪيو آهي، بادشاھ کي گداگر بنائين تہ انهن جي مرضي آهي، ۽ جيڪڏهن گداگر کي بادشاھ بنائين تہ انهن جي مرضي آهي،

شاھ صاحب فرمايو آهي .

ويھ وجي تن وٽ قلم جن جي هٿ ۾
ميـٽـي انـگ اڳـيـان واري بيـو لکن
اڳيان محبوبن ڪڇڻ جاءِ نہ ڪنهنجي.

**نقل** (240) فقير غلا شبير ڪوري نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي آئون درگاھ شريف تي حاضر ٿي سائين جن جي قدم بوسي ڪيم تہ پاڻ شفقت مان مون کي فرمايائون تہ فقير مون کي زور ڏي، پوءِ مون سائين جن کي زور ڏيڻ شروع ڪيا. جڏهن اڌ ڪلاڪ کن زور ڏنم تہ پاڻ مون کي هڪ تاج شريف عنايت ڪيائون ۽ فرمايائون تہ تاج شريف وٺ ۽ ان کي پائيندو ڪر. پوءِ جڏهن آئون اها تاج شريف پائيندو هوس تہ ماڻهون منهنجي تمام گهڻي عزت ڪندا هئا. پوءِ آئون ان تاج شريف جو قدر ڪونہ ڪري سگهيس، ۽ اها تاج شريف مون کان غائب ٿي وئي جنهن جو مون کي تمام گهڻون افسوس ٿيو .

**اي عزيز:** اها تاج شريف جيڪا گنبذ حضريٰ سان مشابہ آهي، الله سائين جل شانہ پنهنجي محبوب حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم کي عطا ڪئي، ۽ سرڪار دوجهان صلي الله عليہ وسلم وري پنهنجي محبوب

مشورن واري سائين کي عطا ڪئي، ۽ مشورن واري سائين اهو سائو تاج شريف پنهنجي جماعت فقيرن کي عطا ڪيو آهي .

شاهه صاحب فرمايو آهي .

گر جا ڏني گو دڙي سامون کي تي مرڪ
چيلا ماري چرخ اوڍي ويهه ادب سين
گر جا ڏني گو دڙي سامون کي سهائي
نيئي رسائين ماءِ اوڍين جي ادب سين .

**نقل** (241) فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ سن 1986ع ۾ آئون بيمار ٿي پيس، خيرپور ميرس جي ڊاڪٽرن مون کي چيو تہ تو کي ٽي بي جي بيماري آهي، پوءِ آئون درگاهہ شريف تي آيس ۽ سائين جن جي حضور ۾ قدم بوسي ڪري ويٺس، ان وقت فقير غلام الله ميمڻ موري وارو مون سان گڏ هيو تنهن سائين جن کي عرض ڪيو تہ قبلا سائين هن فقير کي ڊاڪٽرن ٽي بي ٻڌايو آهي، تنهن تي سائين جن فرمايو تہ هن فقير کي ٽي بي ڪو نہ آهي، ڊاڪٽرن کي خبر نٿي پوي.......... نقل ڪندڙ فقير ٿو چوي تہ آئون جڏهن ڳوٺ آيس ۽ ايڪسرو ڪرايم تہ ڊاڪٽرن چيو تہ توکي ٽي بي ڪونهي .

**نقل** (242) فقير محمد ابراهيم مشوري نقل ٿو ڪري تہ منهنجي ڇوڪري سڪرنڊ واري ذڪري پير جا تعويذ ٻہ ٻانڌي هئي، پوءِ هڪ ڏينهن چيائين تہ آئون پنهنجي مرشد ڪريم مشورن واري سائين جا تعويذ ٻائيندس، جيڪي ڪتاب ۾ ڇوڪري جا رکيل هئا. پوءِ ڇوڪري صبح

جو اٿي ۽ چيائين تہ رات ميان سائين بادشاھ پاڻ مون کيٰ تعويذ پارائي ويا آهن، پوءِ مون ڪتاب ۾ ڏٺو تہ اهي تعويذ ڪونہ هئا.

**نقل** (243) فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين جن فرمايو تہ تيهري نماز کان سانجهي نماز تائين نہ کائو پيئو. اهو وقت شيطان جي کائڻ پيئڻ جو آهي، پر جيڪڏهن توهان تہ کائو پيئو ٿا صلوات شريف پڙهي دم ڪري پوءِ پلي کائو.

**نقل** (244) فقير ڪامل پٽي رهندڙ ڳوٺ حيات شاھ جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي سائين ميان سائين بادشاھ اسان جي ڳوٺ ۾ فقيرن جي دعوت تي تشريف فرمائيا، پوءِ مون خذمت اقدس ۾ عرض ڪيو تہ قبلا سائين مان بہ ان ڳوٺ ۾ آهيان سائين جن مهرباني فرمائين. پاڻ فرمايائون تہ فقير بي دفعي ڪڏهن ايندا سين ۽ توهان سان گڏ آهيون، پوءِ آئون ڏاڍو غمگين ٿي رات جو سمهي پيس ۽ ڏک ٿيم تہ مان مسڪين آهيان تڏهن سائين جن مهرباني نہ فرمائي، پوءِ رات جو خواب پيو ڏسان تہ سائين جن تشريف فرماتيا آهن، ۽ مون کي فرمايائون تہ فقير ڪاري ٻڪري تنهنجي نمر سان ٻڌل آهي تہ اسان کي سڀ خبر آهي ۽ جيڪي تنهنجي گهر ۾ ٿانو آهن انهن جي بہ اسان کي سڀ خبر آهي.

**اي عزيز**: ڪامل مرشد مريد جي هر حال اعمال کان باخبر ۽ گڏ هوندو آهي، مريد صادق اعتقاد توڙي هزارين ڪوھ پري هجي پر مرشد مڪمل ان سان هر حال ۾ گڏ ۽ شامل حال آهي.

گڏيو ويٺي گڏ سڄڻ ساھ پساھ سان
کهڙا ڪرين سڏ هھڙن هيڪاندن کي.

**نقل** (245) فقير غازي مري نقل ٿو ڪري ته حضرت قبلا سائين ميان سائين جن جي وصال مبارڪ کان پوءِ هڪ رات آئون خواب پيو ڏسان ته سائين نالي منا بادشاهه آيا ۽ مون کي فرمايائون ته تنهنجو ذڪر پاڪ وسري ويو آهي تون ذڪر شريف بيهر وٺ. پوءِ آئون ذڪر شريف وٺڻ جي ارادي سان درگاهه شريف تي حاضر ٿيس، پوءِ خبر پئي ته سائين نالي منا ڪراچي ويل آهن، پوءِ آئون ڏاڍو غمگين ٿيس، ۽ رات جو اتي ستو پيو هوس ته سائين ميان سائين بادشاهه خواب ۾ زيارت جي مهرباني فرمائي مون سائين جن کي حقيقت عرض ڪئي، پاڻ فرمايائون ته ذڪر شريف اهوئي ڪافي اٿئي باقي شريعت تي هل .

**نقل** (246) فقير محمد انور سومرو نوان جتوئي وارو نقل ٿو ڪري ته هڪ دفعي سائين جن ضلعي ٺٽي جي دعوتن تي اسريا هئا، پوءِ جڏهن ڪراچي ايئر پورٽ تي لٿا ته هن مسڪين حضور ۾ عرض ڪيو ته قبلا سائين منهنجي بابي جو بارهو آهي سائين جن مهرباني فرمائين، پوءِ پاڻ عرض قبول ڪيائون ۽ جڏهن دعوت ڪائي ٺٽي اسريا ته رستي ۾ مون دل ۾ خيال ڪيو ته سائين جن بابي لاءِ دعا ته نه ڪئي، مون کي اجان اهو خيال دل ۾ آيو، ته پاڻ هڪدم فرمايائون ته ابا ڪنهن جو بارهو هو. مون عرض ڪيو ته قبلا سائين منهنجي والد صاحب جو، پوءِ سائين جن اهڙي طرح دعا جي مهرباني فرمائي جو مون سمجهيو ته منهنجو والد صاحب مديني جي سرڪار جي حضور ۾ آهي .

**اي عزيز:** الله سائين جلّ شانه جي ولين جي حضور ۾ ويهجي ته دل کي وهمن جي خيالات کان پاڪ ڪري دل حاضر ڪري ويهجي، جو ته انهن جي اڳيان مخفي ڳالهيون به ظاهر آهن .

**بيت**

جام جهان نما است ضمير منير دوست
اظهار احتياج خود آنجاچہ حاجتست !

ان محبوب جي روشن دل جهان نما پيالو آهي اتي اظهار ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانهي .

**نقل** (247) فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي مون پنهنجي گهر واري سان اولهہ طرف منهن ڪري حق ادائگي ڪئي، ۽ پوءِ سمهي پيس تہ خواب ۾ حضرت قبلا ميان سائين بادشاهہ جي زيارت ٿي، پاڻ مون کي فرمايائون تہ اڳتي اهڙي بي ادبي نہ ڪجانءِ .

**نقل** (248) فقير محمد انور سومرو نقل ٿو ڪري تہ منهنجو پاءُ فقير غلام حيدر جنهن جي نوڪري هڪڙي پراجيڪٽ ۾ هئي، پراجيڪٽ بند ٿيڻ جي ڪري ختم ٿي وئي جنهن کي ڪافي عرصو گذري ويو، پوءِ سائين جن جي حضور ۾ عرض ڪيائين تہ قبلا سائين نوڪري ختم ٿي وئي آهي، سائين جن مهرباني فرمائين تہ نوڪري واپس ملي، سائين جن فرمايو تہ گهڻان ماڻهون هئا. فقير عرض ڪيو تہ ٽي چار سؤ ماڻهون هئا، پاڻ فرمايائون تہ ابا جاڙي جڳہ سان فقير وري عرض ڪيو تہ قبلا نہ جڳہ جاڙيءِ سان پوءِ پاڻ شفقت ۽ ٻاجهہ مان فرمايائون تہ چڱو جڳہ جاڙيءِ سان..... سبحان الله مالڪ جو شان فقير کي نوڪري بہ ملي پروميشن بہ ٿيو ۽ پوٽا بہ لک ڊفرنس بہ مليو، ۽ فقير جي ڪري سيني ماڻهن کي نوڪري ملي فقير کي ماڻهن چيو تہ فقير فقط تنهنجي ڪري اسان کي نوڪري ملي آهي .

**نقل** (249) فقير غازي مري نقل ٿو ڪري تہ منهنجو شاگرد مقبول احمد ملڪ مون وٽ قرآن شريف پڙهندو هو، پر پڙهڻ جو شوق نہ هوس هڪ

ڏينهن پڙهندو هو تہ ڇهہ مهينا غائب هوندو هو. پوءِ مون درگاهہ شريف تي حاضر ٿي سائين جن جي حضور اقدس ۾ اهو عرض گذاريو. پوءِ پاڻ شفقت جي نگاهہ مبارڪ فرمايائون ۽ تعويذ مبارڪ عنايت ڪيائون تہ وڃين پياريوس، پاڻهي قرآن شريف پڙهڻ شروع ڪندو. پوءِ سائين جن جي دعا سان ڪجهہ ٽائم ڪان بعد هڪ مهيني ۾ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيائين . " سبحان الله"

**نقل** (250) فقير غلام شبير ڪوري رهندڙ پراڻا جتوئي جو نقل ٿو ڪري تہ هڪ دفعي منهنجو گهر ڪرڻ تي هو. ۽ مسڪيني حالت جي ڪري نهرائڻ جي توفيق ڪانہ هئي. پوءِ مون درگاهہ شريف تي حاضر ٿي سائين جن جي حضور ۾ اهو عرض پيش ڪيو. پاڻ خوشطبعي ڪندي فرمايائون تہ منهنجي گهر جو پلاٽ بہ رهيو پيو آهي ان تي ست لک روپيہ خرچ ايندو. اهو الله سائين ڪان وٺندس ۽ تنهنجي لاءِ ڇوڏهن لک الله سائين ڪان وٺندس. ۽ توکي ڏيندس پوءِ تون وڃين گهر نهرائجان. پوءِ آئون ان ڪان بعد سائين بادشاهن جي روضي شريف تي حاضري ڏئي جڏهن واپس سائين جن وٽ آيس. تہ پاڻ فرمايائون تہ فقير ڏوڪڙ نہ گهر منهنجو ذمون آهي تنهنجي گهر جي جاءِ نہ ڪرندي مٿان وڃين هٿ هڻيس .....
نقل ڪندڙ فقير ٿو چوي تہ اهو گهر پنجويهہ سال هليو 1992ع جي برساتن ۾ بہ نہ ڪريو جنهن ۾ پڪا بنگلا بہ ڪري پيا هئا .

تمت بالخير

**اي عزيز:** هي مرشد ڪريمن جو نظر فيض اثر آهي

جو ملفوظات شريف جو ٽيون حصو مڪمل ٿيو. جيڪڏهن حياتي وفا ڪئي تہ انشاءَ الله تعاليٰ چوٿون حصو بہ جلد مڪمل ٿي اوهان عاشقن ۽ محبت وارن جي هٿن ۾ هوندو.

طالب دعا

سگ در آستانۂ عاليہ درگاھہ مشوري شريف فقير غلام رسول عفي عنہ

حضرت قبلا سائين ميان سائين بادشاھہ جون چيل ڪجھہ ڪافيون، جيڪي پاڻ حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي عشق ۽ محبت ۾ چيون آهن، شاعري ۾ سندن جو تخلص " حزين " يعني ڏکويل آهي .

## ڪافي "1"

ٿلهہ: منهنجو آهي اديون منو مننار مديني ۾
هيئي جو هار ۽ سردار سوسالار مديني ۾ !

1: خدا جي ملڪ جو مالڪ
۽ مظهر ذات حق جي جو
جيڪو ڪونہ مڪان جو والي
سو آ دلدار مديني ۾.

2: ورهائيندڙ ظاهر باطن
خدا جو فيض دنيا ۾
ورهائي جو ڏئي سڀ کي
سو آ غمخوار مديني ۾.

3: " حزين " کي ڪانہ اڳتي
ڪنهن پلڪار هٿ هٿ جي
جڏهن منهنجو وينو آهي
سڄڻ آ ذار مديني ۾.

## ڪافي "2"

ٿلهہ: هيڪر قسمت منهنجي وار نبي
مون کي پنهنجو مدينو ڏيکار نبي.

1: رهبر روز هتي وينو كيهون كيان
تنهنجي عشق ۾ وينو ريهون كيأن
پر كا كوتي قسمت كيئ كيأن
جوتووث پهچي نئو سگهان دلدار نبي
2: سچڻ تو كان سواءِ نہ قرار اٿم
اكيون منڙي مديني لئي زار اٿم
سڪ سورن كيو مون كي تار اٿم
لاهي بار سيئي كر پار نبي.
3: علي محمد در جو غلام اٿئي
هي "حزين" ذكريل سام اٿئي
منا مدني مولا جو ناءُ اٿئي
دنيا عقبيٰ ۾ نہ كر ذار نبي.

**كافي "3"**

ٿلهہ: مون كي تنهنجو كپي ديدار سڄڻ
مون كي مفت غمن ۾ نہ مار سڄڻ.
سكان تو لاءِ هت راڙو اٿم
تنهنجي جدائي كيو ساڙو اٿم
ڳري هياںءِ تو لاءِ توكيو ماڙو اٿم
كر رحم مون تي منهن ڏيكار سڄڻ
2: ايڏي بي ترسي دلدار نہ كر
پهرين پيار ڏئي پوءِ ڏار نہ كر
وجهي غمن اندر ناز نہ كر
اڄ مون سان كركا گفتار سڄڻ.

3: " حزين" کي محب مناتون ماري وئين
گڏي سوز سورن ۾ تون ساڙي وئين
ويتر باھ برھ جي ٻاري وئين
اڄ تہ ويھ گھڙي دل نار سڄڻ.

### ڪافي "4"

ٿلھ: تنھنجي عشق سڄڻ مجبور ڪيو
سوگھو ساھ جسم ھي سڀ چور ڪيو.

1: تنھنجي فرقت آھي ديوانو ڪيو
تنھنجي محبت آھي مستانو ڪيو
تنھنجي سورن ڏاڍو ساڻو ڪيو
ڪبي ھوش عقل مخمور ڪيو.

2: تنھنجي سھڻي صورت جڏھن ياد پوي
منھنجا نيڻ ٿمن پيو نير وھي
بيمار بدن ۾ ھي جسم ڍھي
مون کي پاڻ کان پرين نا دور ڪيو

3: ٻڌ " حزين " جون ھي ٻڪارون منا
من ڪن تي پونئي ڪر ڪارون منا
پري پير پرين سگھو اڄ بھر خدا
ماند ومن کي تنھنجي سورن ڪيو

### ڪافي "5"

ٿلھ: منھنجو آھي پنھل سان پيار اديون
ويھي ڪينءَ وساريان سومنار اديون

1: منھنجو جيءُ تہ جڙيو مدني منار پنھل

راتيان ڏينهان ويئي ساريان پنهل
سسئي جان سورن ۾ پئي گهاريان پنهل
من کو کوهيارل ڪري آر اديون

2: پنهنجو پاڻ عربيءَ لئي ماريندس
جهر جهنگ جبل ۾ گذاريندس
وجين ووڙي دل کي ٺاريندس
ڪسي جيڪو ويو غمخوار اديون

3: منهنجي ڪاڻ سري مدني يار بنا
ڏکيا ڏينهن لنگهن دلدار بنا
پئي نير وهايان سرڪار بنا
اڄ ياد پيو م سردار اديون

### ڪافي "6"

تلهه: جي گهرين مولا ملڻ تون مل مشوري يار سان
فاذ ڪروني رمز ۾، اذڪر ڪم جي اسرار سان !

1: سبق پڙهه وحدت سندو غير جو گم ڪر ڪنڌو
وحده هڪڙو آهو، رک خيال تون غمٽار سان !

2: پنهنجو وجائي آڻ هو، وڃ ۾ نہ آڃ دوئي جي بوءِ
هڪڙو مشوري هو بهوءِ، لحمڪ لحمي لار سان !

3: پاڻ گم صورت ۾ ٿي، دڳ ٿئي سڌو غافل نہ ٿي
پاڻ محويت نہ ٿئي، گهاريل ڪنهن اغيار سان !

4: جي پڪ گهرين تان پڪ ڏيان، شڪ کي نہ آڃ درميان
هيءَ ڳالهہ صافي ٿئي عيان، هيءَ ڳالهہ ٿئي اقرار سان !

5: " حزين " حڪايت هيءَ ڪئي مخفي جا هئي ظاهر ڪئي
ان ڪان وڌيڪ پيو چا ٿئي، خاموش رهہ خمار سان .

## ڪافي "7"

تلهہ: آهين اللہ هيئن اللہ، هوندين باقي اللہ اللہ

آهي سيڪنهن هنڌ، تون ڇو نہ ٿو ڳولهين الله الله !

اللہ هت تئي هر هند تئي

ٻن ٻن ۾ تئي وڻ وڻ ۾ تئي

اندر تئي باهر تئي

هيٺ مٿي سڀ اللہ اللہ

نور منور چمڪا ڏيندڙ

من موهيندڙ رنگ چڙهائيندڙ

برن بحرن ۾ شعلا ڇڏيندڙ

جاتي ڪاتي اللہ اللہ

رهبر ڳولهين ڇو نہ اٿئي مشوري

جيڪو وٺي ويو دل آزوري

يار وٺين ڇو نہ ٿو پوري

پاڙهي جو وينو اللہ اللہ

" حزين " ڪو تون اللہ اللہ

ٿي وڃ تون گم وڃ الله

پڙهہ پيو تون اللہ اللہ

اللہ ڪندڙ مليا اللہ

مخدوم احمد آگرو لائبریری
کتاب نمبر ____
سیریل نمبر ____
میہڑ

HOMOEOPATHIC
DR. AHMED RAZA AGRO
D.H.M.S. R.H.M.P
Bagh-e-Madina Colony. MEHAR
Mob: No. 0307-2688799